


ڳالهه - ڳالهه ۾ ڳالهه

(سُمرتي پُستڪ)



ليکڪا :

ڪانتا - ايس - ايسراڻي 'آننت'



لڑکا دکان سے پڑیا لے سوتا ہے
لڑکا کے راہ دیکھنا، پیسہ پیدا ہو گیا

ڳالھ - ڳالھ ۾ ڳالھ

(سمرتي پستڪ)

رچناڪار :

شريمتي ڪانتا سترام ايسراڻي ''آننت''

۲۱- نيو ڪريئيشن سوسائٽي، ۴ ماڙ، روڊ نمبر ۵، کار، بمبئي- ۴۰۰۰۵۲.

ڇپائيندڙ ڊاڪٽر عالم، ڊاڪٽر ڪوڙومل چنديراماڻي- ممبئي.

۽

ڊاڪٽر شريمتي ديوي- عالم چنديراماڻي- ممبئي.

ڇاپو پهريون - قيمت : ٦٠ رپيا سال : ۲۰۰۵

ترتيب ۽ سهيڙ : ڪمل ڪيولراماڻي- پياسي،

احمدآباد- ۳۸۰۰۵۴. فون : (گهر) ۵۵۲۲۴٦۰۲ (۰۷۹)

ڇپيو : گرديو پرنٽنگ پريس،

ديوالي بزار، ڪبيرنگر، احمدآباد- ۳۸۲۳۴۰.

GHAAL - GHAAL MAY GHAAL

(Collection of Short Stories-fock stories-easys & Poems)

By :

Kanta S. Israni

Published by :

Dr. Alim K. Chandiramani & Dr. Devi A. Chandiramani

In the Memory of their father Dr. K.M. Chandiramani

ڪتاب ملڻ جو هنڌ :

شريمتي ڪانتا سترام ايسراڻي ''آننت''

۲۱- نيو ڪريئيشن سوسائٽي، ۴ ماڙ، روڊ نمبر ۵، کار، بمبئي- ۴۰۰۰۵۲.

...ڀاڳ

زندگيءَ جو پيچرو ئي اهڙو آهي جتي قدم اڳتي ۽ اڳتي وڌندو رهندو آهي. اِنسان
...ي خواهش به ان طرح جي هوندي آهي. هڪ پوري ٿيندي آهي ته ٻي ان جي جاءِ
...ريندي آهي. انسان ڪڏهن به ترپت ٿيڻ وارو ناهي. پل پوءِ چوندو هجي ”هن کان پوءِ
...س“، ويچار اِنسان ۾ ڪرانتي آڻيندا آهن ۽ ان طرح جو انقلاب ايندي ئي ان مان هڪ
...ڪرشمي جو آغاز ٿيندو آهي. اِنسان اگر سانت ويٺو رهي ته جيڪر پاڻ به اُداس ٿي پوي.
...ڪيلائپ به ان طرح هڪ بيماريءَ جي طرح آهي.

مونکي خوشي آهي جو پيڻ ڪانتا پاڻ کي ان ڏِشا ۾ ڪنهن طرح پاسي رکيو آهي.
...سندس انترهه ڪرڻ ۾ ڪا روحاني ذات جلندي ٿي رهي ۽ اها ئي سندس ويچار کي
...لوڙي ٿي ۽ قلم سندس هٿ ۾ اَچي ٿو وڃي ۽ پوءِ سندس لکڻ جي رفتار چالو ٿي ٿي
...جي، ان حالت ۾ هن ڪڏهن به اهو سوچيو ناهي ته هوءِ ڪيڏي مهل ٿي لکي، ڪيترو
...قت ٿي لکي ۽ ڇا ٿي لکي. هوءِ لکندي ويندي آهي، جڏهن سندس چت ڪيس ولوڙيندو
...آهي ۽ ان مان جيڪو مکڻ نڪري ايندو آهي، ان کي چٽڻ لاءِ هرڪو خواهشمند رهندو
...آهي.

”ڪنائون ۽ ڪنائون“ ڪتاب جي ڪاميابيءَ کان پوءِ سندس چاهنا هئي ته هوءِ هڪ
...يو ڪتاب به شايع ڪري. ان ڏس ۾ هن پنهنجي پوجنيه پتا ڊاڪٽر ڪوڙومل چنديراماڻي
...جي ياد ۾ پنهنجي ڪٽنب ۽ پريوار جي سهاءِ ۽ سهيوگ سان ”ڳالهه - ڳالهه ۾ ڳالهه“ جو
...هڪ دستخط تيار ڪيو، جنهن کي ڇپائڻ لاءِ سندس ماءُ ڊاڪٽر عالم - ڊاڪٽر ڪوڙيمل
...چنديراماڻي ۽ شريمتي ديوي عالم چنديراماڻي ڪيس پورو پورو سهڪار ڏنو. هن ڪتاب
...اندر هن پنهنجي ساري ميڙي چونڊي ساهتيڪ پونجيءَ کي هڪ هنڌ ڪٺو ڪيو آهي.
...البت پاڻ جي ڪوتاهيءَ ڪارڻ ۽ سنڌي ٻوليءَ جو واهپو ڏينهون ڏينهن گهٽ ٿيڻ
...ڪارڻ هن اڳ هُڏِ ٻُڏِ پئي ڪئي، پر مون ڪيس ائين صبر ڪرڻ ڪين ڏنو تان جو هيءُ
...ڪتاب توهان جي هٿن تائين پهچي ويو.

- ڪمل پياسي

Address :

KAMAL KEWALRAMANI-PYASI

A/9/52-53, Goyal Intercity

Drive-in Road, Thaltej,

Ahmedabad-380054.

Phone : (R) 079-55224603



ڪمل پياسي

سلسلو

language.

i) Shandaar Zindgi

ii) Saphalta Jo Marg (Chart your way to success)

will be rememberd as a mark of memory of this noble saint wh became a iegendary figure in his life time.

Baba possessed Fine qualities of head and heart, love and compas sion for poor, simple vegetarian food habits, dedication to the unde priviledged and his insistence on yoga and pranyam breathing exercise earned him world wide name and fame which is unparalled in the his tory of mankind.

Last but not least, when Baba departed, he had no grief on his face no desires left in the world, but a sweet smile on his face, a cheer on hi lips and divine vision in his eyes till the end. His consciousness an awareness was phenomenal.

He wished "Good bye" to the family members not in words but b actions of kisses, embraces, blessings by touch of his holy hands on ou heads and the final message was "BE ALWAYS OBLIGING AND MER-CIFUL IN LIFE." He wanted to communicate with us but as his words could not be comprehended, he asked for pen and paper to write. Thus he left us sad and forlorm and we kept on gazing at him and like an angel. he disappeared forever from us.

Such human beings are not born often and therefore, they are rightly worshipped as "Saints and Avtars and he is one of them."

Baba has now joined brahma-vishnu and Mahesh and will be ever remembered by generations and generations of Chandiramani family of which he was an icon figure.

"GOD BLESS THE SOUL"

Fondly remembered by
Smt. Radha K. Belani and family
Dr. Devi & Dr. Alim and family
Kanta and Satram Israni and family
Sarojini and Manohar
Asnani and family
Brahamkumari Indra
(Dr. Indu Bhen)

Dr. A.K. Chandiramani
M.S. (Bom) F.I.C.S.
Dr. (Mrs.) D.A. Chandiramani
M.B.B.S., D.G.O., D.F.P.
DR. CHANDIRAMANI'S HOSPITA
Renuka, Near Nationl College,
Linking Road, Bandra, Mumbai-400050.
Phone : 26425292-26428664
*** Resi. : 26497330-26460179**
Email : chandi@bol.net.in

"MEN ARE NOT BORN GREAT BUT" "THEY BECOME GREAT BY THEIR ACTIONS AND CHARACTER" "ONE OF THEM WAS"

"DR KAUROMAL MENGHRAJ CHANDIRAMANI" WHO PROVED HIS WORTH BY BAGGING "GUINNESS WORLD RECORD"

"AS THE OLDEST WORKING GENERAL PRACTITIONER WHO RACTISED AS A DOCTOR TILL THE AGE OF 100 YEARS"

He set his record on this planet in Feb 2004 and was presented with certificate issued from London.

When asked,how he felt about it, Dr. Kauromal Whom we lovely ldressed as Baba, said that, "I did not aspire for it, nor I expected this onour being conferred on me by the world body". Further, he said, "It ould be because of my long stint of medical service to the poor paents."

Baba's contribution to medicine and medical profession was unique r he was also rewarded as the outstanding doctor of the year 2004 on e Doctor's Day by Sushil Kumar Shinde honourable chief minister of aharashtra at Bombay Hospital where he was felicited by the Indian edical Association.

A few will be knowing about the fact that Baba lived through three nturied. born on 9th May, 1899, at Sahduja Taluka Moro Dist. awabshah in Sind which was the province in erst while pre-indepenent India.

Baba crossed over from 19th century in which he was born, cometed 20th century in full and breathed his last in 21st century on 13th ec. 2004 at the age of 105 years, seven months and four days.

His loss is not only to the family in which he was born, but to the tion, country and the world at large for his exemplary qualities of ous and saintly life that he lived.

Baba's contribution to Sindhi literature for publishing his teachings Sindhi newspaper and his translaion of two english novels into sindhi

دادا ڊاڪٽر ڪي. اين. چنديراماڻي

- ڪانتا ايسراڻي (ايشوري)



دادا تمام سادي نموني جيون گذاريندا هئا. پنهنجي ڪپڙي لٽي ۽ کاڌي پيتي ۾ تمام سادا هوندا هئا. هو پورا مهاتما گانڌيءَ جا پوئلڳ هئا. ٢٢ سال کاڌي پاتائون. پنهنجي ڪٽنب جي ڀاتين کي دک سک ۾، شاديءَ لاءِ خرچ، ۽ پڙهڻ لاءِ مدد ڪندا هئا. ٻين کي به نياڻين جي شاديءَ ۽ پڙهڻ لاءِ مدد ڪندا هئا.

اسان جي ماءُ جو ديهانت ٢-٥-١٩٤٤ تي موري ۾ ٿيو. تنهن کان پوءِ اسان جو گهر ٽٽي پيو. دادا جي دل ٽٽي پيئي. وري گهر ڪونه ٺاهيائين چوندو هئو ٺُنهن اچي گهر ٺاهيندي. ڊاڪٽر هئڻ جي ناتي دادا جون پيون بدليون ٿينديون هيون. دادا پنهنجي پٽ تي سارو پيار ۽ لاڏ اوتيو، جو هن کان اڳ ۾ به ننڍا ڀائر هئا، سي ننڍي هوندي ئي ڀڳوان کي پيارا ٿي ويا. منهنجي ڀيءُ پٽ سان خوب نباهيو. پٽ ۽ ٺُنهن به دادا سان نياڻن جي موت ڏني، اُنهن به پاڻ وسان ڪين گهٽايو. اسان چار ڇوڪريون تہ پرائي امانت هيوسين.

دادا سڄي عمر ويشنو رهيا. ڪڏهن به ماس مڇي، ٻيڙي تماڪ، بيدو ۽ شراب کي هٿ نہ لاتائون ۽ روز نت نيم سان ڪسرت، يوگا، پراڻايام وغيره ڪندا هئا. پنڌ به جام ڪندا هئا. دادا چوندا هئا تہ هميشهہ اِنسان کي محنت ڪرڻ گهرجي، جيڪو ايشور ڏئي تنهن تي راضي رهڻ گهرجي. ٿوريءَ ڪئيءَ گهڻي برڪت ۾ دادا جو وشواس هو.

Simple living, high thinking & work is workship

دادا پنهنجيءَ وڏي عمر لاءِ چوندا هئا تہ اها تہ ايشور جي دين ۽ مهرباني آهي، جو مونکي اڄ به تندرست رکيو اٿس. وڏيءَ عمر لاءِ اِنسان کي ڪجهہ نيم پالڻا پوندا آهن، جي دادا بخوبيءَ پاليا.

سنڌ ۾ بيمارين جو پورو علاج ڪونہ هو، انهيءَ ڪري ويچارا لوڪ بيوقتي موت جو شڪار ٿيندا هئا. انهيءَ ڪري دادا وديا وٺي ڊاڪٽر بڻجڻ جو خيال ڪيو،

ڪُوڪ قلم جي

مان فخر سان چئي سگهان ٿي تہ مان سنڌڻ آهيان. منهنجي ماتڀاشا سنڌي آهي، منهنجو چوڌر جو ماحول سنڌي آهي. جت مان رهان ٿي اُتي ڪيترائي سنڌي گهر، سنڌي مندر، ٽڪاڻا ۽ درٻاريون منهنجي گهر جي اردگرد آهن. مان اُتي پير پير ويندي آهيان. چاهہ سان ستسنگہ ٻڌندي آهيان، ڪڏهن تہ مان اُتي سنڌي ڀڄن بہ ڳائيندي آهيان.

مون گهر جي جوابدارين کان ڪڏهن بہ منهن نہ موڙيو آهي. گهر جي رڌڻ پچائڻ لاءِ مان نوڪرياڻي رکڻ پسند ڪين ڪيان، جيتوڻيڪ سائين ۽ سيڪي ڏنو اٿم. نڪمٽي ٿي ويهي اِجايا خيال پچايان اهو ڪين وڻيم ۽ وري ڪٽي ريل چيل گهمڻ بہ سٺو نہ لڳندو اَٿم. البت شام جو پنڌ ڪرڻ تہ وڃان، پر گهر جي روزاني ۽ وڌ گهٽ ڪي بہ منهن ڏيان، وڏيل عمر جي لحاظ کان منجهند جو آرام جي ضرورت محسوس ڪندي آهيان.

جڏهن بہ ستسنگہ ۾ وڃان تہ ستسنگہ ۾ ٻڌل ڪهاڻيون ياڻ وٽ لکي رکان ۽ پوءِ ٿيي ٺاهي سڌاري اخبارن ۾ ڇپڻ لاءِ موڪليان. ڪنهن سان خط و ڪتاب ڪرڻ ۾ وڏيڪ آنند ايندو اَٿم. فون تي حال احوال ڏيڻ ڪي مهتو گهٽ ڏيان. پوءِ ائين ناهي تہ مان ڪنهن سان فون تي ڳالهايان ئي ڪين. فون تي بہ پيار سان پيار جي موٽ ڏيان. البت خط ۾ نہ رڳو دل جو حال اوري سگهان، پر سندن احسان مڃان تہ سندس مليل قرب جو اظهار بہ ڪيان. سيتا سنڌو ڀون جي پروگرامن سان بہ نينهن اَٿم. ان طرح لکڻ چڻ تہ مون لاءِ هڪ شغل بڻجي پيو آهي.

منهنجو پهريون پستڪ ”ڪٿائون ۽ ڪٿائون“ عام ۾ ڏاڍو پسند پيو ۽ مونکي ڍير سارا همٿ اَفزائي جا خط ۽ فون تي واڌايون آيو. اهو ڪتاب ستسنگہ جي ڪٿائن جو ئي سنگرهہ هو. ان کان متاثر ٿيندي مون ٻئي ڪتاب لاءِ ڪوشش ڪئي جنهن لاءِ مان ڀائو ڪمل پياسي ۽ جي شڪرگذار آهيان، جنهن مونکي ساهتيڪ منزل ڏانهن وڌڻ سيکاريو ۽ هن ئي ستسنگ جي ڪٿائن جو سنگرهہ تيار ڪرڻ لاءِ راهہ ڏني. مان خود محسوس ڪيان ٿي تہ ستسنگہ ۾ وڃڻ سان دل جا مونجهارا مٽجن ٿا. ڪٿنايون سهڻ جي شڪتي ملي ٿي ۽ جيون ۾ پريم، شرڌا ۽ وشواس وڌي ٿو، اگر ڪنهن بہ اِنسان ۾ اُهي ٿي گڻ آهن تہ هو سولائي ۽ سان سنسار ساگر کي پار ڪري سگهندو.

ساهتيڪ جڳت ۾ هيو ڪتاب پيش ڪندي مان ائين نہ ٿي سمجهان تہ مان ڪو قابل ٿي ويئي آهيان. منهنجي قابليت جو مدار تہ پڙهندڙ تي آهي. ممڪن آهي تہ ڪي غلطيون بہ ٿيون هجن، پر جو ڪجهہ بہ آهي، هاڻ اُوهان جي هٿن ۾ آهي.

- ڪانتا-سترام - ايسراڻي ’اَننت‘



جهولڻ جهولي لعل بيڙا لڳائي پار

دادا جا اَشٽ ديو، دادا جو وشواس هو تہ هو اُڏيريلعل
جي ساڳيءَ نُک 'پڳر' جا آهن، جنهن ڪري هو جهوليلال جي خاندان مان آهن.



درويش دادا ڊاڪٽر ڪوڙومل
(جنم : ٩-٥-١٨٩٩ سرڳواس : ١٣-١٢-٢٠٠٤)

جيئن بيمارن کي موت جي منهن مان بچائي کين شفاياب ڪري سگهي. دادا ۱۰۰ سالن تائين ڊاڪٽري هلائي. دادا جي اسپتال کي غريبن جي اسپتال ڪوليندا هئا جو دادا غريب مريضن کان بلڪل ٿورا پئسا وٺندو هو. ڪي اهڙا به غريب هوندا هئا جو ڪي ته رپيا به دوا لاءِ ڪانه ڏيئي سگهندا هئا. دادا پنهنجي پٽ جي هاسپيٽل مان قيمتي دوائون ڪڍي غريب گهرجائو بيمارن کي مفت ۾ ڏيندا هئا. ڪڏهن ڪنهن ڪارڻ يا بمبئي کان ٻاهر رهڻ جي حالت ۾ مريض منهنجي پاءُ جي هاسپيٽل ۾ دادا کي ڳولهڻ لاءِ پهچي ويندا هئا. هڪ واقعو اهڙو به ٿيو، جيتوڻيڪ اهو هڪ نه، پر اهڙا گهڻا واقعا آهن. هڪ ڏينهن دادا جيئن مريض کي جاچي، دوائون وغيره ڏنيون ته مريض چيو مون وٽ پئسا ڪونه آهن. اها ڪا نئين ڳالهه ڪين هئي، دادا چپ رهيو. هيڪاري ان ماڻهوءَ چيس ته ”ڊاڪٽر صاحب توهان مونکي ۲۰۰ رپيا ڏيو.“ دادا وائڙو ٿي ويو، هڪ ته دوا جا پئسا ڪونه ٿو ڏئي، هيو وري ۲۰۰ رپيا ٿو گهري. هن ڪارڻ ٻڌايو ته مان ڏنڊو ڪندس ۽ پوءِ آهستي آهستي پئسا واپس ڪندس. دادا ته نرم دل هئا. چيائون ته اچ ته ڪونهن، سڀاڻي ڪٽي ايندس. دادا پاڻ وٽ پئسا رکندو ڪونه هئو. جو دادا جون گهرجون ئي ڪانه هيون. گهر ۾ جڏهن پٽ ننهن سان ڳالهه ڪيائين ته ڪلڻ لڳا، چيائونس ته ”توهان ائين پئسا ڪيئن ڪيڏي ڏنا. ڀلا ان ماڻهوءَ کان گهر جو پتو وغيره ورتو؟“ دادا چيو، ”مان پتو وٺي ڇا ڪندس؟ مونکي سندس گهر وڃڻو آهي ڇا پئسن وٺڻ لاءِ؟“ وقت گذرندي دادا ڳالهه ڪئي ته ان ماڻهوءَ سڀ پئسا آهستي آهستي موٽايا. اهڙو هو اسان ڏياوان دادا.

۲۰ سالن جي عمر کان وٺي داد جو جنم ڏن سندس گهر وارا گهر ۾ شانت واتاورڻ ۾ سک، شرڌا ۽ عقيدت سان ملهائيندا هئا. جڏهن ۱۰۰ سال پورا ڪيائون ته منهنجي پاءُ وڏيءَ ڌام-ڌوم سان دادا جو جنم ڏن ملهايو. ۵-۶ فنڪشنس ڪيائون، سيني مٿن مائٽن ۽ سنڌي پنچايتن کي نوتو ڏنو ويو هو. ڪيترا مٽ مائٽ ٻاهران به آيا هئا. دادا کي هار ۽ شالون پاتائون. ڪيترا فوٽا به نڪتا. ٽي-وي- ۾ دادا کي هٽ هندستان ۾ توڙي ٻاهر ڏيکاريو ويو. سڀ مٽ مائٽ ڏاڍا خوش ٿيا. دادا جو جنم 1899 ۾ 9th May تي ٿيو هو. man of 3 Centuries dada was a دادا ٽي صديون ڏٺيون.

دادا جي گهر ۾ سڀ ڊاڪٽر آهن. دادا کي پنهنجي سنڌي ٻوليءَ لاءِ اٿاهه پيار آهي. هن جا سنڌي ليک هفتيوار هندواسيءَ ۾ ايندا هئا. هن ٻه ڪتاب

ريزيءَ مان سنڌيءَ ۾ ترجمو ڪيا. جنهن جا نالا هئا. ١- شاندار زندگي، ٢-
لتا جو مارگ. دادا جهوليلال جو پوڄاري هو. درياشاهه ۾ وشواس هوس. جهوليلال
پچڻ ٻڌندا هئا ته پاڻ به خوشيءَ ۾ تاڙيون وڄائي آيولعل جهوليلال ٻيڙا ئي پار
ندا هئا. دادا فخر سان ٻڌائيندا هئا، ”اسان جا وڏا چوندا هئا ته اسين جهوليلال
وَنش مان آهيون. جهوليلال جي فئمليءَ جي نُک ۽ اسان جي نُک ساڳي پڳر
ي.“ دادا پاڻ کي جهوليلال جي فئملي جو سڏائيندي خوشيءَ ۾ اچي ويندو هئا
سندس مُکه تي هڪ عجيب قسم جي سرهائي هوندي هئي.
دادا کي هڪ پياري پوٽي آهي ڊاڪٽر منجو، جا هر وقت دادا کي ”ميرا
لا، ميرا بابلا“ چئي پيار ڪندي هئي ۽ ڀاڪر پائيندي هئي، ”بابا، ممي ڪهان
ه“، بابا چوندو هو، ”تنهنجي ماڻهين ڊاڪٽر آهي نه، مريضن کي ڏسندي
ندي انهيءَ ڪري وقت لڳو اٿس.“ منجو روز پڇي، ”بابا ممي ڪهان هئه؟“
بابا جو اهو ئي ساڳيو جواب. هڪ ڏينهن جيئن منجو گهر ۾ آئي، ڏسي ته ممي
۾ ئي گهر ۾ ويٺي آهي، سو خوش ٿي چيائين، ”بابا اڄ ماڻهين ٻئي هئه.“
ا کلي جواب ڏنس ته ”تنهنجي ماڻهين آهي منهنجي نه.“
Feb. 2004 ۾ دادا جو نالو گنيز بوڪ ۾ آيو. سڀ سنڌي ڏاڍو خوش ٿيا ۽ سڀ
ڪٽر به خوش ٿيا. سنڌي قوم لاءِ اها نهايت ناز ۽ فخر جي ڳالهه هئي جو اهو
ڪٽر اسان سنڌي قوم جو هو. پوءِ ته چوڌاري ڌوم مچي ويئي. دادا جا مان-
سمان ٿيڻ لڳا. ٽي. وي. وارا، اخبارن وارا روز اِنٽرويو وٺڻ اچن. دادا کان ايترا
وال پڇندا هئا ۽ دادا جا جواب ٻڌي دنگ رهجي ويندا هئا. اسان جون سنڌي
نچايتون به دادا جو مان-سنمان ڪرڻ لڳيون. ڪيترن کي ته منهنجو ڀاءُ جواب
يندو هو، چوندو هو ته ”اسان دادا کي ٿڪائڻ ڪونه ٿا چاهيون. توهان کي دادا
ن ملڻو هجي يا مان-سنمان ڪرڻو هجي ته پلي اسان جي نرسنگ هوم ۾
جو.“ پوءِ ته ڪيترين پنچايتون دادا کي هاسپيٽل ۾ هار، سوکڙيون ۽ شالون
ڏي ويندا هئا. پاڻ سان ڪئميرائون آڻيندا هئا. ائڪٽر سنيل دت به پنهنجا
ٿهو، هار، شال، ڪئميرا کڻي آيو. ڏاڍي سٺي نموني دادا سان کليو ڳالهيو، پوءِ
دا جي پلنگ تي سمهي چيائين ته منهنجي پَلس ۽ بلڊ پريشر ڏسو. دادا سنيل
و بلڊپريشر ۽ پَلس ڏلي. جام فوٽا نڪتا. پڇاڙيءَ جو دادا کي چئي ويو ته ووٽ
نکي ڏجو، ڇو ته اسان جو دادا به پڪو ڪانگريسي هو.
دادا جو جنم دن 9th may تي ٿيندو آهي. جيئن ته هن سال دادا جو نالو

پڇاڙيءَ جو دادا جو ڪاڏي تان اوراه ڪجي ويو. پٽ ۽ ميون جو رسون به دل سان
ولندو هو. دادا ليڪ هوندو هو ته دال، پڪوڙا، مناڻ ۽ سيرو وغيره دل سان
ئيندو هو. هر آرتوار تي عالم دادا ڪي دال پڪوان ۽ سيرو آٽي ڏيندو هو، جو
اڍي چاهه سان ڪائيندو هو. ڪڏهن دادا آيا کي چوندو هو ته آج ڪانا نهين
اهيئي. آيا چوندي هئي ته بابا، پڪوڙا بنائون؟ پڪوڙن جو ٻڌي دادا جي مکه
ي مسڪراهٽ اچي ويندي هئي ۽ آيا جهٽ پٽ پڪوڙا تري مانيءَ سان ڏيندي
ئن. نيٺ اهو ڏينهن به آيو جو اسان سڀني لاءِ به اچڻو آهي. جو ته جنم مرڻ
نسار جو نيم آهي. 'اڪ دن آوي، اڪ جن جاوي ڦر پي جوت جلي'. سندس
ياري پوٽي منجو به پڇاڙيءَ جو لنڊن مان بيماريءَ وقت اچي پهتي، جا سڄو
ينهن پنهنجي ڏاڏي جي پرسان ويٺي هوندي هئي. پوٽيءَ کي ڏسي ڏاڏو خوش
يندو هو. مان ته روز شام جو دادا وٽ ويندي هئس، دادا به منهنجو انتظار ڪندو
و. 13 Dec. 2004 شام جو 5-15 بجي عالم فون ڪئي ته اڄ دادا Serious
هي. اسين سڀ 15 منٽن ۾ پهچي وياسين. سڀ گهر جا ڀاتي دادا جي روم ۾
ئاسين. ڀاڄائيءَ ديويءَ چيو، هاڻي پرارٿنا ڪريو. ايتري ۾ شام جا ڇهه وڳا.
نجوءَ چيو، Baba has stoped Breathing ۽ جوت اُجهامي وئي. ❑ ❑

قابل قوٗل ڪانتا جا..... (سنڌس خطن مان حوالا)

١- جيئن ڏسون ٿا، تيئن ڪونه هوندو آهي.
٢- رشتا جُڙي ٿا وڃن، جوڙڻ ۽ ٽوڙڻ سائينءَ جي وَس آهي.
٣- دکه سکه ٿيندو رهندو آهي، چوندا آهن، ''عالم جا آبا، توهان ئي ٽنگون ٽيڙيون ته بندا ڪيئن ڪندا.''
٤- جهونيون پراڻيون ڳالهيون وسارڻ سان، زندگيءَ ۾ نئون اُمنگ ۽ اُتساهه ايندو آهي.
٥- ڏهن ڳالهين مان جيڪر اِنسان ۾ ٨ اوگڻ ۽ ٢ گڻ هجن ته اوگڻن کي پاسيرو ڪري ٻن گڻن جي ساراهه جون سرڪيون ڀرجن ته ماڻهوءَ ۾ ڪافي ڦيرو اَچي ويندو.
٦- ڪرم انوسار هر ڪنهن کي دکه سکه ڀوڳڻو پوي ٿو. ڪوبه ان کان ڇٽل ڪونه آهي. اگر پنهنجو گهر ۽ پئسو آهي ته دنيا جي پرواهه ڇو ڪجي.

گنيز بوڪ ورلڊ رڪارڊ ۾ آيو. منهنجي ڀاءُ دادا جو 105 جنم ڏينهن ڏاڍي ڌوم ڌام سان ملهايو. هن دفعي ٻاهران مٽ مائٽ آيا. منهنجي ڀاءُ لڏون ورهايا ۽ سٺي هال ۾ سنگيت پروگرام سان گڏ ڊنر جو به پربنڌ ڪيو. سڀ مٽ مائٽ، سيڻ سڄڻ، يار دوست ۽ بمبئيءَ جا ڊاڪٽر ۽ اسان جو سنڌي پنچايتن حاضري ڀري، سڀ موج وٺي ويا. ڏاڍو مزو آيو سڀني کي.

105 جنم ڏينهن کان پوءِ دادا جي طبيعت البت ڍلي ٿيڻ لڳي. ڪاڏو به گهمائي ويا، تہ به ڪسرت نيم سان ڪندا هئا. دادا کي الڳ نرس رکي ڏنيسين. ڀاءُ جي هاسپيٽل ۾ نرسون ۽ آيائون هن جي هر وقت ديکڀال ڪنديون هيون. پر دادا پنهنجو ڪم پاڻ ڪندا هئا. باٿروم ۾ به پاڻهي ويندا هئا. منهنجي ڀاءُ ڀاڄائي (عالم ۽ ديوي) کي پرديس وڃڻو هو، سو دادا کان موڪل وٺي ٻاهر ويا. پر دادا جي طبيعت پٺيان ٺيڪ نہ رهڻ لڳي، هو پٽ ننهن کي ياد پيو ڪري. سندس پوٽا به وڏا ڊاڪٽر ۽ سرجن آهن، تن به سٺي سنڀال ڪئي دادا جي، پر نيٺ عالم ديويءَ کي اڌ ۾ واپس اچڻو پيو. اچڻ سان ئي عالم دادا جي خدمت ۾ لڳي ويو. ڀيا به اسپيشل ڊاڪٽر دادا کي ڏسي ويندا هئا. جيڪي پاڻ به هوشيار ۽ هاڪارا ڊاڪٽر آهن، دادا جو علاج ڪرڻ ۾ وسان نہ گهٽايائون. عالم تہ جيئن فارين مان آيو تہ دادا جي روم ۾ دادا جي ڀرسان ئي سمهندو هو. صبح جو سسٽرس سان گڏ دادا جي پنهنجي هٿن سان صاف صفائي ڪندو هو. دادا کي ڪريم، پائوڊر پنهنجن هٿن سان لڳائيندو هو ۽ پوءِ هلڪا زور دادا کي ڏيندو هو. جنهن مان دادا کي آرام محسوس ٿيندو هو.

دادا جي مک تي سدائين شڪر هوندو هو، ڪڏهن نہ دک جي شڪايت ڪيائين. ڀڄاڙيءَ جو ڀڳوان جو نالو به خوب جپيائين. عالم اسان ڀينرن کي چوندو هو تہ روز دادا کي ڀڄن ٻڌايو. دادا پاڻ به چادر مان هٿ ٻاهر ڪڍي تاڙيون وڄائيندو هو ۽ ڀڄن به چوائيندو هو. اسان مان کي ڪيس جهوليلال، تہ ڪو سائين رام، ڪو اوم شانتي تہ ڪو هري اوم چوائيندو هو، جو دادا خوشيءَ سان چوندو هو. روز سکمني ۽ گيتا جو پاٺ ڪندو هو ۽ نوٽ بوڪ تي ميرا شو بابا، ميرا شو بابا لکندو هو. منهنجي ننڍي ڀيڻ برهما ڪماري اندرا شو بابا لکڻ لاءِ چوندي هئس. بہ ٽي ڪتاب ڀريائين. ڀڄاڙيءَ تائين سنڌي توڙي انگريزي صورتخطي اهڙي تہ صاف ۽ سٺي هوندي هئس جو ڇا چئجي؟ دادا ڀڄاڙيءَ تائين نہ چشمو پاتو، نہ هٿ ۾ لٺ کنيائين ۽ نہ هٿ ڏڪڻ لڳس. Interview وٺڻ وارن دادا کان سڄي هٿڻ، پلس ڏسڻ ۽ رت جو داٻ ڏسڻ جو طريقو به ڏٺو.

ڪرمن جي نہ ڪمائي ويندي اصل ڪين اَجائي،
۽ وقت جي ڦيري سان بہ ايندي ڪمي ڪانہ ڪائي.

رهبر بڻجي پيار ڏنو ۽ پيار جو جوڙيو ناتو،
اُتندي وهندي پنهنجو سمجهي هرديہ اندر سڃاتو.

چرنن ۾ ٿا سيس جهڪايون، جتي هجو آباد هجو،
’آننت‘ آ ارداس اِها ئي، مهر جو هٿ ڏرجو.

- ڪانتا ايس. ايسراڻي ’آننت‘

دادا ڊاڪٽر ڪي.ايم. چنديراماڻي 105 جنم ڏن جي موقعي تي

۱- نهٽو نماڻو آبو آ اسان جو،
گنڀير گياني ادو آ اسان جو.

۲- فرض جو پابند نامور قابل،
مهر جو سدائين اَجهو آ اسان جو.

۳- غريبن جي هردم ڪري پيو ٿو شيوا،
دلاور دانوير وڏو آ اسان جو.

۴- گنيز وِشوَ بوڪ ۾ سندس نام آيو،
سندس شان ۾ وڌيو آ اسان جو.

۵- وساري نہ سگهندا سنڌي هن جو نالو،
دادا دلين جو دلارو اسان جو.

۶- دادا ڪي لڪ لڪ ڏيون اڄ واڌايون،
بڻيو مان ۽ شان وارو اسان جو.

- دارڪو ڪلناڻي

دادا ڊاڪٽر ڪوڙومل چنديراماڻي جي سمرتي ۾

موهڻي مورت، سندر صورت، ائين ڪ راجڪمار،
جڻ ڪ ڪيو هو رب اُنهيءَ کي ناهي لپي تيار.

ڪوبہ پرائو پنهنجو هن لاءِ، ٻيو هجي يا ٻار،
ڏنو سڀني کي هن تي پنهنجو پورو پورو پيار.

ڪنهن لاءِ ڪين ڌڪار اندر ۾ ڪنهن لاءِ ڪائي نفرت،
عزت آدر پيار ڏيڻ هو هن جي عاليٰ عادت.

گگن منڊل جي تارن وچ ۾ هوُ هو چنڊ نيارو،
شاهاڻي شخصيت سان هو، هوُ هرڪنهن لاءِ ناميارو.

ڪيڏو قرب ڏنائين اهڙو قربدار هو دادا،
دانشمند دل وارن جي لاءِ دلدار هئو دادا.

نالي سان نڀائڻ وارو بابل هئو دلدار،
هر ڪنهن جي لاءِ جڻ تہ لڳو ٿي ڪرشن جو اوتار.

گيتا جو پوڄاري هو ۽ ڪرمن ۾ وشواس،
ڦل جي آس رکي چو جنهن کي ڏيڻ جو احساس.

سڀني سان نڀاهيو ٿي هن پورو پورو ناتو،
پيار ڏئي هر ڪنهن کي هن ٿي موٽ ۾ پيار ئي پاتو.

دادا ڊاڪٽر هئو سدائي هر محفل جو مور،
ميلو مَٽو ڇڏي وڃڻ جي دل ۾ ٻَرٻَلُ لوڙَ.

وقت جي لنبي واڳ ورائي، پنهنجو ورثو ويو ڇڏي،
لاڳاپا سڀ لاهي ويئو سرڳ ۾ جاءِ اَڏي.

ن حاصل ڪرڻ بعد حيدرآباد دکن طرف هليا وياسين ۽ پاڻ باندرا بمبئي ۾
ي رهڻ لڳو، جتي اڄ تائين رهيل آهن. هن جو پٽ ڊاڪٽر عالم ۽ سندس ننهن
وڏا ڊاڪٽر آهن ۽ باندرا ۾ مشهور ديوي ڪلنڪ جا مالڪ آهن، ڊاڪٽر عالم جو
پٽ ونود آمريڪا رٽرنڊ وڏو ڊاڪٽر آهي ۽ هندوجا اسپتال ۾ وڏي عهدي تي
ي. ٻيو پٽ ڊاڪٽر منوج ڪار ۾ ايڪسري ريڊيولاجسٽ ۽ سونوگرافي جو ماهر
ي، سندس ڪڪي ڊاڪٽر منجو سيوهڻ جي ناواڻي فئملي ۾ پرڻيل آهي.
ڪٽر وجيہ مئنچيسٽر ۾ يورولاجسٽ آهي. مطلب تہ ڊاڪٽر ڪوڙومل جا پٽ
ا، ڏيئر نائي ننهن جملي ڊزن کن صحت جي کيتر ۾ انوکي شيوا ڪري رهيا
ن. هن صاحب جي رهڻي سندس ڪهڻي مطابق اعليٰ درجي جي ۽ آدرشي
ي. مان هن کي اجوکي پوتر ڏينهن تي صادق جذبي ۽ دل جي اندرئين ڪنڊ
ن شرڌا پوروڪ پرڻام تو ڪريان. منهنجي پتا حاذق حڪيم ۽ ڪامل طبيب سيٺ
نارام جو ديهانت ١٦ سال اڳہ ۾ ٿيو. ڊاڪٽر صاحب ان وقت بہ ٨۴ سالن جو
و. پر باندار مان ڪهي اُلهاسنگر ۾ اچي مونکي پرچاڻي ڏيئي منهنجين اکين
ن وهندڙ لڙڪ اُگهي ويو هو. منهنجي ڏاڏي صاحب جي مهانتا ۽ ودوتا لاءِ وڏي
رڌا اٿس جا هن پنهنجي خط ۾ ظاهر ڪئي آهي. منهنجا ڪتاب ۽ شاعري
ڇندا اٿس تہ نهايت گهڻي ساراھہ لکي موڪليندو آهي ۽ پيار موڪليندو آهي.
نهنجي لاءِ هوُ صاحب پتا سمان آهي ۽ اسان جي ڳوٺ جي هڪ زنده (سنمان
وڳي ۽ قربائتي) هستي آهي جنهن تي اسانکي گهڻو فخر ۽ ناز آهي.
(هندواسي هفتيوار-ممبئي)

❑ ❑

من مالڪ سان جوڙي رکڻ سان، تن بہ تندرست رهي سگهي ٿو
هڪ سؤ سالن جي عمر ۾ ڊا. ڪي.ايم. چنديراماڻي

پارو ناڪر چاولا

ڊاڪٽر ڪوڙومل مينگهراج چنديراماڻي جو جنم ٩ مي ١٨٩٩ ۾ مورو تعلقي،
وابشاھہ ضلعي جي ڳوٺ سڏوجا ۾ ٿيو. هو جنوري ١٩۴٨ ۾ سنڌ جي ورهاڱي ٿيڻ
ڪري شرنارٿي ٿي ڀارت ۾ آيو.
هي پنهنجي پيءُ جو وڏي ۾ وڏو پٽ هو، سندس پيءُ مينگهراج ڪنهن

سڪ پريو سلام ۽ شرڌا پريو پرڻام
(هڪ سو سالن وارو بزرگ ڊاڪٽر ڪوڙومل چنديراماڻي)

- ڊاڪٽر ارجن سڪايل

هن جو نالو آهي ڊاڪٽر ڪوڙومل مينگهراج چنديراماڻي جو اڄ سڦل جيون جا هڪ سؤ سال (١٠٠ سال) پورا ڪري رهيو آهي. جڏهن، هُنَ جي قدم بوسي ڪري موٽندو آهيان، تڏهن سمجهندو آهيان تہ ڄڻ ڪنهن تيرٿ آسٿان تان ٿي موٽيو آهيان ۽ ڪنهن ست پُرش جي آشيرواد وٺي آيو آهيان. هن سان تہ منهنجا نهايت پيارا ۽ عزاز وارا ناتا آهن. ساهتيءَ ۾ سڏوجا ڳوٺ برابر منهنجي ڏاڏي حڪيم ودوان شاعر ۽ فيلسوف سيٺ هيرانند جي ڪري چڱي مشهوري حاصل ڪئي هئي پر ان ئي منهنجي جنم ڀومي‌ءَ واري ڌرتيءَ تي ڊاڪٽر ڪوڙيمل صاحب جو جنم ٿيو آهي. اسان جو ڪٽنب حڪمت زمينداري ۽ قومي هلچل ۾ حصيداريءَ سبب ناميارو هو تہ ڊاڪٽر صاحب جو ڪٽنب اوچيءَ تعليم جي ڪري مانائتو ليکيو ويندو هو. سندس پتاشري مينگهراج هيڊماستر هو تہ ٻہ چاچا ٽهلرام ۽ گلومل بہ هيڊماستر ٿي رهيا. هڪ صدي اڳي پوري ٿي آهي، هڪ هزار آدمشماريءَ واري ننڍڙي ڳوٺ مان نڪري ڊاڪٽر ڪوڙيمل ايل.سي.پي.ايس. امتحان ڏنو ۽ قابل ڊاڪٽر طور نالو ڪمايو. هن جو هڪڙو ڀاءُ ڪرمچند چيف انجنيئر جي عهدي تائين پهتو. ٻيو ڀاءُ نارائڻداس بہ گرئجوئيٽ ٿيو. ٽيون ڀاءُ نانڪرام آيرويد ۾ سند يافتہ بڻيو ۽ پوني ۾ رهندو آهي ۽ مون سان هڪ ئي بينچ تي ويهي گڏجي الف ب پڙهيو. چوٿون ڀاءُ شونداس تہ ادبي ۽ سياسي ۽ سماجڪ سنسٿائن ۽ ڳوٺ جي هر مسئلي ۾ منهنجو سيڪريٽري ٿي ڪم ڪندو هو. ڊاڪٽر صاحب جا ٻيا سوٽ بہ گرئجوئيٽ ڊبل گرئجوئيٽ وٽرنري ڊاڪٽر واڪسينٽر پوسٽ ماسٽر، وڪيل وغيره ٿيا. تعليم حاصل ڪرڻ جو اهڙو شوق ۽ شرف ڪنهن ورلي ڪٽنب کي حاصل ٿيو هوندو.

لڏپلاڻ کان پوءِ:

ڊاڪٽر ڪوڙومل اسان سان گڏ هرني ڪئمپ ٻڙودا ۾ رهيو هو. پوءِ اسين

ئڻ چاهيو. مالڪ ڪندو ڊاڪٽر صاحب بہ ٢١ سينچري ۾ گهڙندي، سڀن
ين کي آسين ڪندو تہ شل پاڻ ۾ هميشهہ گڏجي مسجي هلن ۽ سنڌين جو نالو
ن ڪن.

(هفتيوار 'هندواسي' ممبئي-٩-٥-١٩٩٩)

□ □

سچو شيواڌاري ۽ ڪرم يوگي
ڊاڪٽر ڪؤڙومل مينگهراج چنديراماڻي

- پورن چينواڻي

پراڪرمي ڪرڪيٽئر سچن تيندولڪر کي سينچريون هڻندو ڏٺو آهي پر هن
يقي زندگيءَ ۾ اسان جا هي مهان پرش بہ حياتيءَ جي هڪ صدي پار ڪري
ڪا آهن، ايشور جي ڪرپا سان اُڻويهين صديءَ ۾ سنہ ١٨٩٩ ۾ تاريخ ٩ مئي
-٥-١٨٩٩) تي سڳوري سنڌ جي نواب شاهہ ضلع ۾ موري تعلقي جي سڏوجا
ٽ (ساهتي) ۾ هنن جنم ورتو ۽ ٩ مئي ٢٠٠٣ تي سندن ١٠٤ جنم ڏن سندن
يوار ۽ مترن ستسنگہ ۽ پنجن سان ملهايو. شل سندس آسيس اسان سڀني تي
ندي رهي.

ڊاڪٽر جا پتا شري مينگهراج تاراچند هڪ آدرشي ۽ مانيور هيڊ ماسٽر هئا.
روعات کان وٺي ئي خود محنت ڪري ڊاڪٽر صاحب هن اوچ تي رسيا آهن.
هن ڏينهن جي غريبي ۽ مفلسيءَ ۽ بيماريءَ جي حالتن کي چوگرد ۽ آس پاس
سندي، اِسڪولي ڏينهن کان وٺي ئي اِرادو ڪيو هئائون تہ ڊاڪٽر ٿي اِنسان
ات جي شيوا ڪندا ۽ ايشور ائين ڪيو بہ! ١٩٢٣ ۾ ايل.سي.پي.ايس. جو ڊاڪٽري
متحان پاس ڪيائون ۽ اُنهن ڏينهن جي انگريزن جي راڄ ۾ بامبي پريزيڊنسيءَ
ميڊيڪل آفيسر مقرر ٿيا. اُصولن جا سچا گانڌيوادي آهن ۽ ڪين چون ئي سفيد،
اڏي پهريل ڊاڪٽر.

ڊاڪٽري پيشي ذريعي مخلوقات جي خدمت ڪرڻ سندن هڪ آدرش آهي.
سندن بندگي آهي ۽ اُن ۾ نہ صرف عقيدو اٿن پر گذريل ساندهہ ٨٠ سالن کان
ريبن، گهرجائن ۽ بيمارن جي تن-من سان شيوا ڪندا رهن ٿا. حقيقت ۾ لڳي

ناليري اسڪول ۾ هيڊماسٽر هو ۽ حيدرآباد سنڌ جي ٽريننگ ڪاليج ۾ پڙهيل هو. هيڊماسٽر جو پٽ هوندي هن ڊاڪٽر ٿي پنهنجي ڪُل جو نالو روشن ڪيو.

پنهنجي ڳوٺ ۾ پليگ ۽ ڪالرا جهڙن وچرندڙن مرض ۾ مبتلا ٿيل مريضن جي درگتي ڏسي، هن ڊاڪٽر بڻجڻ جو پڪو اِرادو ڪيو ۽ سات سات غريب مريضن جي شيوا ڪرڻ جو بہ پنهنجي اڳيان لڪش رکيو.

٢۴ سالن جي عمر ۾ سنہ ١٩٢٢ ۾ هُن LCPS امتحان پاس ڪري ڊاڪٽر ٿيو ۽ سنڌ ۾ جا بمبئي سان جڙيل هئي، ميڊيڪل آفيسر بڻجي ڊاڪٽري شيوائن لاءِ چونڊيو ويو.

ڊاڪٽر ڪوڙومل گانڌيجيءَ جي عقيدن ۾ وشواس رکندو هو، خود کاڌيءَ جا ڪپڙا پائيندو آهي پر سرڪاري ڊاڪٽر هئڻ ڪري ظاهري ديش جي آزاديءَ لاءِ جنگہ جاري رکڻ بدران، غريبن جو ڊاڪٽري علاج ڪندو رهيو. ١٩٢٢ کان وٺي يعني ٧۴ سال هن لاڳيتو شيوا ڪئي آهي. جيڪڏهن سندس نالو گنيز ورلڊ بوڪ ۾ سندس لنبي عرصي جي شيوا لاءِ ڏنو وڃي تہ عجب نہ ڪائجو. سندس سڀاوَ سانتيڪو آهي، ان ڪري هن کي سانتيڪو ڊاڪٽر بہ ڪوٺيو ويندو آهي.

هو ماس مڇي کان پري، سگريٽ ۽ شراب کي بہ نہ واپرائڻ ڪري هميشهہ خوش مزاج ۽ پنهنجي ڪٽنب ۽ بيمارن سان کلمکہ.

هو پنهنجي پيءُ جي زوربار تي، پنهنجي پرائيويٽ پرئڪٽس ڇڏي سرڪاري ڊاڪٽر ٿي رهيو پوءِ بہ سندس سڀاءَ ۾ پراُپڪاري گُڻُ هميشهہ زنده آهي. هن جا ڪيترا ئي ليکہ 'هندواسي' ۾ ڇپجي چڪا آهن، جن ڪيترن جو ئي ڏيان ڇڪايو آهي، بہ ڪتاب انگريزي مان هن سنڌيءَ ۾ بہ ترجمو ڪيا آهن، 'شاندار زندگي' ۽ 'سڦلتا جو مارگہ.'

هن جي ڪٽنب ۾ گهڻو ڪري سڀ ڊاڪٽر ئي آهن. سندس پٽ، ننهن، پوٽا ۽ پوٽيون جملي ڊاڪٽر ۽ مشهور سرجن آهن.

اڄ ٩ مئيءَ ١٩٩٩ تي هو ڏرمي خيال رکندڙ دلدار، شانائتي، سانتيڪي زندگي گذارڻ وارو ڊاڪٽر ڪوڙومل مينگهراج چنديراماڻي جو ١٠٠ سال- جنم دن ملهائڻ لاءِ سندس پٽ ڊاڪٽر عالم چنديراماڻي (هندوجا هاسپٽيل ۽ رهيجا هاسپيٽل جو مشهور سرجن) ۽ سندس ننهن ڊاڪٽر ديوي چنديراماڻي، جنهن جي ويم گهر ۾ ڪيترن ئي سنڌين جنم ورتو آهي، سيتا سنڌو ڀون ۾ ١٠٠ جنم دن ملهائڻ لاءِ صوفياڻي چونڪي ڪرائي آهي جيتوڻيڪ سندس پوٽن لنڊن ۽ آمريڪا ۾ جنم دن

DR. KAUROMAL MENGHRAJ CHANDIRAMANI

Dr. Kauromal Menghraj Chandiramani today's distriguished Ch Guest is born in the 19th century. on 9th May 1899 in a village kno as Sadhuja. Taluka Moro, District Nawabshah Sind.

He rose from the humble beginning and is self made man. He is eldest son of Late Shri Menghraj Tarachand who was a respectable sch head master.

Seeing the misery and the poor healthe standards causing high m tality in his village, it was in his yong school days that he decided become a doctor.

He passed his L.C.P.S. examination and became a qualified doctor the year 1923 and very soon was appointed is a Medical Officer Bombay Presidency in those days in British Raj.

He is pro-gandhian in his thinking and philosophy. He is known as white dressed and khadi clad doctor whose ambition in life was to ser the humanity through the knowledge of his medicine and he strong believes that THE SERVICE OF MAN IS WORSHIP OF GOD.

It is right from the Year 1923 till today, a period lasting 76 Years, th he has spent continuously treating the sick, poor and the needy patien with his dedication and love.

He is going to create a world record as he is a unique doctor wh would be populariy known and famous for rendering medical servic to the human mankind for the longest number of years. With God's grac he is physically active and attends to his medical clinic in Khar, Bomba evenat this age of 100 years, which is indeed very commendable.

This is only one aspect of his being a doctor but he possesses extr ordinary qualities of head and heart with his sound mind, a steady han and the healthy body.

He is Vegetarian all his life and does not smoke of drink and has kep his body fit by daily physical exercise of jogging, yoga, pranayam an deep breathing exercises. Even tody you will see him walking on th Carter Road beach, Bandra everyday morring between 6.30 and 7.3

تو تہ هي صاحب ڊاڪٽر پيشي ۾ وڏي ۾ وڏي عرصي لاءِ ڊاڪٽري ڪندي، دنيا جو هڪ بي‌مثل يگانو رڪارڊ پيش ڪندا، هن صديءَ جو جهوني ۾ جهونو ڊاڪٽر، ايشور جي ڪرپا سان، تندرست آهن دل ۽ دماغ سان پڻ روزانو ڪار ۾ پنهنجي دواخاني ۾ ويندا آهن. دروازو پڻ پاڻ کوليندا آهن.

لنبي زندگيءَ جي راز جي خبر اٿن. شاڪاهاري آهن ۽ نہ دارون ورتائين، نہ وري ئي تماڪ جو واهپو ڪن. پڪا ويشنو آهن. روزانو ڪسرت، يوگ، پراڻايم، جاگنگ ۽ ان کان وڌيڪ ايشور ۾ پورن ويساهہ، کين هر طرح سان سالم رکيو آهي. من تازو، تندرست. هٿ هاج ۾ ۽ دل يار ڏانهن ۽ سچائي واري جيون. ڊاڪٽريءَ جي آدرش ڪانسواءِ سندن روچي ساهتيڪ ڪيتر ۾ پڻ رهي آهي. گهڻيئي ليکہ سنڌيءَ ۾ لکيا اٿائون، جيڪي 'هندواسي' ۾ شايع ٿيندا آهن. سندن ليکن ۾ سداچار ۽ سدگڻن تي زور هوندو آهي. هينيان بہ ڪتاب، انگريزيءَ مان سنڌيءَ ۾ ترجمو ڪيل اٿن، جيڪي لوڪ پسند آيا آهن.

١- شاندار زندگي (Steps towords nobler life)

٢- سڦلتا جو مارگ (Chart way to success)

ايشور ۾ اٽل وشواس اٿن. سادگي ۽ ساڌڪي واري جيون گذارين.

Simple living and high thinking ۾ وشواس اٿن. سڀاوَ جا ساتوڪ، ڌرمي ۽ ديالو آهن. سماجڪ تعليمي توڙي سپيتڪ ڪيترن ۾ چاهہ اٿن. ❑ ❑

آشيرواد

پيارا ڪمل پياسي خوش هجو،

بعد رام رام سڪ پيارن بعد لکجي تہ تہ ايشور جي مهرباني سان توهان بلڪل تندرست هوندا. منهنجي ڪڪي ايشوري (ڪانتا ايسراڻي) جڏهن بہ اسان وٽ ايندي آهي تڏهن توهان جي سڪ پري يادگيري ڏياريندي آهي. توهان جي نهايت مهرباني جو مونکي توهان وساريو نہ آهي. مان پڻ توهان کي ياد ڪندو آهي. اُميد تہ ايشور جي مهربانيءَ سان ڪلنب پريوار سان بلڪل ٺيڪ هوندا. ايشور کي آراڌنا آهي تہ تون شل سالم صحت ماڻين. انيتا ۽ ٻارن لاءِ گهڻا گهڻا پيار.

ڊاڪٽر ڪوڙومل چنديراماڻي (عمر ١٠٤ سال)

ڊاڪٽر دادا جي سهڻي صورت

آشيرواد

ڪشنچند جهمٽمل بيلاڻي

جنم : ٥-١-١٩٢١ سرڳواس : ١٣-٣-١٩٧٦

شن دماغ، دلدار، دياوان، سڀاجهو، هرفن مولا، هر محفل جو
ور، ڪومل هردو رکندڙ هڪ اصوليہ اِنسان دادا ڪشنچند بيلاڻي.

- ڪانتا ايسراڻي (ايشوري)

شرڌانجلي



پوجنيہ ڪشنچند جهمٽمل بيلاڻي (بي-اي) اعليٰ شخصيت جا مالڪ هئا. پيار سان پيار جي موٽ ڏيڻ وارا. پنهنجي جيون جي هر روزاني ڪرٽي ۾ نيمت ۽ سِڌا. نہ خوش نہ اُداس. مشڪل مسئلي کي بہ هو خوشيءَ سان حل ڪري سگهندا هئا. حُبَ ڀريا حبيب ۽ سڪ ڀريا سلطان. مٺيءَ زبان جا مالڪ، نيڻن ۾ نمرتا ۽ نينهن.

ميونسپل ڪارپوريشن ۾ نوڪري ڪندي پنهنجي عملدارن ۽ زيردستن سان بہ عزت ڀريو وهنوار رکي هنن پاڻ کي پيارو ڪيو. سندس ڪم مان سندن آفيسر ايترو خوش هئا جو امرجنسيءَ وقت جڏهن ملازمن کي
وريءَ نوڪريءَ مان، مدي پوري ٿيڻ کان اڳ نورت ڪرايو ٿي ويو، تڏهن هنن
ي مرضي نہ هوندي بہ کين نوڪريءَ جو مدو وڌائي ڏنو ويو، جيڪو عليل طبيعت
ڪارڻ هنن پاڻ منظور نہ ڪيو ۽ ١٩-٢-١٩٧٦ تي رٽاير ڪيائون.

ڇهن مهنن جي لڳاتار بيماريءَ جي باوجود بہ پنهنجيءَ آتم شڪتيءَ سبب
سندن چهرو ٻهاڙيءَ تائين مشڪندو ئي رهيو.

ايشور ڏر آراڌنا آهي تہ شل سندن آتما کي ايشور شانتي بخشي ۽ پنهنجن
چرنن ۾ نواس ڏئي.

راڌا ڪي. بيلاڻي (پتني) موهني ۽ لال تولاڻي (ڌيءُ ۽ ناٺي)

a.m. at his age of 100 years. It is not the age that makes him feel proud but is the active and physically able body that makes his life useful and worth living.

As he belonges to Sahiti, Sind, he is a prolific writer too and has contributed many articles in Sindhi which have been published in Weekly Hindvasi paper. If they all can be combined together they can from a mini book. His writings in Sindhi language are thought provoking and emphasize the virtues of human life. He has translated two books from English to Sindhi and published them under the titles of:

1. Sahndar Zindgi translated from "Steps towards Nobler Life."
2. Saphlata jo Mard translated from "Chart your way to Success."

Both these books were widly received by Sindhi Community acclimate and need by then all over indian even aboard.

He has the implicit faith in God and lives a saintly life, believing in a simple living and high thinking. To some extent he is also known for his charitable and philanthropic attitudes in the causes of social upliftment, educational field and cultural activities.

His family consists of one son Dr. Alim K. Chandiramani who is a renowned surgeon of Bombay and a senior surgeon of Hinduja Hospital and four daughters. His daughter-in-law Dr. (Mrs.) Devi A. Chandiramani is a well known Obstetrician & Gynaecologist practising in her nursing home "Devi Materrity & Surgical" at Linking Road, Bandra for the last 39 years. Dr. Kauromal is also blessed with four grand children who are famous specialist doctors practising in Bombay and in U.K. Out of 4 grand children Doctor Vinod Chandiramani is attached to Hinduja Hospital as a Consultant General Surgeon with Labarascopy expertise. Youngest grand son Dr. Vijay Chandiramani who has passed the highest examination of FRCS in General Surgery and FRCS in Urology has been appointed as the Consultant Urologist in Manchester, U.K. It is a rare honour for Indian Surgeon to become a consultant in the super speciality of the Urology in U.K. His other grand son Dr. Manoj Chandiramani is a Radiologist and Sonologist practising at Khar, Mumbai. His grand daughter Manju Navani is a Gynaecologist along with her husband Dr. Sunil Navani who is Constultant Gynaecologist in Schotland U.K.

(A Repot)

جذبن کي سمجهي سگهندا آهن. سندس اُهڙو هڪ خط پڙهڻ سان منهنجي
ن مان آنسون تري آيا. موهه ۽ سنيهه جا آنسون، خوشيءَ جا آنسون.
مان ڪا عمر ۾ ننڍي ڪانه آهيان. زندگيءَ جون ڇهه ڏهاڪيون پار ڪري
ي آهيان. پنهنجو گهر، ڪٽنب پريوار اٿم. هو به مون کان ١٢ سال وڏو ئي
. زندگيءَ جي سنجها ٽاڻي هن سان اُهڙو موهه پريو ناتو جُڙي ويو اٿم. شايد
ي به پنر جنم جا ڪرم آهن.
ڪنهن به شخص ڏانهن ڪشش تڏهن ٿيندي آهي، جڏهن سندس گڻن ۽
بين کان متاثر ٿيو آهي، ان کان پوءِ پيدا ٿيل ڇڪ رفته رفته زور پڪڙيندي
ي ۽ آخر ۾ وشال درشٽيءَ سان هن جي سچائيءَ دئاران پنهنجي ڀاونائن کي
رو ڪرڻ سان، روايت پنهنجو پاڻ پڌري ٿي پوندي آهي. ائين ته هرڪو جيو
ي جيو کان الڳ ئي هوندو آهي. هرڪنهن جا پنهنجا پنهنجا الڳ اصول ۽ طريقا
ندا آهن، تڏهن به ائين لڳندو آهي ته سڀ ڪجهه ايشور جي حڪم سان ٿئي
. اِنسان جي هر سوچ ۽ ويچار تي ان مالڪ جو ئي قبضو رهي ٿو. ڪري ڪرائي
پاڻ ٿو. دکه سکه جو سواد وٺائي ٿو ۽ وري پنهنجا هٿ ڏئي پاڻ ئي بچائي ٿو.
طرح دنيا جا کيل تماشا ختم ٿيڻ جا نه آهن. مان به ڇا ڪيان، جيئن جيئن
ر چڙهندي ٿي وڃي، لڳي ٿو پاڻ کي سنسار ۾ ڦاسائيندي ٿي رهان، ايترو جو
ڻ پاڻ پوڃا لاءِ به وقت ڪونه ملندو اٿم، ته به سائين کي هر وقت ياد ڪندي
ندي آهيان ۽ هو ئي هر ڪم لاءِ هر طرح جي شڪتي ڏيندو اٿم.
اها به ايشور جي شناخت ڇئجي جو منش کي خلقيدي به سندس نرخ مقرر
ين ڪيائين، پر جي اِنسان لاءِ اگهه مقرر ڪري ها ته مون لاءِ بنهه ناممڪن
جي ها ته مان ان شخص کي خريد ڪري سگهان. جنهن کي 'دادا' نه ڇئي مان
ح ڪيس 'ڀائو' ڇئي ٿي پڪاريان. ائين سو آهي ته دادا چوڻ سان هڪ نامعلوم
وري پيدا ٿيندي آهي، جنهن جو واسطو ادب، عزت، تهذيب ۽ فضيلت سان
وندو آهي، پر ڀائو چوڻ سان من مان هر قسم جو ڀئه نڪري ويندو آهي.
گذريل ستن سالن کان به هن سان منهنجو سنبنڌ رهيو آهي. بعضي پاڻ ۾ گڏجڻ به
يندو آهي. سندس آءٌ ڀاءُ ۽ سڪ روبرو به ملي اٿم. گذريل ٻن سالن ۾ جڏهن
ندس ٻئي وڏيون ڀينر هڪ ٻئي پٺيان تڪڙو پرلوڪ پڌاريون آهن، تڏهن
نهنجين ڀينرن کي ياد ڪندي لکيو هئائينم، ''تون سڳين ڀينرن کان ڇا ۾
هٽ آهين.'' اهو پڙهي منهنجي دل ڀرجي آئي هئي. مونکي سندس ڀاونائن
جو به قدر ٿيڻ لڳو هو.

سِڪَ جا سوکيمُ سواسَ

منهنجو اِهو پڪو نيم ٿي ويو آهي جو مان ٻه ٽي ڪلاڪ ڏينهن ۾ سانت رهندي آهيان. آرام ڪندو اَٿم. اِلبت ائين هري ويئي آهيان، پر شام کان پوءِ ڪڙي ٿي ويندي آهيان ۽ سڀ ڪم ڪري سگهندي آهيان، يعني شام جو پنڌ ڪرڻ وڃان، ڪنهن مندر، دربار ۾ وڃان، ساهيڙيءَ سهيليءَ سان گڏجان يا ته ڪنهن مٽ مائٽ وٽ به وڃان، ان طرح منهنجو سارو ڏينهن ڪم ڪار ۽ اچ وڃ ۾ گذري ويندو آهي. البت خطن لکڻ جو شوق اَٿم ته وقت بچائي به خط لکي وٺندي آهيان، باقي اڄڪلهه خطن لکڻ جي رسم ته رهي ڪانه آهي. ان طرح مان پنهنجيءَ مستيءَ ۾ رهندي آهيان. هن عمر ۾ گهر جو رڌو پڪو به پاڻ ڪريان. ڪاڏي ناهڻ لاءِ ڪم واري رکڻ جي اِچا اچان ڪانه ٿي اَٿم جو سندن ڪم به ايمانداريءَ وارو نه لڳندو اَٿم.

تنهن ڏينهن منجهند جو ننڊ ڪري اُٿڻ سان جيئن ئي ڪر ٿي موڙيم ته ٽيبل تي رکيل ٽپال تي نظر پيم. ڪيترائي خط هئا ۽ انهن ۾ هڪ خط هن جو به هو، جنهن سان خط پٽ جو رشتو ڪجهه سالن کان اَٿم ۽ سندس خطن مان مونکي ائين لڳندو آهي ڄڻ ته هوُ اکرن دئاران مون سان ڳالهائي رهيو آهي. هن سان ڪيئن اهڙو جوڙ جُڙي ويو، خود مان به محسوس ڪري نه سگهي آهيان، صرف ان جي بوجهه ئي پوي ٿي. خبر ناهي من ۾ ڪهڙي اڻ تڻ پيدا ٿيم جو ٻي آيل ٽپال پاسيري رکي، مون سندس خط کوليو.

مون سندس خط هڪ دفعو پڙهيو ۽ جڏهن دل نه ڀريم ته وري ٻيهر ٽيهر پڙهيم. خط جي اکرن ۾ نه معلوم هن جا ڪهڙي قسم جا سڪ جا سڏ هئا، جو پڙهندي پڙهندي سندس ويچارن ۾ کوهجي ويس. لکيو هئائين، "تنهنجي خط جي اکرن کي ڇهاءُ هوندو آهي. اُهي مونکي ڇهندا آهن تنهنجي خطن مان ممتا ۽ موهه جيون ڏارائون وهنديون آهن." سندس ان طرح جا پتر منهنجيءَ سڪ کي چلڪائيندا آهن. سنيهه کي چار چنڊ لڳائي ڇڏيندا آهن. اَهڙا خط مون لاءِ نعمت انگيز هوندا آهن جيڪي مون وٽ سانديل آهن. هو لکندو ويندو آهي ۽ هرڪا ڳالهه وستار سان هڏائيندو آهي. مان به سندس هر ڳالهه کان متاثر ٿي ويندي آهيان. زبان سان ته سندس خطن سان ڳالهائي نه سگهندي آهيان، پر منهنجا احساس هن

ڪ وهندي آهيان، ڇو تہ منهنجي موڊ تہ منهنجي وس ۾ آهي ڪانہ.
سندس آيل خط ڪي موڙي سوڙهي ڪينهوڙي جي طرح مون پنهنجيءَ مُٺ ۾
و ڪيو آهي. الائي ڇو مان پنهنجن خيالن ۾ وڪوڙجي ويئي آهيان. مان خود
حسوس ڪيان ٿي، تہ بہ ڪُجهہ نہ ٿي سگهان. گرهستيءَ جو فرض نڀاهيندي
ان ٿي. زماني کان گهڻو سکي آهيان. هر ڪنهن کي ڏکہ ڏوراپا ڪانہ ڏيندي
يان. غلط ڇا آهي ۽ صحيح ڇا آهي، اهو سڀ سمجهندي آهيان. هر ڪنهن کي
د ڪرڻ منهنجي سڀاءَ ۾ آهي، پر ڪنهن کان بہ مدد گهرڻ نہ چاهيندي آهيان.
لائيءَ جو موقعو بہ هٿان ڪين وڃائيندي آهيان، البت وس وِسي ڏاڍي آهيان.
هنجي لاءِ گهر کان وڌي صفائي آهي ڪاڏي جي. ڪاڏي جي ڪنهن بہ چيز کي
ٽ لائڻ کان اڳہ هٿ ڌوئيندي آهيان. اصول اَٿم تہ پنهنجا هٿ اَجايا خراب نہ
جن، تنهن هوندي بہ هر ڪنهن سان ناتو جوڙيندي رهندي آهيان. سڀ پيار
ي فرض نڀاهيندي آهيان، پوءِ ساهرا هجن يا پيڪا، منهنجو من ٻنهي لاءِ
ڳيو هوندو آهي، تنهن هوندي بہ منهنجا ڪيترا مٽ مائٽ جن وٽ مان ويندي
يان، منهنجي اَچڻ جو ٻڌي ڇرڪندا آهن ۽ گهر جي ڳالهين کي سمجهائيندا
ن. تنهن هوندي بہ سائين جيئڻ هلائي ٿو شڪر آهي. شام جو گهمي ڦري گهر
ڃان تہ سائين جا شڪرانا مڃان جو سلامت گهر موٽي آهيان.
دنيا هڪ ڪليل ڪتاب آهي، ان مان گهڻو ڪجهہ سکڻو پوي ٿو. باقي ڪرمن
وسار تہ دکہ سکہ ڀوڳڻو ٿو پوي. ڪير ان کان ڇٽو آهي؟ جڏهن ڏسڻ ايندو آهي
ٻيا اسان کان بہ وڏيڪ دکي آهن تہ پنهنجو دکہ گهٽ لڳندو آهي. باقي اِنسان
وقت ۽ عمر جي اڳيان بيوس آهي.
”ڪانتا! ڪافي دير ٿي ويئي آهي، جلد تيار ٿيءُ، ستسنگ ۾ هلڻو آهي.“
منهنجي گهوٽ جي آواز تي منهنجو ڌيان ٽٽي پيو، مان ڇرڪ ڀري اُٿيس،
يسين هو منهنجيءَ ڪوليءَ ۾ پرويش ڪري چڪو هو. منهنجي اکين ۾ آنسون
لائين ۽ هٿ جي مُٺ ۾ آيل خط جو ٻوڙهو. خط وارو ٻوڙهو هن پنهنجي هٿ ۾
نيو. ڇڳيءَ طرح کولي پڙهيائين ۽ پوءِ مشڪي چيائين، ”ڪانتا! هرڪا ڳالهہ
نهنجن ڪرمن انوسار ٿي ٿئي. هر ڪنهن کي پنهنجن ڪرمن انوسار ئي هلڻو
حي، وڏن لاءِ عزت ۽ آدر هئڻ ضروري آهي.“ منهنجيءَ دل کي تسلي ملي تہ
ونکي ياد ڪرڻ وارا ۽ منهنجي دل رکڻ وارا آهن اِها بہ ايشور جي وڏي ڪرپا
هي.
□ □

پائو هڪ گنڀير سڀاءَ جو شخص آهي. ڪهاڻين ۽ ڪوتائن جو شوق اَڃا بہ قائ
اٿس. اهو شغل ننڍيءَ عمر کان ئي اٿس. سڀاءَ جو سانتيڪو ۽ اَجائيءَ هُشِ هُشِ
کان دور. ملڪ ۾ سياسي جهيڙن کان پري. پنهنجو پاڻ ۾ پورو. ممڪن آهي هر
اُهي گڻ پنهنجي اردگرد جي حالتن کان متاثر ٿي پرايا هجن.

مان ڪڏهن ڪڏهن سوچيندي آهيان تہ اِنسان جي من ۾ احساس، اُمنگ ۽
جذبا ڪيئن ٿا اُڀرن ۽ ڇو ٿا اُڀرن، تڏهن مونکي خود ان جو اُتر ملي ويندو آهي ت
اِهو اِنسان جي من ورتيءَ جو هڪ نيم ٿيندو آهي ۽ ممڪن آهي تہ ايڪانت ۾
گهاريندڙ جيوَ ان طرح خود بہ خود پنهنجن ويچارن جي صحتمند قلم دئاران
اُهي ٻاهر ڪڍندا هجن. قدرت جا شيدائي انڪري تہ هميشهہ قدرت جي گود ۾
گهارڻ چاهيندا آهن؛ تنهن هوندي بہ مان ڪيس هجت وچان اِها ئي صلاح ڏيندي
رهندي آهيان : ”توهين ساهت ڪاريہ ۾ پاڻ کي مشغول رکي ويٺا آهيو، سٺي
ڳالهہ آهي، تہ بہ توهين هاڻ پاڻ کي ايڏو ٿڪايو نہ. گهڻو ئي لکيو اَٿوَ. جيڪو
ڪجهہ لکيو اَٿوَ اهو پڙهو ۽ جيڪو ساهت اَچي ٿو، ان جو رس وٺو.“ ڪيس ان طرح
جي هجت ڀري صلاح ڏيندي بہ هر وقت مون اِهو محسوس ڪيو آهي تہ هاڻ،
پائوءَ مون ۾ بہ لکڻ جي عادت وجهي ڇڏي آهي. راتو رات مونکي اَمر بڻائي ڇڏيو
آهي. هن وقت مونکي جيڪا بہ سنڌي ساهت ۽ سنڌيت جي ڄاڻ آهي، اُها هن
جي بدؤلت ئي آهي. مان تہ ڪجهہ ڄاڻندي ڪانہ هئس، باقي سنڌي هئڻ جي
ناتي سنڌي لکڻ پڙهڻ ضرور ايندي هئم. پائوءَ منهنجي عزت سنڌي سماج ۾
وڌائي آهي. ايترو جو جڏهن لوڪ مونکي رستي تان لنگهندو ڏسندا آهن تہ پاڻ ۾
سُسِ پُسِ ڪري مونکي ليکڪا ڄاڻي فخر وٺندا آهن ۽ مونکي ان مان ڏاڍي
خوشي حاصل ٿيندي آهي.

مان ڪيس اهو ئي ٻڌائيندي آهيان، ”سائينءَ جو شڪر آهي، وقت پاس ٿئي
پيو. مونکي لکڻو ڇڏڻو پوندو آهي. خطن جا جواب ڏيڻا پوندا آهن. ستسنگہ ۾ ٻڌل
آکاڻيون ياد ڪري ۽ اُهي پوءِ لکي رکندي آهيان، نہ تہ اڄڪلهہ خطن لکڻ جو چلڻ
رواج ئي ڪونہ آهي. انهيءَ ڪري مونکي فون تي ڳالهائڻ کان خطن لکڻ ۾ وڌيڪ
آنند ايندو آهي. باقي مان جيئن آهيان، تيئن آهيان. لکڻ جو اُدم تڏهن ڪندي
آهيان، جڏهن موڊ ايندي اَٿم.“

پائو ڇڙو ٿو ڪري جو هر وقت ڪجهہ نہ ڪجهہ حاصل ڪرڻ لاءِ پيو پاڻ پتوڙي،
مان ائين سست آهيان، پر مان اندر ۾ بلڪل چست آهيان، تڏهن بہ منهنجو لکڻ
منهنجيءَ اِڇا تي مدار رکندو آهي. پوُر پوندو، تہ نہ ڏينهن ڏسان نہ ڏسان رات،

وت کي ڇڙٻ ۾ ڏئي ڪڍندي هئي. جڏهن ۾ نريش ڪيس ڌيرج سان سمجھائڻ
ي ڪوشش ڪندو هو ”روپا ائين نہ سمجھہ تہ اسان لاءِ ڪو نئون صبوح ٿيندو ئي
ونہ. ڏکہ سکہ تہ ڏينهن رات سمان آهن. جيئن ڪل خوشيءَ جا ڏينهن گذريا،
يءَ ڏکيو وقت بہ گذري ويندو. هڪ هڪ ڏي سڀ ڪشٽ ڪشالا دور ٿي ويندا.
ڪو پل بدلاءَ جي آڏين آهي. تون ڌيرج رکہ، مالڪ پيو پاڻيهي مهر ڪندو، جنهن
ہ ڏيئي دکن جي راهہ تي آندو آهي، اهو دکن جي مارڳہ کان پنڌ ڪرائيندو
ن جي محل ۾ بہ وٺي هلندو، مڃاڻ گهر جو هن طرح جو واتاورڻ ٻارن جي من
ي اثر نہ ڪري ان ڪري بهتر ائين آهي تہ مون جيان تون بہ ڌيرج رک.“
ايترو ڪجھہ سمجھائڻ کان پوءِ بہ روپا خشڪيءَ سان صرف ’هون‘ ڪري منهن
برائي هلي ويندي هئي.
نريش کي اگر وقت تي يا ضرورت جيترو کاڌو نہ ملندو هو تہ بہ هو ڪڇندو
ين هو. اگر کاڌو ڪسو پڪو يا رکو سکو هوندو هوس تہ بہ پنهنجو ڌيرج نہ
جائيندو هو، چپ چاپ جو مليو ان کي پربھوءَ جو پرساد سمجھي کائي ڇڙهندو
و.
هڪ ڏينهن نريش کي رنڌڻي مان کاڌي جي تمام سٺي سڳنڌ آئي. جنهن
ڪري حب وچان کلندي روپا کان پڇيائين، ”اَڄ تہ رنڌڻي مان ڏاڍي مست
ڪندڙ سڳنڌ پيئي اَچي، ڪهڙا طعام ٺاهيا اٿئي؟“ نريش کي سندس ان سوال جو
جواب نہ مليو، نہ ٺاهيل طعام جو ڪو حصو. هميشھہ جيان جو ڪجھہ رکو سکو
ملندو هوس اُهو ئي مليس.
نريش کي دال جا ڦلڪا ڏاڍا وڻندا هئا، چاهہ سان کائيندو هو، جنهن ڪري
هڪ ڏينهن روپا کي سڪ وچان چيائين، ”روپا! ڏاڍا گهڻا ڏينهن ٿي ويا آهن جو
دال جا ڦلڪا ڪين ٺاهيان اٿئي. توکي تہ خبر آهي تہ اُهي مان ڏاڍو چاهہ سان
کائيندو آهيان.“ روپا اِن جو ڪيس ڪو جواب ڪونہ ڏنو. پاڻ کي گهر ۽ ٻارن جي
ڪم ۾ وڌيڪ مشغول ڪري ڇڏيائين. جڏهن بہ نريش پنهنجن ٻارن کي ڪوليو
ڻي تہ اُهي بہ اڳيان ڪين ٿي آيس.
نريش هڪ دفعي جڏهن روپا کي سمجھائيندي چيو ؛ ”تنهنجي سياءَ ۽ هلت
۾ هاڻي ايترو تہ ڦيرو آيو، جو مان ڄڻ تہ تنهنجي لاءِ ڪي ڪين آهيان. تون
مونکي هاڻي پنهنجو اڳيون پيار ڪين ٿي ڏين. منڙا گهر تہ گهراڻءِ جي اصول کي
ڇو نہ ٿي اپنائين ۽ گهر ۾ اُهو اڳہ وارو ماحول پيدا ڪرين؟“ ان جو جواب روپا

دال جو ڦلڪو

نريش ۽ روپا هميشه کلمک ڏسڻ ۾ ايندا هئا. نئين شادي هئي ۽ اُها به پيا
جي، جڻ ته هڪ ٻئي تان گهوريا پيا ويندا هئا. چهري تي مهڪ ۽ منهن تي مشڪ
ٻنهي جا اکثر ساٿيا ئي ڳڻ هئا. نريش ڪنهن خانگي ڪمپنيءَ ۾ سٺي عهدي
تي هو، روپا به نوڪري ڪندڙ هئي. هڪ ٻئي کي پائي هنن ڪو قارون جو خزان
هٿ ڪيو هو، ڏاڍو مزي ۾ رهندا هئا.

موقعي انوسار ڪين ٻي ٻار ڄاوا. هنن پنهنجن ٻارن کي ڏاڍو لاڏ ڪوڏ سان
پاليو. ڪين سٺي پرورش ۽ تعليم ڏنائون. سندن روزمرهه جي گهرجن ڏانهن ب
جوڳو ڌيان ڏنو ويندو هو. هنن ۾ ساجهه هئي. رفته رفته هو ورهين جا ڏاڪا چڙهندا
اڳتي وڌندا رهيا.

قدرت کي ڇا منظور آهي، ڪنهن کي به خبر ڪانه آهي. سڀ ڏينهن ته هڪ
جهڙا ڪين ٿين. سهائي ۽ ڪاري رات به ته هميشه ڪين رهنديون آهن. نريش
جي خانگي ڪمپنيءَ ڏيوالو ڪڍيو ۽ ان جو اثر نريش تي به پيو، جو سندس
نوڪري ويندي رهي، چڙهيل عمر هئڻ جي ڪري گهڻين ڪوشش جي باوجود به
ڪيس ٻي ڪا نوڪري ملي نه سگهي هئي. هو ڪوشش ڪندي به ناڪامياب رهيو
هو.

گهر جي ساري خرچ جو بوجهه روپا جي پگهار تي هو. گهر جي آمدني گهٽيل ۽
مرد ماڻهو سارو وقت گهر ۾ هجي، نريش جو اندر ڪاڇندو رهيو. جيتوڻيڪ نريش
جون پنهنجون گهرجون گهٽ هيون، پر هوءَ پنهنجي ٻارن جو آئينده جو سوچي من
ئي من ۾ جهڙندو هئو. روپا تي نه رڳو گهر جي ڪم جو بوجهه هو، پر ڪيس ٻارن ۽
نريش جي ضرورتن کي به منهن ڏيڻو ٿي پيو ۽ ان کان سواءِ نوڪري. نوڪري هن
لاءِ هاڻ ايتري لازمي هئي، جيترو روزانو جيئڻ لاءِ ڪاڌو کائڻ. سچ پچ آهي ته
گهڻي ڪم ڪارڻ اِنسان جو سڀاءُ چرچريو ٿي پوندو آهي ۽ هو جلد به جلد وچرجي
پوندو آهي. روپا جي ڳالهائڻ ۾ هاڻي ڪجهه شوخي، ڪجهه ضد ۽ ڪجهه ناڪار
ڪرڻ جا ڳڻ اَچي چڪا هئا. هوءَ نريش کي بعضي جواب به ڏيندي هئي يا سندس
فرمائش کي ٽارئي ڇڏيندي هئي. پيار ۽ سڪ جي بدران هوءَ هاڻي ڪڏهن ڪڏهن

هئي. اسين ٻئي هڪ ٻئي کي ڏاڍو چاهيندا هئاسين. مونکي گلن جهڙا ٻي
هن. گهر ۾ ڪابه ڪمي ڪانه آهي. سڄو گهر خوشين سان چمڪندو رهندو
ر نصيب ساٿ نه ڏنو، مان جنهن ڪمپنيءَ ۾ ڪم ڪندو هوس ان کي ڏنڏي
ي کوٽ پيئي ۽ مونکي نوڪريءَ مان جواب مليو. هاڻ بنا ڪمائيءَ جي گهر
و رهيس، جنهن ڪارڻ زال جو مون مان موهه بلڪل نڪري ويو. ٻارن به ماءُ
پٽ ورتي. ڪين مون لاءِ ڪوبه پيار نه رهيو، مون ڪين گهڻو ئي سمجهايو، پر
سڀ اونڌي گهڙي تي پاڻيءَ موافق هو. هوءَ پنهنجو ڏيرج ۽ وشواس وڃائي
ي هئي. هن اِهو ڪڏهن به محسوس ڪين ڪيو ته رات ڪان پوءِ صبوح به ايندو
. مان ته بيوس هوس. ڪيس منهنجيءَ ڪنهن به اِڇا جي پرواهه ڪانه رهي،
و جو جڏهن هڪ ڏينهن چيومانس، ”روپا! تمام گهڻا ڏينهن ٿي ويا آهن تو
جو ڦلڪو نه ٺاهيو آهي. توکي خبر آهي ته مونکي اُهي ڏاڍا وڻندا آهن.“ پر
ان بابت نه ڪو جواب ڏنو ۽ نه ڦلڪو ئي ٺاهيائين.
اهو سڀ ياد ڪندي نريش جي اکين ۾ آنسون اَچي ويا. نريش کيٌ هن طرح
ها ٻاريندو ڏسي سنيتا جي دل ۾ ڪنهن سوڪيم سنيهه جي چولهه اُٿلي ۽
ئين، ”بس ٻالهه به ايتري نريش ڀاءُ! مان جيئن ئي ڊيوٽيءَ تان لهندس ته
نجي گهر مان دال جو ڦلڪو تو لاءِ پچائي کڻي ايندس. اسپتال جي حاطي اندر
اسپتال جي نرسن جا ڪوارٽر آهن، مان به اُتي ئي رهندي آهيان.“
نريش تڏهن نرس جو هٿ پڪڙي چيو، ”سسٽرا ايڏي تڪليف نه ڪر. مون
ي صرف پنهنجيءَ دل جي پيڙا کان واقف ڪيو.“
”ان ۾ تڪليف جي ڪهڙي ٻالهه آهي. اِها به منهنجي لاءِ شيوا ئي آهي.
ٽي پوري ڪري مان جلد توهان جي لاءِ توهان جي پسندگيءَ جي چيز حاضر
ندس.“
هام جو جڏهن سنيتا پنهنجي گهران نريش لاءِ دال جو ڦلڪو پچائي کڻي آئي
ان کان اڳه ئي نريش اکيون بند ڪري چڪو هو. نريش کي جاڳائڻ جي خيال
ن، سنيتا کيس پڪاريو، ”نريش ڀاءُ! دال جا ڦلڪا ٺاهي کڻي آئي آهيان.“
هٿ لڳائيندي ئي سنيتا جي منهن مان چيخ نڪري ويئي، نريش جو پراڻ
يڻڙو ته پرواز ڪري چڪو هو. نرس جي منهن مان اوچنگار نڪري ويئي ۽ چئي
لي، ”نريش ڀاءُ! تون دال جي ڦلڪي لاءِ به ترسي نه سگهئين.“ ❑ ❑

ڪيس تمام طنزي ٻاشا ۾ ڏنو، ”پيار ڪا مٺائي ڪانہ آهي جو حلوائي جي دڪان تان آٽي هڪ ٻئي کي ڏيون.“ ۽ پوءِ منهن سجائي، پرس کڻي نوڪريءَ تي وڃڻ لاءِ گهر مان نڪري ويئي.

روپا جي اهڙي وهنوار نريش جو هينئون ئي ڇني ڇڏيو. هن روئڻ چاهيو ٿي، ڪيڪون ڪرڻ چاهيو ٿي، پر ڪنهن جي اڳيان؟ هو اندر جو اندر ۾ ڀڄرندو رهيو، ڪاڇندو رهيو ۽ اڪثر خاموش گذاريندو هو. جنهن جو اثر سندس صحت تي ايترو تہ ٿيو جو هو هاڻ بيمار گذارڻ لڳو ۽ بستري داخل ٿي ويو. روپا کي تہ ڄڻ سندس ڪا پرواهہ ئي ڪانہ هئي. هار پنهنجو پاڻ ۾ مشغول، مريض جي شيوا ڪير ڪري، نتيجو اِهو نڪتو جو نريش کي ڪنهن خيراتي اسپتال ۾ ڀرتي ڪرايو ويو.

اسپتال ۾ رهندي ڊاڪٽر سندس دوا دارون بہ پيا ڪندا هئا ۽ شيوا ۾ نرسون بہ اينديون رهنديون هيون. ڊاڪٽر الڳہ الڳہ طرح جون تپاسون ڪندي، الڳہ الڳہ طرح جون دوائون ڏيندا رهيا، تہ بہ نريش جي صحت ۾ ڪو فرق ايندو هجي، ائين ڪين ٿي لڳو.

سنيتا نالي واري هڪ سنڌي نرس نريش ڏانهن ڪجهہ وڌيڪ ڌيان ڏيندي هئي. وقت سر دوائون ۽ ڪاڏو ڪيس ياد ڪري ڏيندي هئي، اسپنج باٿ ڪرائڻ، بستري جون چادرون مٽائڻ، پاڻيءَ جي جڳہ آڻڻ يا ٻيو ڪو اهڙو ڪم هوندو هو تہ هوءَ سڀ مشڪندي ڪندي هئي. سنيتا جو اهو سڏانت هو تہ ڪا بہ نرس شيوا ڪري مريض جو درد تہ گهٽائي ڪانہ ٿي سگهي، البت پورو علاج ۽ شيوا جيڪا مريض کي هر وقت ملندي ٿي رهي اها ڪين من ۾ راحت ضرور ٿي پهچائي.

شيوا ڪندي، سنيتا نريش جي ويجهو ٿيڻ جي ڪوشش ڪندي ڪانئس هڪ دفعي سندس بيماريءَ جو ڪارڻ پڇي ويئي، ڇو تہ هوءَ هر وقت ڪيس موڙهيل، ملول ۽ سوچ ۾ ٻڏل ڏسندي هئي. سنيتا جي سوال نريش جي دل ۾ آنت جي ڀاونا پيدا ڪئي، تنهن مان سنيتا کي نريش جي من جي گهرائيءَ جي ڪجهہ ڪجهہ ڄاڻ پئجي ويئي. هوءَ هڪ انيوي نرس هئي. ڀاٻوهہ وچان سنيتا نريش جي ڪلهي تي هٿ رکي چيو، ”توهين مون تي وشواس رکو ۽ پنهنجي من مان اِها مونجهہ ڪڍي ٻاهر ڪيو، دکہ کي دل ۾ دٻائڻ سان ڪنهن کي ڪو فائدو پوڻ وارو نہ هوندو آهي.“

آلين اکين سان نريش سنيتا ڏانهن نهاريو ۽ پنهنجو داستان دهرايو.

”مون روپا نالي واري هڪ ڇوڪريءَ سان شادي ڪئي. اها اسان جي پيار جي

”تہ پوءِ ہہ ٽي سال مان نوڪري ڪندس.“ ائين سجنيءَ ماءُ کي مڃائي ورتو.
سجنيءَ جي ماءُ ميرٺ ۾ پنهنجي ڀاءُ کي خط لکي ڄاڻايو، ”سجني هاڻ وڏي
ويٺي آهي ان لاءِ ڪو لائق ڇوڪرو خيال ۾ رکج.“
گلابراءِ جو پٽ اشوڪ بہ انجنيريءَ جي پوئين سال جي امتحان ۾ پاس ٿيو هو.
ھن ڪري گھر ۾ خوشيءَ جو واتاورڻ هو. سجني ۽ ارونا هڪ ٻئي جي گھرن ۾
ديون ويندي هيون، گلابراءِ کي سجنيءَ لاءِ چاهت پيدا ٿي هئي جو تہ هوءَ نہ
شڪل شبيهہ ۾ پر سڀاءُ ۾ بہ سٻاجهي هئي. هڪ ڏينهن هن پنهنجي پتنيءَ
يءَ کي چيو، ”اشوڪ ۽ سجنيءَ جي جوڙيءَ لاءِ تنهنجو ڪهڙو خيال آهي؟ مان
سجهان ٿو تہ هن جهڙي لائق ڇوڪري ڪا ٻي مشڪل ملندي.“
”توهان کي ٻيو ڪو گھر ڪونہ سجهيو ڇا؟“ ڌميءَ شوخ واري نوع ۾ وراڻيو.
شوڪ انجنيري پاس ڪئي آهي تہ گھر بہ اَهڙو ئي ڳولهبو نہ؟ سجنيءَ جي ماءُ
ڪ رکيو ئي ڇا آهي؟“
وري گلابراءِ دهرايو، ”ڇوڪري هر طرح نيڪ ٿي لڳي، باقي ڏن ڏوئي پيئبو.“
ڌميءَ جو منهن ٺامٺي هٽي ويو ۽ چيائين، ”اڳئين سال رميش ماءُ پنهنجو پٽ
ڻايو. ڇوڪرو ڪاليج جا ٻہ سال بہ پڙهيل ڪونہ هو. ڇا رکيو هوس گھر ۾؟ هاڻ تہ
ھر ئي ڀرجي پيو اَٿس، پيٽ ۾ اشوڪ تہ وري بہ انجنيري پاس آهي. گھٽ
نداسين تہ لوڪ ٺٺوليون ڪندا. آخر پنهنجو شان بہ تہ رکڻو آهي.“
”تہ ڇا عزت ۽ آبرو صرف پئسن سان آهي.“ گلابراءِ زال سان مخاطب ٿيو،
سيٽڻ جو ڏنو سانوڻ جي مينهن برابر آهي، ان ڪري پئسي جو موهہ ڇڏي
وڪريءَ جي گڻن ڏانهن ڏيان ڏي.“
”توهين انهن ڳالهين ۾ نہ پئو تہ سٺو. مان مولي ماءُ مائٽين واريءَ کي ڇٽيءَ
طرح سمجهائيندس.“ ڌميءَ موٽ ۾ اُتر ڏنو.

....

سجني هرروز نوڪري سانگي صبوح جو ٩ بجي گھر مان نڪرندي هئي ۽ شام
ڇهين بجي واپس ايندي هئي. سندس ماءُ تہ صرف هفتي ۾ ٻہ دفعا شام جو مندر
ويندي هئي. باقي وقت ۾ هوءَ گھر اندر ئي ڏيتي لاءِ ڏاجو ٺاهڻ جي خيال کان
ڏرَ ٽوپي جي ڪم ۾ مشغول رهندي هئي. ڪنهن بہ پرائيءَ پڇار ڪرڻ کان دور
رهندي هئي. ڏيتي جي شاديءَ لاءِ ڏاڍي اون هوندي هئس. ڪيس اِها تہ خبر
هئي ڪانہ تہ سندس ڏيتي سريش سان عمر ڀر جو ساٿ نڀاهڻ لاءِ انجام ڪري

سيئي ڪارج راس

ارونا ۽ سجني گهريون سهيليون هيون. هڪ ئي ڪاليج ۾ بي.اي. جي پوئين سال ۾ اڀياس ڪنديون هيون. پڙهڻ ۾ به هوشيار هيون.

ارونا گلابراءِ بئريسٽر جي سپتري هئي. ڪيس اشوڪ نالي هڪ پاڻ هو جيڪو انجنيريءَ جي ڪاليج ۾ هو ۽ هوشيار وديارٿي هو. سجني اڃا ۹ درجي ۾ ئي هئي جو سندس پتا ديوان گوبندرام دل جو دؤرو پوڻ ڪارڻ راهه رباني تي ويو هو. هن بي وقتي موت ڪارڻ سجنيءَ جي ماءُ ڏاڍو غمگين گهاريندي هئي. هن لاءِ اهو وڇوڙو سهڻ ڪان ٻاهر هو. هميشهه خاموش گذاريندي هئي. نه مهل تي کاڌو نه پيتو. سندس ان طرح گهارڻ ڪارڻ سندس ڌيءُ به دکي ٿيندي هئي. هڪ ڏينهن ڌيءُ کي ان حالت ۾ آيل ڏسي هن پنهنجو هوش سنڀاليو، ويچاريائين، جيڪي ٿيو سو ته ٿيو، جيڪا مالڪ جي مرضي هئي ۽ ائين پنهنجو پاڻ کي همٿ ڏيندي رهي.

گوبندرام اُهو هڪ سياڻپ پريو ڪم ڪيو هو جو پنهنجيءَ آمدنيءَ مان هڪ فلئٽ وٺي ڇڏي هئائين ۽ اُها مسواڙ تي ڏيڻ سان ڪيس هر مهني ۲۰۰ رپيا مسواڙ ملندي هئي. پاڻ هڪ هلڪيءَ مسواڙي جڳهه ۾ رهندا هئا. سجنيءَ ۽ سندس ماءُ جو وقت سکيو گذرندو هو.

بي. اي. جي رزلٽ آئوٽ ٿيڻ سان ٻئي سهيليون فرسٽ ڪلاس سان پاس ٿيون. ارونا ته ايم.اي. ڪرڻ لاءِ وري ڪاليج جائن ڪيو، پر سجنيءَ کي سندس ماءُ وڌيڪ پڙهائي ڪرڻ جي اِجازت ڪانه ڏني. سجنيءَ جڏهن ماءُ کان نوڪري ڪرڻ جي اجازت گهري ته ان لاءِ سندس ماءُ جي مرضي ڪانه هئي، ابتو ڪيس چيائين، ”ٻارا توکي ته خبر آهي ته اسان جي پونجي ڪيتري آهي مان ته پاڻ هاڻ ان انتظار ۾ آهيان ته تو لاءِ ڪو سٺو ڇوڪري ڳولهي تنهنجو وواهه ڪرائي ڇڏيان ته مونکي به سنتوش ملي.“ سجنيءَ شرمائي ماءُ کي چيو، ”ممي! ان جي کهڙي تڪڙ آهي. مون جيڏيون ڪيتريون ڇوڪريون اڃا به ڪنواريون ويٺيون آهن.“

”پر پٽ! گهر ڳولهيندي به سال به لڳي ويندا.“

ٿي، پر مونکي ڪا اهڙي ڳالهه ڪانه آهي، جيڪو به ملندو شڪر ڪري
س.“

ولي ماءُ چيس، ”مان به واڌائيءَ جا ڏڪڻا ۽ پهراڻ ته وٺندس ئي، جيڪو
دڙ زماني آهر ٿيندو آهي، تون ڀلي ھين ڪان پڇا ڪري خاطري ڪج.“ اشوڪ
ماءُ کي سڀ قبول ڪرڻو پيو.

....

آفيس مان موٽندي سڄنيءَ جي سريش سان ملاقات ٿي، سڄني کي ڏسندي
سريش ڪانئس هڪ عجيب قسم جو سوال ڪيو، ”خبر اٿئي ته مان اڄ هيءَ
ستاني پئنٽ جو پائي آيو آهيان.“

”پر هيءَ ته بمبئي آهي راجستان ڪونه آهي. اڄڪلهه هت بمبئيءَ ۾ اهڙي
پئنٽ پائڻ جو رواج ڪونهي. بهتر ٿئي ته تون اها پئنٽ يا ته ماسيءَ کي
چڏ يا وڪڻي ڇڏ.

....

”آخر به توهان هرروز وڃو ڪيڏانهن ٿا؟“ ڪمي ءَ پنهنجي گهوٽ کان سوال ڪيو.
”ڪنهن نه ڪنهن وٽ ته ويندو ئي آهيان.“
”آخر اُهي آهن ڪنهن جا ماما-چاچا؟ مون ته سندن ڪڏهن نالا به ڪونه ٻڌا
ن.“

”اُهي نه تنهنجا ماما-چاچا آهن ۽ نه منهنجا- مان ته روز شام جو باغ ۾ ٽهلڻ
ندو آهيان جو ته تنهنجون روز جون اُپٽانگ ڳالهيون ٻڌي تنگ ٿي ٿو پوان-
ي ٻڌائيندي آهين، رڳو ڏيب ولڻ جون ڳالهيون.“ گلابراءِ جواب ڏنس.

”ڏياريءَ تي توهان وڏيءَ شرڌا سان لڪشمي پوڄا ڪندا آهيو ۽ هاڻ ڇڏهن
ڪشمي سامهون ٿي اچي ته پيا موڙا ڏيو. ڪير نه ٿو پٽن جي ڏيتي ليتي وٺي. ڪو
هر ته ڪونه ٿا ڪريون. اروڻا کي به ته شاديءَ وقت ڏيڻو پوندو. مان اڄ صاف
ايانوَ ٿي ته اگر مولي ماءُ ڪو سٺو گهر ٻڌائيندي ته مان ها ڪري ڇڏيندس.
هان ته رٽاير ڪري ويٺا آهيو، پر مان آهيان جا پيٽي روٽيون پچائيندس ڇا؟
خفي ٿيندي گلابراءِ چيو، ”جيئن وڻيئي وڃي ائين ڪر، پر اشوڪ سان صلاح
رور ڪج. سندس اِچا بنان ڪو ڪم نه ڪج. مان ته هر حال ۾ پاڻ نهڪائي
ندس، پر دقت توکي ٿيندي.“

مندر مان موٽندي سڄنيءَ جي ماءُ ۽ شانتيءَ جي ماءُ، گهر ڏانهن ھاڃيون وٺنديون

ڇڏيو هو.

سريش سڄڻيءَ واري ڪاليج ۾ ئي پڙهندو هو. بي. اي. کان پوءِ هن ايل.ايل بي. ڪرڻ جو ويچار ڪيو. سڄڻي سان هفتي ۾ صرف ٻه دفعا ئي ڳالهائيندو هو، ان خيال کان ته ان بابت ڪنهن کي ڪو شڪ نه پوي. هن پنهنجي ماسيءَ سان به ان باري ۾ ڳالهه ڪانه ڪئي هئي.

سڄڻيءَ جي ماءُ کي هڪ ڏينهن ويچار آيو ته ڇو ڪين اشوڪ جي ماءُ سان سڄڻيءَ جي مائٽيءَ لاءِ ڳالهه ڇيڙجي. سٺو ڇوڪرو آهي ۽ گهر به واقف آهي. ائين ئي هڪ ڏينهن همٿ ڪري هوءَ اشوڪ جي گهر ويئي ۽ رسمي آءُ ڀاءُ ڪرڻ کان پوءِ کيس وينتي ڪيائين، ”ڀيڻ ڪجهه ڪم اٿم، پر ان لاءِ تون ڪجهه غلط نه سمجهجانءِ.“

”اهڙي ڪهڙي ڳالهه آهي جو مان ان کي غلط سمجهندس. چئي ڏئي جيڪو ڪجهه من ۾ اٿئي.“

”سڄڻيءَ جي ماءُ ڪجهه هٻڪندي چيو، ”اسين هڪ ٻئي کان اڳ ئي واقف آهيون، ڇو ڪين اُهو رشتو پڪو ڪيون.“

اشوڪ جي ماءُ ٿوري منجهي پيئي پوءِ به چيائين، ”ڇا مطلب؟“

سڄڻيءَ جي ماءُ چيس، ”ڇو ڪين اشوڪ ۽ سڄڻيءَ جو پاڻ ۾ وواهه رچائجي.“

اشوڪ جي ماءُ وراڻيو، ”ڀيڻ جي چاهين ٿي ته اسان جو هيءُ رشتو قائم رهي ته وري اهڙي ڳالهه زبان تي نه آڻج. اشوڪ انجنيري پڙهيو آهي ۽ مان به ڪنهن چڱي بيٺل گهر جي ڪنيا ڳولهيندس.“

چڱي گهر جو مطلب سمجهي سڄڻيءَ جي ماءُ چيو، ”سڄڻيءَ به ته بي.اي. پاس ڪئي آهي. هڪ ٻئي ڏيءُ اٿم گهر ۾ هيو ٻار ته اٿم ڪين ان ڪري جيڪو آهي، اهو ان جو ئي ته آهي.“

اشوڪ جي ماءُ وري به کيس شانت ڪرائي ڇڏيو، جنهن ڪارڻ سڄڻيءَ جي ماءُ اُداس بڻجي واپس گهر ۾ آئي ۽ جڏهن گلابراءِ کي اها ڄاڻ پيئي ته کيس اُها ڳالهه بنهه ڪانه وڻي.

....

هڪ ڏينهن ڏميءَ مولي ماءُ مائٽين واريءَ کي گهر ۾ گهرائي چيو، ”اَدي! منهنجو پٽ لکن ۾ هڪ آهي. اهڙو سباجهو، گٺوان هيو نه هوندو. انجنيري به پاس ڪيل اٿس. توکي ته خبر آهي ته ڊاڪٽر ۽ انجنيرن کي ڳري ڏيتي ليتي

نہ ڏج، مون اڳ ئي ڪنهن کي پڪ ڏئي ڇڏي آهي.‘‘
’’تہ پوءِ ڪڏهن تہ ولي اَچيس تہ مان بہ تہ ڏسان.‘‘ ماسيءَ ضد ڪندي چيو.
’’وقت اَچڻ تي ضرور ولي ايندوسانس.‘‘ اسان کي تہ ڪو اعتراض ڪين
ي، پر جي مان تنهنجيءَ مميءَ کي پسند نہ پيس تہ منهنجو ڇا ٿيندو؟‘‘
’’منهنجي ممي بہ تمام سمجهوُ آهي مان نہ ٿي سمجهان تہ ڪيس ان لاءِ
راض ٿيندو.‘‘
’’تہ ڇئبو رستو صاف آهي. هل تہ ان خوشيءَ ۾ ڪافي هائوس ۾ هلي ڪافي
ون.‘‘
ڪافي پيئندي ٻئي ارونا بابت سوچيندا رهيا. ارونا هاڻ گهڻو ٽڻو ارجن نالي
ڪري سان گڏ نظر ايندي هئي، ان ڪان اڳ رميش ۽ ديپڪ سان بہ پيئي
ندي جهلندي هئي. ’’ارجن ۽ ارونا جو سياڻي پڪچر وڃڻ جو پروگرام آهي.
ين بہ ڇو ڪين اَهڙو پروگرام رکون.‘‘ سريش پنهنجي خواهش ظاهر ڪئي.
سڄنيءَ انڪار ڪنديءَ چيس، ’’منهنجو اَهڙين ملاقاتن ۾ وشواس ڪين آهي.
ڪ آهي ہوڪ، وري ممي بہ ان لاءِ موڪل ڪانہ ڏيندي.‘‘
....
آرتوار جو ڏينهن هو، سڄنيءَ جي ماءُ ڪنهن رشتيدار جي گهر ويندي، سڄنيءَ
ي چيو، ’’ڇئين تہ پاسي واريءَ سرسوتيءَ کي چوان تہ اَچي تو وٽ ويهي؟‘‘
’’ممي تون منهنجو خيال نہ ڪر.‘‘‘ چوندي سڄني پنهنجي ڪم ۾ مشغول
ي ويئي. ايتري ۾ در تي ڪڙڪو ٿيو ۽ اُٺي در کوليائين تہ ارونا کي ڏسي ڏاڍي
وشيءَ ۽ عجب بہ لڳس ڇو تہ هوءَ تہ پڪچر تي وڃڻ واري هئي. اَچرج وچان
رونا بہ پڇيس تہ ’’توکي ڪيئن خبر پيئي؟‘‘‘ تڏهن ڳالهہ جو رخ بدلائيندي
يس، ’’اَڄ آرتوار آهي اِن ڪري انومان ٿي ڪيم.‘‘ ان تي ارونا کيس ٻڌايو تہ
’برابر اَڄ منهنجو ارجن سان گڏ پڪچر تي وڃڻ جو پروگرام هو، پر اَرجن جو 31
ڪلاڪ تائين انتظار ڪندي آخر تو وٽ هلي آيس. ڏس ہہ ٽڪيٽون بہ هٿ ۾ اَٿم.
رجن کي ڪنهن ٻيءَ ڇوڪريءَ سان گڏ ڏٺم. سٺو ٿيو هن هاڻ ئي اهڙا رنگ
ڏيکاريا. مان هاڻ بلڪل نراس ٿي چڪي آهيان. خبر ئي ڪانہ ٿي پويم تہ هاڻ ڇا
ڪيان؟‘‘‘ ارونا جي اکين ۾ آنسون هيون. سڄنيءَ دلداري ڏيندي چيس، ’’اهڙين
ڳالهين جي ڪري ڪنهن بہ طرف پاڻ کي پريشان ڪرڻ مان تہ ڪجهہ ورڻو ڪونہ
هي. هاڻ بهتر آهي تہ ڪنهن بہ ڇوڪري جي ڪَڍِ پوڻ ڪان سانت ڪري ويهہ.

ايندا هيون. هڪ دفعي جيئن پاڇيون وٺي اچي رهيون آهيون ته هڪ ڇوڪر
شانتي ماءُ اڳيان آيو ۽ عزت وچان چيائين، ”ماسي! اِها پاڇي جي ٿوڙي مونکي
ڏيو، مان توهان جي گهر ڪٽي ويندس.“ اُن تي هن ٻڌايس ته هيءُ سندس
پاڙيچو آهي ۽ سندس وٽ ئي رهندو آهي، امتحان ڏيڻ آيو آهي ۽ ٻي مهنا اَٿس.
منهنجي ٻنهي ڏيئرن ته شادي ڪري وڃي پنهنجو گهر وسايو. هاڻ منهنجي ٻ
پيڻ جا خط پيا ايندا آهن ته ڪا سٺي ڇوڪري خيال ۾ هجيئي ته ٻل مڱائي
ڇڏجانس، پر هن نينگر سان جڏهن ٻه اَهڙي ڳالهه ڪيان ته چويم، ”ماسي تون
ڪو خيال نه ڪر. مون اڳ ئي ڪنهن سان پڪ ڪري ڇڏي آهي. وقت ايندو ته
توکي ڇوڪري ٻه ڏيکاريندس.“

سڄنيءَ جي ماءُ جيئن ئي ڇوڪري کي ڏٺو ته چيائين، ”ڇوڪرو ته ڏاڍو
ناهوڪو آهي. بدن، بيهڪ ۽ روش ٻه وڻندڙ اَٿس، صرف رنگ جو ڪجهه سانورو
آهي. سڄنيءَ لاءِ جي اُهو ڇوڪرو ملي وڃي ته ڪيترو نه سٺو ٿئي، پر جيئن ته
اڳ پڪ ٿي چڪي آهي، سڄنيءَ جي ماءُ سانت رهي.

....

١٥ منٽ انتظار ڪندي ٻه جڏهن سريش جو ڪو پتو ڪونه پيو ته هوءَ سوچ ۾
پئجي ويئي. هونئن ته هوُ اڳ ئي اُتي بيهندو هو، پر پوءِ ڪيس پريان ايندو
ڏٺائين ته دير سان اَچڻ لاءِ معافي ورتائين ته موٽ ۾ سڄنيءَ چيس، ”وڪيل
صاحب شايد هاڻي ئي ڪيس هلائي شروع ڪيا آهن، جنهن ڪري ٽائيم جي خبر
نه پوڻ ممڪن آهي.“

اَهڙي ته ڪا ڳالهه ڪانه آهي. اڄ ماسيءَ جون ٻئي ڏيئر پنهنجن گهوٽن سان
آيل هيون، جنهن ڪارڻ سندن لاءِ بازار مان ڪجهه وٺي اَچڻ ڪري دير ٿي ويئي.
هوءَ ته مونکي پنهنجي ٻارن جيان سمجهندي آهي. هاڻ تنهنجي ڪري بهانو
ٺاهي هليو آيس. پر تون اَڄ سانت ڇو آهين؟ ڪهڙي ڳالهه آهي.“ سريش سوال
ڪيو.

”مان سوچيندي رهندي آهيان ته تو پنهنجن مائٽن سان ڳالهه ڪئي آهي يا
نه، جي ڪين هيءُ رشتو پسند نه آيو ته اسان جو ڇا ٿيندو؟ هيل تائين نه تو
پنهنجن مائٽن کي ٻڌايو ۽ نه مون.“ اُبهرائيءَ وچان ظاهر ڪيو.

”... ته توکي اِها چنتا آهي.... ته ٻڌا منهنجن مائٽن ته ماسيءَ کي موڪل
ڏئي ڇڏي آهي ۽ جڏهن ماسيءَ مون کان پڇيو ته مون چيومانس ته ڪنهن کي

ي ڳالهہ ۾ ڇا آهي؟ تنهنجي اکين ۾ آنسون ڇو آهن؟''
''.... ڪجهہ بہ نہ آهي ڊيئرڙي..... تون ٿڪجي آئي آهين، چانهہ پيءُ تہ پوءِ
بانءِ ٿي.''

چانهہ پي پوري ڪرڻ کان پوءِ سڄنيءَ جي ماءُ مَنَ جو بار هلڪو ڪرڻ لاءِ
س، ''توکي نوڪري ڪئي بہ سال ٿي ويا آهن، مان اَڃا تنهنجي لاءِ ڪو لائق
ڪرو ڳولهي نہ سگهي آهيان. تنهنجو ڊيڊي هجي هان تہ مان نشچنت هجان
ن.''

موقعي جو فائدو وٺندي سڄنيءَ ماءُ کي چيو، ''بس ڳالهہ بہ ايتري. مون
نجي لاءِ اڳہ ئي ڇوڪرو ڳولهي ڇڏيو آهي. توکي ڪابہ تڪليف ڪرڻي نہ
دي.''

ٻڌندي ئي سڄنيءَ جي ماءُ آگ ببولا ٿي ويئي، تڏهن سڄنيءَ ڪيس ٿڌو ڪندي
و، ''ممي! مون اهڙو ڪو ڪم ڪونہ ڪيو آهي، جيڪو تنهنجو ڪنڌ هيٺ
ري. ڇوڪرو شريف آهي. تون صرف ڪيس هڪ دفعو ڏس.''

''پر تو تہ هن کان اڳہ اَهڙي ڪا ڳالهہ مونسان ڪانہ ڪئي آهي. مونکي تہ
تي ناز رهندو آهي تہ منهنجي ڌيءُ دنيا ۾ جي ڇوڪرين کان الڳہ آهي،
....''

''.... پر ممي منهنجو ٻئي ڪنهن بہ ڇوڪري سان ڪو سنٻنڌ ڪونہ آهي...
ن صرف هڪ دفعو ڪيس ڏس'' ۽ مميءَ جي ڪاوڙ جو تخمينو لڳائي هوءَ پريل
ؤ سان ڪپڙا بدلائڻ جي خيال کان پنهنجي ڪوٺيءَ ۾ هلي ويئي. نيڻن ۾ ننڊ
ڪانہ هئس. سوچي رهي هئي تہ هاڻ ڇا ٿيندو؟ سريش ڇا سمجهندو؟ مان کي
يس کهڙو منهن ڏيکاريندس؟ مميءَ کي بہ اَلائي ڇا ٿي ويو؟ دکي حالت ڏسي
نهنجيءَ دل جي ڳالهہ ٻڌائيمانس، سمجهيم تہ چوندي تہ مون سندس بوجهہ
لڪو ڪيو آهي، پر هاڻ؟.... بهتر ٿيندو تہ سريش سان گڏجان ئي نہ. ائين ڪرڻ
ان هو بہ مونکي بيوفا سمجهندو. ائين ويچار ڪندي ڪيس اکہ لڳي ويئي.

سڄنيءَ جي ماءُ جي تہ ننڊ ئي ڦٽي پيئي. ساري رات مٽي کي هٿ ڏيئي
يٺي رهي. سوچيندي رهي تہ سندس ڌيءُ سندس ڪنڌ هيٺ ڪري ڇڏيو. بدنامي
يندي تہ ڪيئن منهن ڏيندس، پر جڏهن من جو غبار ڪجهہ گهٽ ٿيس تہ هوءَ
وچڻ لڳي، ''مون اجايو سڄنيءَ تي غصو ڪيو. هوءَ جڏهن پاڻ چوي ٿي تہ
ڇوڪرو ڏسان، تہ ان ۾ اعتراض ئي ڪهڙو آهي. هاڻ زمانو ڪهڙو ٿي پيو آهي.

وقت ہلوان آهي، ضرور ڪونہ ڪو رستو ڪڍندو. امتحان ۾ بہ گھڻو وقت ڪونہ آهي، ان ڪري پڙهڻ ۾ ڌيان ڏي.“ ان ڪان پوءِ سجني ارونا کان چانهہ ٺاهڻ لاءِ رنڌڻي ۾ ويئي.

چانهہ پيئندي ارونا سوال ڪيس، ”تو تہ پنهنجي باري ۾ ڪجهہ ٻڌايو ئي ڪين؟ تنهنجو قصو ڪيستائين پهتو آهي؟ ڪو تہ ڇوڪرو خيال ۾ رکيو ئي هوندءِ؟“ سجني گنڀير سڀاءَ جي هئڻ ڪري ڪجهہ بہ ڪڇڻ ليڪ نہ سمجهيو، پر مرڪي پنهنجو اظهار ظاهر ڪيائين. ”ممي ويٺي آهي تہ مان ڇو ان لاءِ چنتا ڪيان.“ البت ارونا کي صلاح ڏيندي چيائين، ”تون بہ ڇو ٿي فڪر ڪرين. سڀ ڪجهہ پنهنجو پاڻ ٿي ويندو.“

....

جڏهن سريش سجنيءَ سان گڏيو تہ سجنيءَ کيس ارونا جي من اُسٿتيءَ کان واقف ڪيو ۽ ارجن جو کيس پڪچر تي گڏ هلڻ جو واعدو ڪندي بہ ڪين آيو. جنهن ڪارڻ هوءَ ڏاڍو دکي هئي.

سريش سجنيءَ سان مذاق ڪندي چيو، ”تون تہ سندر آهين، چاهين ها تہ سهڻو ۽ ٺاهوڪو ڇوڪرو هٿ ڪري سگهين ها. تون مون ڪاري تي ڪيئن هرکہ هاري ويٺينءَ؟“

”هر ڪنهن جا پنهنجا ويچار آهن.“ سجنيءَ ورائيو، ”تون مونکي منهنجين نظر سان ڏس تہ ڪارو آهين؟ ائين تہ ڪرشن بہ ڪارو هو، تڏهن بہ گوپين پٺيان ٿي پيس.“

”پر هٿ تہ صرف هڪ گوپي آهي.“

”توکي ڪنهن منع ڪئي تہ وڌيڪ گوپيون نہ رک.“ سجنيءَ جي آواز ۾ ٽوڪ هئي، پر سريش سندس موڊ جلد بدلائي ڇڏيو.

....

شانتيءَ جي ماءُ جيئن ئي سجنيءَ کي ڏٺو تہ هوءَ کيس ڏاڍي وٺي ويئي، پر جيئن تہ سريش ڪنهن کي پڪ ڏيڻ کان منع ڪئي هئس، هوءَ سانت رهي هئي.

سجنيءَ جي ماءُ کي جڏهن پاءُ جو خط آيو تہ هٿ سٺا ڇوڪرا ملڻ مشڪل آهن، تون پاڻ بمبئيءَ ۾ جاچ ڪر تہ کيس نراسائي ويڙهي ويئي ۽ سجنيءَ جي پتا جي ياد آيس، ”هو هجي هان تہ....“ اکين ۾ ڳوڙها ڳري آيس. سجني بہ آفيس مان موٽندي جڏهن ماءُ جي اَهڙي حالت ڏٺي تہ پاڻهہ مان پڇيائينس،

ڻين. ائين به ته اسان جي هن سلسلي کي ڪافي وقت ٿي ويو آهي.'' سريش
جو ويچار ظاهر ڪيو.
'ٺيڪ آهي، پر اَچڻ وقت ٻڌائجانء.'' سڄنيءَ تاڪيد ڪيس.
'ضرور.'' سريش اُتر ڏنو.
شام جو سڄني جڏهن گهر آئي ته ماڻس خاطري ڪرڻ جي خيال کان پڇيس،
پاڻي جي پروگرام جي پڪ ٿي؟'' سڄنيءَ 'ها' ۾ جواب ڏنو ۽ ايترو به
ٻائينس ته سريش پنهنجي ماسيءَ کي به وٺي ايندو ڇو ته هو هت پنهنجي
يءَ وٽ ئي رهندو آهي، سندس مائٽ ته راجستان ۾ رهندا آهن.''
سڄنيءَ جي واتان اِهو ٻڌندي ئي سڄنيءَ جي ماءُ کي من ۾ تري آيو، ''اُها
نيءَ ماءُ ۽ سندس ڀاڻيجو ته ڪين آهن.'' پر ڌيءُ جي اڳيان سانت رهي.
ش به جڏهن پنهنجي ماسيءَ سان ٻئي ڏينهن جي پروگرام جي ڳالهه ڪئي ته
ڏاڍو خوش ٿيڻ لڳي.
سڄني ۽ سندس ماءُ پوءِ سارو ڏينهن گهر ۾ مهمانوازيءَ جي تياريءَ ۾ جنبي
ون. ڪمرا صاف ڪرڻ، چادرون ۽ وهاڻن جو ڇَئون مٽائڻ. درن درين جا پڙدا
ائڻ. هر طرح جي خاطرداري ڪرڻ لاءِ هو جوڳيون تياريون ڪرڻ لڳيون، ائين جيئن
ڏينهن سندن لاءِ ڏياريءَ جو ڏينهن هو. شرمائيندي سڄنيءَ ماءُ کي چيو،
مي در تي ڪڙڪو ٿئي ته در تون کولج.'' سڄنيءَ جي ماءُ مشڪي ڏنس.

....

سوا پنجين بجي، در تي ڪڙڪو ٿيندي ئي سڄنيءَ جي ماءُ اُٿي دروازو کوليو
انتيءَ جي ماءُ ۽ سندس ڀاڻيجي کي ڏسي سندس آدرڀاءُ ڪيائين. ماسيءَ
جنيءَ کي مخاطب ٿيندي چيو، ''مان ته هن گهر ۾ ايندڙ آهيان. هيءُ ته
هنجا ئي ماڻهو آهن. سچ اِهو آهي ته مون جڏهن اڄ سڄنيءَ کي ڏٺو هو ته هوءَ
هنجي اندر ۾ پيهي ويئي هئي، پر مان ڪجهه ڪُڇي نه سگهيس جو تو هڏايو
ته تو ڪنهن کي اڳ ئي پڪ ڏئي ڇڏي آهي.'' موٽ ۾ سڄنيءَ جي ماءُ هڏايس
هڪ ڏينهن هن توهان کان ڀاڃين واري ٽوڪري گهر پهچائڻ لاءِ ورتي هئي،
''.نڪي هو ان وقت ئي وٺي ويو هو، پر مان به ڪجهه ڪڇي نه سگهيس
''لکه لکه شڪرانا مالڪ جا جو من جي مراد پوري ڪئي اَٿس، پر ٻار به
يترا نه گنڀير ڇئجن جو ٽن سالن تائين پنهنجي طرفان مڪه مان ٻڙڪ به ڪانه
لي اَٿائون.''

چوڪرا ۽ ڇوڪريون پيون ڪليو ڪلايو گهمن ڦرن، پوءِ هوءَ ته هفتي ۾ هڪ يا ٻه دفعو، مونکي ٻڌائي ڪلاڪ ٻن لاءِ ويندي آهي. موڪل جي ڏينهن به ته گهر ۾ ئي هوندي آهي. چاهي ته ڇوڪري سان گهمي ڦري سگهي ٿي. هاڻ جو ڪين چوانس ته پل مونکي ڇوڪرو ڏيکار.''

رات جو دير سان سمهندي به هوءَ صبح جو سويل اُٿي. سجني اڃا سمهيل هئي. هوءَ ڌيءَ جي ويجهو آئي. ڌيءَ کي ڏسندي ئي سمجهي ويئي ته هن رات ڪافي رُنو آهي. پيار مان ماٿس مٿي تي هٿ رکي پڇيس، ''ڌيءَ اَڄ آفيس ڪونه ويندينءَ ڇا؟ اٺ ٿيا ٿين.'' سجني ڇرڪ ڀري اُٿي.

''آفيس ته وڃڻو اَٿم.'' ماٿس ڀاڪر پائي چيو، ''تون پل مونکي ڇوڪرو ڏيکار. سڀاڻي آرتوارآهي- چانهه پيئڻ جي دعوت ڏيس.''

ماءُ جي واتان اَهڙا اکر نڪرندا ڏسي، سجني عجب کائيندي چيو، ''سچ ممي؟''

ماءُ جي ويچارن ۾ ايترو فرق آيل ڏسي هوءَ ڦولي نه ٿي سمائي. تڙتڪڙ ۾ تيار ٿي سنان پاڻي ڪري سٺي پوشاڪ پهري، نيرن ڪري هوءَ آفيس وڃڻ لاءِ تيار ٿي ويندي ويندي ماٿس وري سوال ڪيس، ''پر تو ڇوڪري جو ته نالو به ڪونه ٻڌايو؟ ڪنهن جو پٽ آهي؟ ڪٿي رهندو آهي؟''

''ممي! اهو سڀ شام جو ٻڌائيندي سانءِ'' هوءَ وڃڻ جي تڪڙ ۾ هئي.

....

''اَڄ تنهنجي لاءِ هڪ خوشخبري آندي اَٿم.'' سجنيءَ سريش کي چيو.

''ته پوءِ ٻڌائڻ ۾ دير ڇو؟ سريش منهن تي مشڪ آڻي چيو.

''منهنجي ممي توکي ڏسڻ ٿي چاهي. مان توکي سڀاڻي شام جو پنجين بجي گهر اَچي چانهه پيئڻ جي دعوت ٿي ڏيان.''

''پر ٻه هيءُ سڀ اوچتو ڪيئن ٿيو، تو اڳ پنهنجي مميءَ سان ڪا ڳالهه ڪانه ڪئي هئي ڇا؟''

سجنيءَ سچي ڳالهه ٻڌائيندي به اهو ظاهر ڪين ڪيو ته سندس مميءَ ڀرين ناراضگي ڏيکاري هئي.

''مان اڳ ته تنهنجي گهر ڪڏهن آيو ڪونه آهيان انڪري اڪيلو اَچڻ ۾ هٻڪ ٿيندم. تون ٺيڪ سمجهين ته مان ماسيءَ کي به پاڻ سان وٺي اَچان. هوءَ به توکي ڏسڻ ٿي چاهي ۽ بهتر ٿيندو ته پهلي منهنجي ماسي ۽ تنهنجي ماءُ به پاڻ ۾

”ته پوءِ مان ئي تو توهان جي غلطفهمي دور ڪريان.“

”ان لاءِ مونکي ڪو اعتراض ڪونه آهي.“ ارجن جواب ڏنو.

هڪ ڏينهن مقرر ڪري هن ٻنهي کي هڪ هوٽل ۾ گهرايو، جيئن هو روبرو
ٺائي سگهن. اهڙي ترڪيب سريش اڳ ئي سڄڻيءَ کي ٻڌائي ڇڏي هئي.
ٺيءَ وري اروڻا کي هر طرح تيار ڪري ڇڏيو هو. ٻنهي جي مڪان منهن ملاقات
ه لاتو. ٻنهي جي چهرن تي سنتوش هو. اروڻا ٻه جڏهن ارجن بابت پنهنجن
ڻن سان ڳالهه ڪئي ته کين ڳالهه پسند آئي. هئڙي ازغئبي طرح سان سيڻي جا
ن تڙي پيا ۽ شاديءَ جي ٻه پڪ ٿي ويئي. شاديءَ جو مهورت چيٽي چنڊ جو
نتو.

اڄ چيٽي چنڊ جو ڏينهن هو. ٽيئي جوڙا منڊپ ۾ هئا. سڄو منڊپ مهمانن ۽
رن سان ڀريل هو. منڊپ کي تمام سندر نموني سينگاريو ويو هو. رنگين بلبن
ِ جهرمر، گلن جي هارن جي خوشبوءِ، ڪاڏي لاءِ سڄايل ٽيبلون، مٺ مائٽ،
ڻ سڄڻ ۽ مهمان پيا هڪ ٻئي سان سڪ سان ٿي گڏيا. وايومنڊل ۾ سڳنڌ ۽
رهاڻ هئي. برهمڻ ويڌي پڙهي رهيا هئا ۽ چيٽي چنڊ جو ڏينهن هئڻ ڪري
ڪ ٻئي کي نئين سال جون واڌايون ٻه ڏئي رهيا هئا. جهولڻ پنهنجي مهر ڪئي
ي، هن جي آشيرواد سان ئي ڪاج مڙيوئي راس ٿيا هئا.

(نوٽ : منهنجي هيءَ ڪهاڻي گهڻو اڳ جي لکيل آهي، جنهن ڪارڻ واردات
پيشڪش ان وقت سان لاڳو رکندڙ آهي. هيءَ منهنجي ڀهرين ڪهاڻي آهي.)

❑ ❑

ڀريه ادي ڪانتا ايسراڻي

هل آننت آنند جي ساگر ۾ تڙڳندا رهو. ’ڪٿائون ۽ ڪٿائون‘ پهتل
آهي. مهرباني. هن ڪتاب ۾ ستسنگين جي وندر لاءِ سنو خزانو آهي.
پڙهندي مزو ايندو. منهنجي لاءِ ٻه ٽائيم پاس لاءِ سنو ساڌن ٿي پيو. هل
لکندا رهو ۽ ٻئي دفعي هن کان ٻه وڏيڪ سنو ڪتاب ڏئي سگهو. هل
سدائين سکي ۽ سرها رهو.

قربن مان ؛ هري دلگير

(واقعي ئي هيءَ منهنجو ڀيو قدم دادا دلگير جي آشيرواد جو ڦل آهي-ڪانتا)

رسمي ڳالھہ ٻولھہ ڪانپوءِ سجنيءَ جي ماءُ چيو، ”مٽڻي لاءِ ڪنهن کي چئجي، سريش جي مائٽن سان لکپڙھ ڪجي يا توھين ڪين احوال ڏيندا؟“

”توھين اھو خيال نہ ڪيو. اھو منھنجو ڪم آھي. تنهن ھوندي بہ مان تہ اڄ ئي پڪ ڏئي سگھان ٿي. ڪڇيءَ مصريءَ جي رسم بہ پوري ڪري سگھو ٿا.“

....

سجنيءَ جي ماءُ کي ھيو چا کپندو ھو. ڏي وٺ جو ڪم ھن تڪڙو پورو ڪيو.

سريش اڄ ڏاڍو خوش ھو. سندس ٽن سالن جي تپشيا آخر رنگ لاتو ھو. باقي سارو ڪم ھن پنھنجي ماسيءَ تي ڇڏيو. سريش جي مائٽن کي جڏھن اھا خبر پيئي تہ ھو بہ ڏاڍو خوش ٿيا ۽ کين وشواس ڏياريائون تہ کين ڇوڪري بلڪل پسند پيئي آھي، پڻ شاديءَ جي پڪ ڪري مھورت جي تاريخ لاءِ کيس تاڪيد ڪيائون.

اشوڪ توڙي اروڻا جي دوستن ۽ سھيلين جون شاديون ٿي ويون ھيون، پر ھنن جو تہ اڃا مٽڻو بہ ڪونہ ٿيو ھو. ڏيتي ليتي ان جو مکيہ ڪارڻ ھو. البت ڪنهن طرح اشوڪ جو رشتو پوني جي سيٺ ڪشنچند جي ڌيءُ گيتا سان ٿيو. گيتا ناھوڪي ھئي. بي.اي. تائين پڙھيل ھئي. گھر ڪم ۾ ھوشيار ھئي، جڏھن ڇوڪري جي طرف وارن کي ڇوڪري وٽي ۽ ڇوڪريءَ جي طرف وارن کي ڇوڪرو وٽيو تہ پوءِ باقي ڪا دير ڪرڻ جي تہ ڪا ضرورت ئي ڪانہ ھئي. ٻنھي جي ڳالھہ ائين پڪي ٿي ويئي.

....

ھڪ ڏينھن جڏھن سريش جي ارجن سان ملاقات ٿي تہ سريش ڏورابي جي نوع ۾ چيس، ”توکي ائين نہ ڪرڻ گھربو ھو. اروڻا تمام سٺي ڇوڪري آھي. ھن تنھنجي ڪري پکچر ڏسڻ لاءِ بہ ٽڪيٽون وٺي رکيون، جيئن تو ھن سان انجام ڪيو ھو، پوءِ بہ تو اھو واعدو ڪين پاڙيو.“

جواب ۾ ارجن چيو، ”مان تہ اڃا بہ اروڻا کي چاھيان ٿو، پر ھوءَ مون سان ڳالھائڻ نہ ٿي چاھي. مون ھن سان ڪو دوکو ڪونہ ڪيو، پر مون لاءِ بہ ڪا مجبوري ھئي. جيئن تہ اسان جو ڪو ويجھو عزيز اوچتو بيمار ٿي پيو، مونکي مميءَ ۽ ڊئڊيءَ سان گڏ اُتي وڃڻو پيو ۽ توکي تہ خبر آھي تہ مميءَ ۽ ڊئڊيءَ جي طبيعت کي ڏسي مان کين ڪيڏانھن بہ اڪيلو وڃڻ ڪين ڏيندو آھيان.“

”تون کيس اُھو سمجھائي بہ سگھئين ٿي.“ سريش چيو.

”جڏھن ھوءَ ٻڌڻ لاءِ تيار ھجي نہ؟“

ي چڪائي عرض ڪيائين، ''سائين منهنجا، آشيرواد ڪيو ته منهنجي هردئار
تيرٿ ياترا ۾ وگهن نه پوي؛ پر ان کان اڳ ٻڌايو ته توهان به اڳ هردئار جو
ٽ ڪيو آهي؟''

سنت رويدا ٻڌايس، ''اسان کي اهڙي ضرورت ئي محسوس ڪانه ٿي آهي.
هو ٻڌي اُهو شخص پاڻ حيران ٿي ويو. ڪجهه به سمجهه ۾ ڪين ٿي آيس ته
چا ڪري. سنت رويداس سندس من جي ويدنا سمجهي ويو ۽ پابوهه وچان
ائينس، ''منهنجي آشيرواد هردم توسان رهندي، پر منهنجو هڪڙو ڪم ڪر.
۽ هڪ دمڙي ڏيانءِ ٿو جيڪا گنگا ماتا کي ڏج، اِها ائين گنگا نديءَ ۾ اُڇلجانءِ
پر وينتي ڪري اها گنگا ماتا کي هٿ ۾ ڏج.''

اهو شخص هاڻ ته پاڻ وڏيڪ منجهي پيو. سوچيندو رهيو ته دان پُنّ لاءِ مان جو
ڏي رقم کڻي وڃي رهيو آهيان، اُتي هيءَ هڪ دمڙي ڪٿي سنڀاليندس؟ پر
ڪار به ته ڪري نه ٿي سگهيو. دمڙي وٺي سنڀالي کيسي ۾ رکيائين ۽ آشيرواد
ي هردئار لاءِ روانو ٿيو.

هردئار پهچي خوب سنان ڪيائين. مندرن ۾ درشن ڪيائين. هوٽلن ۾ ڪاڌا
ڏائين. دان پُنّ به ڪافي ڪيائين، ائين به ٽي ڏينهن گذري ويس. جنهن
نهن واپس ورڻو هوس، ان ڏينهن سنت رويداس واريءَ ڏنل دمڙيءَ جي ياد
س. ويچار ڪيائين ته هيترو جو دان پُنّ ڪيو اٿم اهو ڪافي آهي. وري خيال
س ته اِها ته امانت ۾ خيانت برابر ٿيندي ان ڪري وري گنگا جي ڪنڌي تي
و ۽ وينتي ڪري چوڻ لڳو، ''هي گنگا ماتا، سنت رويداس توهان لاءِ مونکي
ڙي ڏني آهي، مهرباني ڪري هٿ وڌائي اُها مونکان وٺو.'' اجا اهو چئي بس
س ڪيائين ته سندس حيرت جي حد نه رهي جو ڏٺائين ته گنگا ماتا پاڻيءَ مان
ٿ ٻاهر ڪڍيو. سندس هٿ جي ڪرائيءَ ۾ هيري جو ڪنگڻ پيل هو. آواز ٻڌڻ
آيس، ''دمڙي هٿ تي رک ۽ هيءَ ڪنگڻ رويداس کي منهنجي پاران سوکڙي
ڪري ڏجانءِ.''

هڻڙو چمڪندڙ هيرن جو ڪنگڻ ڏسي هن جو من بيِ‌ايمان ٿي پيو، دل ۾
وچيائين، 'ٻاندر چا ڄاڻي ادرڪ جي سواد مان' سنت کي ته هنن شين ۾ موهه
وندو ئي ڪونه، چو ڪين اهو پنهنجي گهرواريءَ کي ڏيان ۽ چوانس، ''ڏس،
ڻي! مون تنهنجي لاءِ ڪهڙي نه امولهه سوکڙي آندي آهي.'' پر ان کان پهرين
ڪنگڻ کڻي ويو ڪنهن جوهريءَ کي وٽ، ڪنگڻ جو اگهه ڪٿائڻ لاءِ. جواهرين
هڙو امولهه ڪنگڻ ڏسي حيرت ۾ پئجي ويا، هنن اهڙو ڪنگڻ اڳ ڏٺو به ڪين

ڪٿا رَسُ

سنت رويداس

هڪ شخص پنهنجي ڌنڌي ڌاريءَ ۾ ايڏو تہ مشغول رهندو هو جو ڪڏهن اهڙو خيال ئي ڪين آيس تہ ستسنگ ۾ بہ وڃجي، ڪنهن سنت درويش جو درشن ڪجي يا سندن وچن ٻڌجن، هر وقت من ۾ اِهو ويچار، واپار ڌنڌ ڪيئن وڌايان جيئن آمدني وڌي.

هڪ دفعي هڪ ستپرش گڏيس، جنهن پڇيس، ”چار ڌام ڪري آيو آهين؟“ جواب ڏنائين، ”نہ.“ وري سنت سوال ڪيس، ”ڀلا تيرٿ ياترا تہ ضرور ڪري آيو هوندين؟“ هن وري بہ ان ڳالهہ لاءِ انڪار ڪيو، چي، ”سائين، ڌنڌي ۾ وقت ائين ٿو نبري وڃي جو ٻيءَ ڳالهہ لاءِ سوچڻ ٿئي ئي ڪين ٿو.“ تڏهن ستپرش سمجهايس، ”هردئار جو تيرٿ ڪرڻ ضروري آهي، هرڪو ڪندو آهي.“

اهو شخص بہ هاڻ سوچڻ لڳو، ’اگر هردئار جو تيرٿ ڪرڻ ضروري آهي تہ مان اُهو ضرور ڪندس.‘ ۽ هن اهڙو ويچار ان ستپرش سان پرگهٽ ڪيو، جنهن تي ان درويش صلاح ڏنس تہ تيرٿن تي وڃڻ کان اڳ ڪنهن سنت کان آشيرواد وٺي وڃجو ۽ تيرٿن تان موٽڻ کان پوءِ غريب برهمڻن ۽ نياڻين کي ڪاڌو کارائبو آهي، تڏهن تہ تيرٿ ياترا سڦل ٿيندي آهي.“ هن شخص اهو سڀ ڪرڻ قبول ڪيو ۽ ستپرش کان سوال ڪيائين، ”اها تہ خبر ئي ڪانہ اٿم تہ آخر سچو سنت آهي ڪير، جنهن کان آشيرواد وٺان.“

”سنت رويداس سچو ۽ پهتل سنت اَٿئي، ان کان ئي آشيرواد وٺ.“

عجب ۾ پوندي ان شخص وراڻيو، ”سنت رويداس تہ چمار آهي. سارو ڏينهن پيو جتيون ٺاهيندو آهي. ان کان آشيرواد وٺان؟“

سنت سمجهايس، ”سنت ديويہ درشٽيءَ وارا ٿيندا آهن. عام طور سنساري لوڪن جي درشٽي چم تي پوندي آهي، ان ڪري من ۾ ڪابہ شنڪا رکڻ بنا هن کان آشيرواد وٺ. رويداس سچو سنت آهي.“

اهو شخص پوءِ سنت رويداس وٽ آيو. اکئين ڏنائين تہ هو چمڙو پاڻيءَ ۾ پسائي رهيو آهي، ۽ پاڻ ئي جتين ٺاهڻ ۾ رڌل آهي. ’رام رام‘ ڪري سندس

ـما جو سوڪيمر دروازو

ـ هڪ شخص هڪ عاليشان مڪان جوڙايو، جيڪو ڪنهن بہ محل کان گهٽ ڪين
. مڪان کي هن اندر ٻاهر فرنيچر ۽ رنگن روغن سان سجايو. سندس دل ۾ پوءِ
ـا جاڳي تہ ان مڪان جي جت ڪٿ ساک نڪري، جيئن عام کي خبر پوي تہ
ـي سوين سُکن ۽ ساڌنن واري جاءِ جوڙائي آهي. پنهنجيءَ پتنيءَ سان صلاح
ـري هن مڪان جي اُدگهاٽن جي رٿ تيار ڪئي. هڪ ڏينهن مڪان اندر پوڄا
ـٺ ڪرائي پرساد ۽ ڀوڄن جو بندوبست ڪيائين، صرف عام کي مڪان ڏيکارڻ
ـي شونق ۾. پتنيءَ پنهنجي ملن مائٽن ۽ سکين سهيلين کي نوتو ڏنو تہ هن وري
ـهنجي دوستن ۽ عزيزن کي.

پوڄا واري ڏينهن پرش پنهنجيءَ زال کان سوال ڪيو، "پنهنجي پاڙيسريءَ
ـي نوتو ڏنو اٿئي؟" زال وراڻيو، "نہ، اهو مون کان وسري ويو." پتار ڏوراپو
ـيندي چيس، "گڏوگڏ وينا آهيون، مڪان ڏسڻ لاءِ ٻاهرين خلق اچي ۽ پاڙيسري
ـ اچي، سٺو نہ ٿو لڳي." زال خفي ٿي چيس، "وسري ويو سو وسري ويو، هاڻي
ـڏيو ان ڳالهہ کي." مرد سانت ٿي ويو.

مقرر ڏينهن تي لوڪ اچي پوڄا ۾ شامل ٿيا ۽ ڀوڄن بہ ورتايائون. ان شخص پوءِ
ـيني کي پنهنجو مڪان ڏيکاريو، هرهڪ ڪمرو، هال، فرنيچر ۽ ٻي ڪيتري
ـامگري جنهن سان مڪان سجايو هئائين. ڏسندڙ ڏاڍو پيا ساراهہ ڪن. هي جڏهن
ـيڄڻ لڳا تہ مريادا موجب ڪين در تائين ڇڏڻ آيو تہ سندس نظر وڃي پاڙيسريءَ
ـي پئي ۽ ڏاڍي سڪ ۽ صدق سان کيس وينتي ڪيائين تہ "مهرباني ڪري توهين بہ
ـچي منهنجيءَ جهوپڙيءَ ۾ چرن گهمايو ۽ پرساد گرهڻ ڪيو." ڀوڄن ڪرڻ کانپوءِ
ـيس گهر جي اندر هرهڪ ڪمرو ۽ هرهڪ ڪنڊ ڏيکاريندو رهيو ۽ پنهنجو خريد ڪيل
ـرنيچر ۽ ٻين شين جي ساراهہ ڪرڻ لڳو. سندس پاڙيسري اهو سڀ ڏسي بہ پيو پر
ـڪجهہ ڪڇي ڪين پيو، آخر مڪان مالڪ کان رهيو نہ ٿيو سو سوال ڪيائين، "سائين!
ـوهان کي مڪان ڪيئن لڳو؟" جواب مليس، "مڪان تہ ملوڪ آهي پر....."

"پر ڇا؟ مڪان مالڪ اچرج مان سوال ڪيو. جنهن تي سندس پاڙيسريءَ چيو،
"اڄوڪو ڏينهن شڀ ڏينهن آهي، وري گهر ۾ پاٺ پوڄا بہ ڪرائي اٿو. مان

هو، جنهن ڪري اڳھ ڪڍڻ هنن لاءِ ممڪن ڪين هو.

گھر واپس اچي، خوشيءَ خوشيءَ سان ڪنگڻ اَچي پنهنجي گھرواريءَ کي ڏنائين. ڪنگڻ ڏسي هوءَ خوشيءَ ۾ نه پيئي سمائي. اُن شخص به گنگا جو تيرٿ ڪرڻ کان پوءِ برهمڻن، غريبن ۽ نياڻين کي ڪاڌو ته کارايو، پر سنت رويداس وٽ وڃڻ جو ضرور محسوس ڪين ڪيائين، تان جو ان گھٽيءَ مان لنگھندو به ڪونه هو، مبادا سنت رويداس جي هن تي نظر نه پئجي وڃي.

ان ڳالھ کي ڇھ مهنا گذري ويا. سوچيائين ته هاڻ ته رويداس کي اها ڳالھ به وسري ويئي هوندي. هڪ ڏينهن ان گھٽيءَ مان لنگھڻ ٿيس جو رويداس جي مٿس نظر پئجي ويئي ۽ سڏ ڪري سڪ سان پاڻ وٽ وهاريائينس ۽ پڇيائينس، ''ڪر خبر، منهنجو ڪم ڪيئہ؟ گنگا ماتا کي دمڙي ڏنئہ؟'' جواب ڏنائين، ''حاضر سائين، دمڙي ڏنم.''

''پوءِ؟....''

''پوءِ ڇا سائين؟'' هن وراڻيو.

سنت به چار دفعا ائين پڇيو، پر پوءِ چئي ڏنائين، ''گنگا ماتا موٽ ۾ ڇا ڏنئہ؟''

اهو شخص شش‌پنج ۾ اَچي ويو. هٿ پير ڏڪڻ لڳس. محسوس ڪيائين ته سنت ته سڀ ڪجھ ڄاڻي ٿو. سنت پوءِ کيس هڪ پاڻيءَ جي ڊرم ڏانهن وٺي ويس، جنهن ۾ چمڙو پُسي رهيو هو. ان ڊرم ۾ لڪڙي ڦيرائي ان شخص کي ان جي اندر نگاھ ڪرڻ لاءِ چيائين. اهو شخص جان ئي ان پاڻيءَ ۾ نهايو ته جن مندرن جو درشن ڪري آيو هو، اُهي سڀ اُتي ڏسڻ ۾ آيس. ڏاڍو لڄي ٿيو ۽ زارون زار روئي چيائين، ''سائين مونکي معاف ڪيو. گنگا ماتا برابر توهان‌جي لاءِ هيرن جڙيل ڪنگڻ ڏنو هو، پر لالچ وس مون اُهو پنهنجيءَ گھرواريءَ کي ڏئي ڇڏيو.''

کيس آٿت ڏيندي سنت رويداس چيس، ''چڱو ڪيئہ جو ڪنگڻ پنهنجيءَ گھرواريءَ کي ڏنئہ، پر تنهنجي گھرواريءَ جي هڪڙي ٻانهن خوش ٿيندي ته ٻي پيئي روئندي، ان ڪري هاڻ تون وري ڊرم ۾ لڪڙي ڦيراءِ.'' هن ائين ڪيو ته ساڳيو هيرن جو ڪنگڻ ڏسي عجب ۾ پئجي ويو. سنت چيس، ''هي ڪنگڻ به وڃي گھرواريءَ کي ڏي.'' هيءَ سڀ ڏسي هن جي من ۾ ڦيرو اَچي ويو، ويچاريائين ته جڏهن اهڙا به شخص آهن، جن جي گھر ۾ گنگا پيئي وهي ته پوءِ هردئار وڃڻ جو ضرور ئي ڪهڙو آهي. هاڻ هو پنهنجي ڏنڌي مان وقت بچائي، نت نيم سان ستسنگ ۾ وڃڻ لڳو ۽ سنتن جا درشن ڪري ۽ وچن ٻڌي پنهنجو جيون سڦلو ڪيائين.

❑ ❑

هن؟'' شوخيءَ سان جواب مليس، ''هئي ڪمري ۾ بند آهن.'' حيران ٿي
ان جو ڪارڻ پڇيو تہ مڪان مالڪ ٻڌايس، ''تنهنجو پيءُ پيو چوي تہ هن
ن مڪان ۾ مان اگر مري ويندس تہ منهنجي مرتيو ديھہ ڪيئن ٻاهر ڪڍي
ي، ڇو جو ڪيس دروازو ننڍو لڳو، وري تنهنجي ماءُ چوي، ''ان ۾ ڪهڙي
ن ڳالھہ آهي ۽ جسم کي ٿي ٽڪر ڪري ڪڍي ٿو سگهجي.'' هئڙي شيءِ
هن هو منهنجي لاءِ اشڀ پيا ٻولين ۽ منهنجي مرڻ جو پيا سوچين.'' مڪان
ڪ پوءِ پٽ کان پريم سان پڇيو، ''پٽ تنهنجو ڇا ويچار آهي مڪان جي باري ۾؟
جواب ڏنو، ''توهان جي ارٿيءَ کي ٻاهر ڪڍڻ جي ضرورت ئي ڪهڙي آهي؟ هتي
ڪٽي اسين توهان جو اگني سنسڪار ڪنداسين ۽ سماڌي جوڙائينداسين.'' مڪان
ڪ هاڻي تہ غصي ۾ ڄڻ پاڳل ٿي ويو ۽ چيائين، مونکي ڪهڙي پئي هئي جو پاسي
ن کي گهر اندر وٺي آيس. ڇڳو ئي هو جو منهنجيءَ زال کيس نوٽو نہ ڏنو هو. ڪارن
پٽ کي بہ ڪمري ۾ بند رکڻ جو حڪم ڏنو.
هي سڀ ٿيندي مڪان مالڪ جوش ڪارڻ اندر ۾ ٻڇري رهيو هو جو ايتري ۾
ڪ ست پرش اچي سندس گهر ۾ پڌاريو. سنت جو آءُ ڀاءُ ڪرڻ لاءِ هن پنهنجي
ري جا نقشا بدلايا. سنت ڪانئس پهرين سوال ڪيو، ''اڄوڪي ڏينهن تون ايترو
ي ڇو آهي؟ اڄوڪي ڏينهن تہ تنهنجي خوشيءَ جو ڏينهن آهي. هئڙو خوبصورت
سندر مڪان جوڙايو اٿئي.''
مڪان مالڪ هاڻي پاڻ کي روڪي نہ سگهيو ۽ سنت کي سربستي ڳالھہ ڪري
ايائين. سنت ڌيرج سان کيس ٻڌو ۽ سمجهائيندي کيس چيائين، ''پاسي وارا
ڪي پاڻ صحيح ڏس پيا ڏين.'' 'منا! آتما جو دروازو تمام سوڪيم ۽ ننڍڙو هوندو
ي، هر ڪو اِنسان پنهنجي اڇائن تمنائن ۽ ڪامنائن جا بوجها سر تي کڻي ان
ن لنگهڻ چاهي تہ ممڪن ٿيندو ئي ڪونہ. هڪ اڇا کان پوءِ ٻيءَ پرگهٽ ٿيندي
ان حالت ۾ اهڙي دروازي مان ڪير لنگهي سگهندو؟
اِنسان آهي ئي موھہ جو پتلو، هر ڪنهن سان موھہ، ڌن دولت، اولاد، رشتيدار،
ان عهدو، ناٽ باٽ، ان ڪري اِنسان جڏهن موھہ جو تياڳ ڪندو تڏهن تہ ان
وڪيم دروازي مان لنگهي پار پوندو. اڇائن جو تياڳ ۽ ڪوڙي موھہ ممتا جو
ياڳ ٿيندو آهي پرمارٿ ڪرڻ سان، جڏهن مالڪ سان من جڙندو تہ ٻاهر جي
ڊمبر ڏانهن ڌيان ويندو ئي ڪين، گهر ۾ ويٺي ويٺي پڪ پرم آنند ماڻي سگهبو.
ن ڪري ئي توکي هين ٿي سمجهايو تہ دروازي مان ٻاهر نڪرڻ جو ضرور توکي
ڪهڙو آهي، پنهنجي ئي اندر ۾ جهاتي پائيندي تہ ضرور پريوءَ کي پائيندي.

ڪجهه به چوندس ته توهان کي سٺو نه لڳندو.“ تنهن هوندي به مڪان مالڪ هن تي زور آندو ”سائين مڪان جوڙائڻ ۾ ڪا وڏ يا غلطي رهجي وئي هجي ته منهنجي ڌيان تي آڻيو ته جيئن اُها ترت سڌاري سگهجي.“ ان تي پاڙيسريءَ ڪيس گنڀيرتا پرئي نوع ۾ چيو، ”مڪان جو ٻاهريون دروازو تمام ننڍو آهي، جڏهن توهان جو انتقال ٿيندو ته توهان جي ديهه کي اُتان ڪڍڻ مشڪل ٿي پوندو.“ مڪان مالڪ تپي باهه ٿي ويو ۽ چيائين، ”مون توکي پنهنجي گهر ڏيکارڻ لاءِ نينڊ ڏني هئي پر تون مونکي پيو ٿو موت جو پيغام ٻڌائين.“ غصي ۾ نوڪرن کي حڪم ڏنائين، ”ڪيس هڪ ڪمري ۾ بند ڪيو وڃي.“

پنهنجي پاڙيسريءَ کي جڏهن ڪمري ۾ بند ڪيو ويو ته هو پنهنجي گهر وقت سر نه پهچي سگهيو، جنهن ڪري سندس پتنيءَ کي چنتا ٿي پئي ۽ سوچيائين ته خبر ڪيان ته پتي اجا ڇو ڪونه آيو آهي.

پاسي واري مڪان مالڪ کان پڇا ڪيائين، ”ادا! منهنجو گهوٽ اجا توهان وٽ ته ڪونه ويٺو آهي، مونکي ۾ ڏاڍي دير ڪئي اٿائين.“ مڪان مالڪ رُکي منهن سان چيس، ”تنهنجو پتي ڪمري ۾ بند آهي.“ پتنيءَ عجب مان ان جو ڪارڻ پڇيس ته مڪان مالڪ چيس، ”مان پريم سان پنهنجو گهر ڏيکارڻ لاءِ ڪيس اندر وٺي آيس. گهر به ڏيکاريومانس ۽ سندس رايو پڇيم ته جواب ٿو ڏئي، ”جي مري پوندين ته توکي دروازي مان ڪيئن ڪڍندا ڇو ته دروازو ته ننڍو آهي. منهنجي گهر ۾ ئي منهنجي موت جون پيو ڳالهيون ڪري.“ پاڙيسريءَ جي زال تنهن تي مڪان مالڪ کي ھجائتو ٿي چيو، ”ياءَ! هو ته ٿيو مورک، توهان کي ڪيس ايتري سيڪت ڏيڻ نه گهربي هئي. ”ته تنهنجو ڇا رايو آهي؟“ مڪان مالڪ ساڳيو سوال ڪائنس ڪيو؟ ”اگر دروازو ننڍو آهي، جنهن مان ديهه ٻاهر نڪري نه سگهي ته ديهه کي ٽي ٽڪر ڪري سولائيءَ سان ٻاهر ڪڍي سگهجي ٿو. ان ۾ ڪهڙي وڏي ڳالهه آهي؟“

مڪان مالڪ جو غصو تهائين چوٽ چڙهي ويو. من ۾ سوچيائين هي اِنسان آهن يا حيوان. منهنجي ارٿيءَ جي ڇو اڃي ڳڻتي لڳي اٿن. نوڪرن کي وري حڪم ڪيائين ته ”ڪيس به ڪمري ۾ بند ڪيو.“

ماءُ پيءُ جو گهر نه موٽيا ته پٽ کي چنتا وڙهي وئي. چيائين خبر ناهي بنا ٻڌائي ڪيڏانهن ويا آهن، پر پهرين پاسي وارن کان پڇان، سندس گهر ۾ ڏاڍي اڄ وڄ لڳي پئي آهي. هو آيو پاسي واري گهر ۾ ڏنائين ته ڏاڍي اڄ وڄ لڳي پئي آهي. مڪان مالڪ کان پڇيائين، ”چاچا! منهنجو بابا ۽ امان توهان وٽ ته ڪونه

ءِ ماين هن کي ڪجهه لولا ڏنا.
لولا وٺي هليو اڳتي، ڏسي تہ زالون ويٺيون سُٽ ڪتين، ڇوڪري پڇيو اديون،
ڪپنو؟ زالن چيو تہ ها، ڏي تہ ڪائي پاٽي پي ساهي پٽيون، اسين پاڻ ٿڪجي
ن هيوسين. لولا ڪائي بس ڪيائون تہ ڇوڪري چيو تہ مونکي هاٽي اهو سڀ
ڏيو. زالن جواب ڏنو، اسان هيڏي محنت ڪئي آهي، سو سُٽ توکي ڪيئن
ي ڏينديونسين؟'' ڇوڪري چيو، ''مون توهان کي لولا جو ڏنا، نہ تہ مان وڃان
مُڪي کي دانهن ڏيڻ، ''مُڪي ڙي مُڪي، ڪوه ڪوٺيندي بُتبي لڏم، بُتبي مون
ن کي ڏني، ماين مونکي لولا ڏنا، لولا مون هنن زالن کي ڏنا، هاٽي هي زالون
ڪي سُٽ ڏين يا نہ ڏين؟'' مُڪيءَ جواب ڏنو، پلي ڏين، مُڪيءَ جي برخلاف
ير ويندو؟
سُٽ ڪٽي هليو اڳتي، ڪي ماڻهو باهہ ٻاري، ان جي چوڌاري ويهي گپ شپ
ي رهيا هئا. ڇوڪري پڇين، ''ادا پائو، سُٽ ڪپيو ڇا؟ ماڻهن چيو تہ ها، ڏي
اسين ڪٿو ناهيون، اسان جو ڪٿو پراڻو ٿي ويو آهي. ڇوڪري سڀ سُٽ ڪڍي
و، ان جيستائين ڪٿو ناهين، تيستائين ٻاهر ويهي رهيو. پوءِ ڇوڪرو چوڻ لڳو تہ
و ڪٿو مونکي ڏيو، جو منهنجي سُٽ مان ناهيو اٿوَ. ماڻهن جي انڪار ڪرڻ تي
و ويو مُڪيءَ وٽ، ''مُڪي ڙي مُڪي، ڪڏ ڪوٺيندي بُتبي لڏم، بندي مون ماين کي
ي، ماين مونکي لالا ڏنا، لولا مون زالن کي ڏنا، زالن مونکي سُٽ ڏنو، سُٽ مون
ن ماڻهن کي ڏنو، هاٽي هي ماڻهو مونکي ڪٿو ڏين يا نہ ڏين؟'' مُڪيءَ جو حڪم
ير نہ مڃيندو؟
ڪٿو وٺي هليو اڳتي، سنجها بہ اچي ٿي، هڪ ٻڪرار ٻڪريون ساڻ ڪري ڳوٺ
ٿي آيو، ڇوڪري پڇيو، ''چاچا، ڪٿو ڪپيو؟'' ٻڪرار چيو، ''پٽ تنهنجي وڏي
مرباني، مونکي ڏاڍي ضرورت هئي ڪٿي جي، جو ڏاڍي ٿڌ ٿي پوي. ڪٿو ٻڪرار
ي ڏيئي، چيائين تہ هاڻ تون مونکي ٻڪري ڏي. ٻڪرار چيو، ''ٻڪري جو
يانءِ؟ ڪٿو تہ تو مونکي پاٽيهي ڏنو آهي؟'' ڇوڪرو چوڻ لڳو تہ پوءِ تون مونکي
ڪري بہ پاٽيهي ڏي نہ، نہ تہ مان وڃان ٿو مُڪي وٽ، ''مُڪي ڙي مُڪي، ڪڏ
وٺيندي بندي لڏم، بندي ڏنم ماين کي، ماين ڏنو لولو، لولو ڏنم زالن کي،
زالن ڏنو سٽ، سٽ ڏنم ماڻهن کي، ماڻهن ڏنو ڪٿو، ڪٿو مون ٻڪرار کي ڏنو،
ڪرار مونکي ٻڪري ڏي يا نہ ڏي.'' مُڪيءَ چيو، ''پلي ڏي.''
ٻڪري ساڻ ڪري هلندو رهيو، ڏسي تہ ڪي ماڻهو وڻ جي هيٺان تنبو لڳائي

للوُ-پنجوُ

(هيءَ ڪهاڻي مونکي منهنجيءَ ماءُ شريمتي پوريبائي ڊاڪٽر ڪي.ايم. چنديراماڻي موري ۾ ٻڌائي هئي، جنهن جو ديهانت موري ۾ ئي ١٩٤۴ ۾ ٿيو.)

اڄو ٻارو ٻڌو ڪهاڻي ڪن لائي،
جيڪا اَمينءَ اسان کي ٻڌائي آهي،
پيڙهن ۽ ڀاءُ کي اگر ياد نہ آهي،
منهنجو ان ۾ ڏوهہ نہ آهي.

هڪ ڇوڪرو هوندو هو، سڄو ڏينهن پيو رلندو ڦرندو هو ۽ گهٽيون ڪڇيندو هو. اسڪول ۾ ٻہ ڪڏهن ويندو هو تہ ڪڏهن نہ. ماڻس گهڻو ئي سمجهائيندي هئس، پر هن تي اثر ڪونہ ٿيندو هو. ماڻس غصي ۾ چوندي هئس تہ، تون اسڪول ۾ نہ ويندين پڙهندين ڪونہ، ائين للوُ پنجوُ ٻڻجندين تہ ٻانهن ڪير ڏيندءِ؟ پر ڇوڪرو ڌيان ڪونہ ڏيندو هو.

هڪ ڏينهن گهر جي ٻاهران راند پئي ڪيائين، الائي ڪهڙو پور پيس جو ننڍي لڪڙي ڪٽي ويٺو کڏ کوٽڻ. کڏ کوٽيندي هڪ ٻُنڊي (ٿلهي لڪڙي) مليس، سوچڻ لڳو تہ هن ٻُنڊيءَ جو ڇا ڪريان؟ ائين ٻُنڊي کڻي هلندو پئي ويو تہ ڪنهن گهر جو در کليل ڏٺائين، جتان لولن جي خوشبو پئي آئي. ليئو پائي ڏٺائين تہ ٻہ مايون لولا تري رهيون آهن. هي ڇوڪرو ٻاهران ٻهي پڇڻ لڳو تہ اديون، ٻُنڊي کپيو ڇا؟ ماين چيو تہ ها، اسان جون ٻاڻ ڪاٺيون ختم ٿي ويون آهن، تون اها ٻُنڊي ڏي تہ چلهہ ۾ وجهون، ڇوڪري کين ٻُنڊي ڏني ۽ ماين اها چلهہ ۾ وجهي ڇڏي، تيستائين ڇوڪرو ٻاهر ويهي رهيو. سڄي ٻُنڊي ٻري ويئي تہ ڇوڪري چين، هاڻي مونکي ٿورا لولا ڏيو، ماين چين تہ اسان هيڏي محنت ڪئي آهي لولن لاءِ، توکي اُهي ڇو ڏيون؟ ڇوڪري چيو ماں مکيءَ کي دانهن ڏيندس. سو ويو مکيءَ وٽ. ”مکيءَ ڙي مُکي، کڏ کوٽيندي ٻُنڊي لڌم، ٻُنڊي مون ماين کي ڏني، مايون مونکي لولا ڏين يا نہ ڏين.“ مُکيءَ چيو، ”ڀلي ڏين.“ مکيءَ جي چوڻ مڃڻ ئي

كانو ۽ كوئل

كانو ۽ كوئل ڏسڻ ۾ بلكل هك جهڙا آهن. ٻنهي جو رنگ، روپ ۽ آكار ٻه اڳيو آهي. پر ٻئي سياڻ ۾ هك ٻئي کان كيڏو نه ڦريل آهي. كوئل كيڏي نه چاري ۽ شرميلي آهي، كڏهن ٻه اڳ نه وئندي آهي. لكي ڇپي، وڻن جي ٽارين ي وچ ويهي كيڏا نه مڌر ۽ وڻندڙ آواز كندي آهي. سندس مٺي كوُ كوُ ٻڌي كيڏو نه اندر کي آنند ۽ من کي موج ايندي آهي. سندس مڌر آواز ٻڌي اسين يس ڏسڻ جي كوشش كندا آهيون پر گهڻيءَ كوشش كانپوءِ ٻه كيس ڏسي نه سگهبو آهين. كوئل دور وڻن تي ويهي اسان لاءِ منورنجن كندي آهي.

پر هيڏانهن كانو کي ڏسو، كيڏي نه كان كان كري هر وقت شور مچائي بيزار ٿو كري. كائڻ لاءِ سندس دل پسند شيون رکه، بيسڻ جون شيون جيئن ته سڱر ياپڙي وغيره ته هك ٻئي کي آواز ڏيئي ايترا كانو اچي پر گهت ٿيندا آهن جڻك شاديءَ لاءِ بارات آئي هجي، چوندا آهن كانو قاصد آهن، كان، كان كري سنيها ڏيندا آهن ته اڄ توهان وٽ مهمان اچڻا آهن. اڄ كالهه مهمان كنهن کي ٿا وڻن؟ اسين ٻه سندن اجائي ۽ بي وقتي كان كان ٻڌي چڙي وهندا آهيون ته وري كير ٿو اچي؟

اِنسانن جا سڀاءَ ٻه هك ٻئي کان نيارا ٿيندا آهن. هكڙا اهڙا ته سٺا ۽ مٺا ماڻهو هوندا آهن، جو ڳالهائيندا آهن ته ڄڻ ته سندن مُكه مان موتي پيا كرن. هك ٻئي کي مدد كرڻ لاءِ هردم تيار. سُري ڀُري هك ٻئي کي جاءِ ڏيندا آهن. كيڏي مهل ٻه مدد لاءِ سڏ كريون ته هكدم هكيا تكيا حاضر رهندا آهن. پنهنجي هڙان خرچي ٻه ٻئي کي اوكيءَ ويل كم ايندا آهن. ٻيا اهڙا اِنسان هوندا آهن، جي هروقت جهڳڙي لاءِ آتا رهندا آهن كڏهن نه ملو اكر منهن سان ٻوليندا، چاهي پاڻ غلط هجي ته ٻه سامهون واري سان زور سان ڳالهائي هن کي پنهنجي سچائي ثابت كرڻ جو موقعو ئي نه ڏيندا آهن. رڳو پاڻ ئي پيا ٻڙٻڙ كندا آهن. سٺا ۽ سچيار ماڻهو اندر ٻاهر جا ڏاڍا كمزور هوندا آهن، ايترو جو زور سان آواز ٻڌي ويچارا هيسجي ويندا آهن. هوڏانهن كوڙا ماڻهو ٺهه ٺهه كري

وينا آهن. اُها شاديءَ جي ڄڃ هئي، هو ڇوڪري جي شادي ڪرائي موٽيا هئا
رستي ۾ رات پئجي وڃڻ ڪري اُتي ئي ويهي رهيا. ڇوڪري ٻڇيو، ”ادا پا
ٻڪري ڪٿيو؟“ شاديءَ وارن ماڻهن چيو ته، ”ٻلي ڏي ته تيوڻ رڌي مجلس
ڪنداسين. تيوڻ رڌي سڀني کاڌو ته ڇوڪري چيو ته ”هاڻي مونکي اها ڪنوار
ڏيو.“ سڀ وائڙا ٿي ويا ۽ چيائونس ته ”توکي ڪنوار ڪيئن ڏينداسين؟“ ڇوڪري
تنهن تي چيو ته مونکي ساڳي ٻڪري موٽائي ڏيو، منهنجي ٻڪري ته ڪائي ڇڏيو
هاڻي مونکي ڪنوار ڏيو نه ته مکيءَ کي دانهن ڏيندس. ويو مُکي وٽ. ”مُکي ڙي
مُکي، ڪڏ ڪوٺيندي بنڊي لڌم، بنڊي ڏنم ماين کي، ماين ڏنو لولو، لولو ڏنم زالن
کي، زالن ڏنو سُٽ، سُٽ ڏنم ماڻهن کي، ماڻهن ڏنو ڪتو، ڪتو ڏنم ٻڪرار کي، ٻڪرار
ڏني ٻڪري، ٻڪري مون شاديءَ وارن ماڻهن کي ڏني، هاڻي هيءُ ماڻهو مونکي ڪنوار
ڏين يا نه؟“ مُکي چيو ته، ”ٻلي ڏين.“ مُکيءَ جو حڪم ڪير ٽاري سگهندو؟

ڪنوار وٺي هاڻي هليو گهر ڏانهن. رات جو در تي ٺڪ ٺڪ ڪرڻ لڳو، امان در
کول ڏس، ته مان ڇا وٺي آيو آهيان. ماڻس کي گهري ننڊ اچي ويئي هئي، سا ننڊ
مان جاڳي جيستائين در تائين اچي، ڇوڪرو زور سان آواز ڪرڻ لڳو. امان در کول
نه، ڏس ته مان ڇا آندو آهي؟ ماڻس ننڊ ۾ ٻڙٻڙائيندي رهي، ”سڄو ڏينهن
اوسيڙي ۾ وينس ته ڇورو آيو ڪونه، هاڻ اڪ لڳم ته ويٺو در پٽي، ڇا آندو
هوندائين؟ ڏوڙ ڇائي ٻُڪ اڍائي.“ ’اڇان ٿي، بابا اچان ٿي‘ چوندي در کوليائين.
هڪ سهڻي ڇوڪري شاديءَ جي ڪپڙن ۽ زيورن ۾ ڏسي عجب ۾ پئجي ويئي.
ڇوڪري چيو، ”ڏس امان، مان تو لاءِ نُنهن وٺي آيو آهيان. هاڻي ته مونکي للوءُ
پنجوءُ ڪونه چوندينءَ نه؟ مائي کي مفت ۾ ۽ بنا محنت جي ننهن ملندي ڏسي
اهڙي خوش جو پٽ کي لاڏ ڪوڏ ڪري چوڻ لڳي ته، ”منهنجا پٽ، مان صدقي
وڃانءِ، تون ته منهنجي اکين جو تارو آهين.“ ائين چئي، ٻنهي کي ٻاڪر پائي
گهر اندر وٺي آئي.

ٻارو، ڏٺوَ للو پنجو جو ڪمال،
پوءِ کهڙو آهي توهان جو حال؟
آهي توهان جي اهڙي مجال،
جو آڻيو بنڊي عيوض سهڻي زال،
۽ ڏيکاريو پنهنجو جلوو ۽ جمال.

□ □

ر وهاري پوڇڻ ڪرايانس.‘‘ سو هڪ ڏينهن ڪيرڻي، پوري پاڃي ناهي، انتظار
بلي تہ جيڪر اڄ سنت اچي تہ مان ڪيس پوڇڻ ڪرايان. دل ۾ پنهنجي ڪئي
ادو پشيمان پئي ٿي تہ مون کان تہ ڏاڍو ڀاري اپراڌ ٿي ويو آهي. ايتري ۾ در
ڪڙڪو ٿيو، مائيءَ اُٿي در کوليو، ڏسي تہ اهو ساڳيو شخص آهي، هن دفعي
ي خوشيءَ سان اندر گهرائي ڏاڍي سڪ، شرڌا ۽ پريم ڀاو سان پوڇڻ جي ٿالهي
س اڳيان رکيائينس. سنت بہ مائيءَ جي سچي شرڌا ۽ پريم ڏسي ڏاڍو پرسن
. مائيءَ جي من ۾ هاڻي ڦيرو اچ چڪو هو.

❑ ❑

”ڪٿائون ۽ ڪٿائون‘‘ پهتو، خوشي ٿي تہ ساهتيڪ کيتر ۾ هڪ نئين ليکڪا قدم رکيو آهي، ڪٿائون دلچسپ ۽ سکيا ڏيندڙ آهن، جن پاٺڪن جو ڌارمڪ ڳالهين ڏانهن لاڙو هوندو، تن کي هيءُ ڪتاب ضرور راس آيندو. پيڻ تنهنجي ٻولي بہ صاف، سٿري ۽ وڻندڙ آهي. ڪٿائون روچڪ ٺاهڻ بہ هڪ ڪلا آهي. تنهنجيءَ ڀرپور ڪوشش لاءِ مون طرفان مبارڪون قبول ڪجِ.

- تارا ميرچندائڻي

● ’ڪٿائون ۽ ڪٿائون‘‘ ڪتاب پهتو- پڙهي خوشي ٿي. پنهنجيءَ ماترڀاشا جي ذريعي ماتر ڀاشا وارن وٽ، انهن جي دلين تائين پهچڻ نهايت سٺو ڪم آهي، توهان پاڻ کي اِظهاري سگهو ٿا- ايشور جي اِها ڏات نهايت ئي اموليہ آهي.

- اندرا پوناوالا

● ڪانتا کي توهان لاءِ بيحد شرڌا آهي. اِها ڪن ٿورن ۾ هوندي آهي. مان تہ اُها ئي ڏيا آهيان..
.... ڪانتا جو ليکہ هندواسيءَ ۾ پڙهيم ۽ هندوءَ ۾ پڻ ساوڻ تي ڪويتا آئي هئس. تمام سٺو ٿي لڳي آخر پيڻ بہ تہ پياسيءَ جي آهي. توهان جي مهر هر ڪنهن جي مٿان آهي ۽ رهندي ايندي.

- ديا لکي جشناڻي

ڪلندا آهن تہ سندس جيت ٿي آهي.

هڪ مائي هوندي هئي، ڏاڍي ڪروڌڻ هئي، بنا سبب پيئي هر ڪنهن سان ڪوئنس ڪندي هئي ۽ ڪين گندا لفظ ڳالهائيندي هئي. هن مائيءَ جي الهي سياهہ ڪري ڀوت وارن هن سان رستو ئي ڪٽي ڇڏيو هو. ڪير بہ هن سان ڳالهائڻ ڪونہ چاهيندو هو. هن جي گهٽيءَ مان لنگهندا هئا تہ سوچيندا هئا تہ متان نہ مائيءَ جي نظر پئجي وڃي ۽ خام خواه مصيبت ۾ اچي وڃون. هڪ سنت جي ڪن تي اها ڳالهہ پيئي تہ هڪ مائي آهي جيڪا ڏاڍو ۽ اجايو خراب سهڻي سان ڳالهائيندي آهي. سنت من ۾ ويچار ڪيو تہ ان مائيءَ کي مان نپي ناهي سڌاريندس. اگر سنت ڪنهن جي من مان راڳ، دويش ۽ برائي نہ ڪڍي سگهي تہ پوءِ اهو سنت ڇا جو ٿيو. هڪ ڏينهن بکيا جو ڪٽورو هٿ ۾ کڻي اچي هن مائيءَ جو در کڙڪايو مائيءَ در کوليو ۽ بکيا جو ڪٽورو ڏسي چيائين، ''هيڏو هٽو ڪٽو آهين، شرم نہ ٿو اچيئي، بيکہ ٿو پنين؟'' ائين چئي زور سان در بند ڪيائين. سنت مشڪي هليو ويو. دل ۾ چيائين تہ 'مان هن مائيءَ کي راهہ تي آڻيندس.' وري ٻئي ڏينهن بہ ساڳيو ڪٽورو کڻي اچي مائيءَ جو در کڙڪايائين. مائيءَ در کوليو ۽ کيس ڏسي ڏاڍو جوش ۾ اچي ويئي، چيائين تہ ''ڏاڍو ڪو نوڙ آهين، ڪلهہ هيترو ڳالهايومانءِ تہ بہ ڪونہ سڌرئين، هاڻي وڃين ٿو يا مان ڪجهہ کڻي اچان سونٽي توکي مارڻ لاءِ.'' ائين چئي وري بہ زور سان در بند ڪري ڇڏيائين. سنت وري مسڪرائي هليو ويو. دل ۾ سوچيائين تہ 'ان مائيءَ کي سڌارڻو آهي.' وري ٽئين ڏينهن تي سنت اچي در کڙڪايو، ان مهل مائيءَ چلهہ کي ويٺي ليپو پاتو، چيائين وري ساڳيو ماڻهو آيو هوندو بيکہ پنڻ، سو در کولي، سنت کي ليپي وارو پوچو کڻي منهن تي ٿڦيائينس ۽ چيائينس، ''تون سڌرندين ڪونہ؟'' ويچاري سنت جو منهن ۽ چولو سڄو مٽيءَ سان خراب ٿي ويو. ويچارو ويو نديءَ ڪناري چولو ڌوئڻ، سنت پنهنجي چولي کي ويٺو مهٽي مهٽي ڌوئڻ. جيئن سنت چولي کي صاف پيو ڪري تہ مائيءَ جو من بہ وڃي پيو صاف ٿيندو. جيئن سنت چولي جي هڪ هڪ تند صاف پيو ڪري تيئن مائيءَ جي رڳ رڳ بہ وڃي پيئي صاف ٿيندي، سوچڻ لڳي تہ ''هاءِ مان ڇا ڪيو؟ ويچاري سنت جي چولي ۾ هوُمون کان بيکہ پنڻ آيو، مون بيکہ تہ ڪونہ ڏنيمانس، پر هيڪاري پلو بروو ڳالهايومانس.'' ڏاڍو من ۾ پڇتائڻ لڳي ۽ زار زار روئڻ لڳي، پاڻ کي ڏاڍو پئي ڦٽڪاري تہ مون کان ڏاڍو ڏوهہ ٿي ويو آهي. هاڻي جيڪر سنت مون وٽ اچي تہ مان جيڪر گهرائي،

نجيءَ غير حاضريءَ ۾ اچي ته گهر ۾ گهڙڻ نه ڏجوس.'' پڻس چيو، ''ڇڱو ڪيوَ
اسان کي اڳواٽ ٻڌائي ڇڏيوَ.'' ڀڳوان سندس پڻس کي چيو، ''توهين ڀلي
نجي آڱوٺي تي نشان ڪري ڇڏيو، جيئن توهان کي سولائيءَ سان خبر پوي.
ي ڀڳوان جي آڱوٺي تي نشان ڪري ڇڏيو.

سيٺ سنان ڪري جڏهن ڪناري تي آيو، ته ڏسي ته ڪپڙا گُم. هيڏانهن ڏانهن نهاريائين، پر ڪپڙا هجن ته ملن نه؟ انڪري انگوڇي سان ئي ڍڪيندو ڪندو دڪان تي آيو ۽ اچي نوڪرن کي چيائين ته گهر وڃي منهنجا ڪپڙا ڪڻي و. نوڪرن کي ته اڳواٽ خبردار ڪيو ويو هو. ان ڪري هنن ڪيس ڌڪا ڏيئي ڊيو. هو گهڻو ئي چيو ته مان توهان جو سيٺ آهيان ۽ نديءَ ڪناري تان ڪو هنجا ڪپڙا کڻي ويو آهي، پر هنن ڪونه ٻڌس. وري آيو گهر ته پڻس به گهر ۾ خل ٿيڻ ڪونه ڏنس. هر هر پيو ڪين چوي ته مان توهان جو بابو آهيان، پر پڻس ڌڪ هڻي ٻاهر ڪڍيس. هن کي ته ڪجهه سمجهه ۾ ئي نه پيو اچي ته هي سڀ ا ٿي رهيو آهي. سکيو ستابو وينو هئس ته پوءِ اوچتو ڪرمن ڪيئن پلٽي کاڌي. ندر ۾ پيو سوچي ته مون کان ڪا غلطي ته ڪانه ٿي ويئي آهي يا مون ڪو اهڙو ڪرم ته ڪونه ڪيو آهي. پوءِ ياد آيس ته برابر ٿي ڏينهن لاڳيتو هڪ سنت دڪان ي آيو هو ۽ مونکي رام-رام چوڻ لاءِ چيائين، پر مايا جي اَنڌ ۾ رام-رام ته ڪون ڪيم، اُلٽو هن سنت جي بيعزتي ڪيم. مون کان ته وڏو اپراڌ ٿي ويو آهي. سائينءَ جي نالي کان بيمُک رهيو آهيان. چوڻ تي به نام نه چيم. هاڻي ڏاڍو پڇتائي پيو، چوي پيو ته هاڻي ان سنت کي ڪيئن ڳولهيان؟ سنت جيڪر ملي چي ته مان پنهنجن ڏوهن لاءِ معافي وٺانس. مان اڳتي هميشه سائينءَ جو نت نيم سان نام جپيندس. اچان انهن ويچارن ۾ هو ته ڏسي ته سنت سامهون بيٺو آهي. سيٺ روئي وڃي سنت جا چرن پڪڙيا. چيائين، ''سائين مونکي معاف ڪريو، مون توهان جو نام نه جپيو. هي سڀ ان جو نتيجو آهي. ڀڳوان روپي سنت سيٺ کي هٿن سان اُٿاري ڪلي چيو ته ''اڳتي رام-رام چوندين؟ نام جپيندين؟ ستسنگ ۾ ويندين؟'' سيٺ اکين ۾ آنسون آڻي، دين هيڻ ٿي نمرتا ڀرئي من سان چيو، ''ها سائين، مان رام-رام چوندس، نام جپيندس ۽ صبوح شام ستسنگ ۾ ويندس.'' سنت پوءِ انترڌيان ٿي ويو. تنهن کان پوءِ هي سيٺ سڌي رستي تي آيو ۽ ڀڳتي مارگ ڏانهن تڪڙي وک وڌائي. ڌنڌو به ڪندو هو، پر چوويهه ڪلاڪ من ۾ نام جپيندو هو.

رام جو نام

هڪڙو هوندو هو سيٺ، سنسڪار تہ سٺا هئس، پر مايا ڪنهن کي نہ ڇڏي. ڏنڌو واپار سٺو هلندو هوس. ڏنڌي ۾ اهڙو غلطان هو جو سائينءَ جو نالو بہ وسري ويس. هوئن صبوح شام پوڄا وغيرہ ڪندو هو پر هاڻي پوڄا جي بدران رڳو ڌنڌن جي چنتا هئس تہ اجا ڌنڌي کي ڪيئن وڌايان، جيئن وڌيڪ آمدني ٿئي.

ڀڳوان جڏهن ڏٺو تہ منهنجي پياري ڀڳت کان هاڻي رام-نام وسري ويو آهي ۽ دنيا جي ماياڄار ۾ ڦاسي ويو آهي، سوچيائين تہ ڪيئن بہ هن کي ڀڳتيءَ جي مارگ ڏانهن آڻڻو آهي. ڀڳوان سنت جو روپ ڌاري سيٺ جي دڪان تي آيو ۽ چيائين، ”سيٺ، رام-رام بولو“ سيٺ غصو ڪندي چيو، ”ڏسين نہ ٿو تہ هينئر ڌنڌي جو ٽائيم آهي. نڪري وڃ هتان، آيو آهي رام-رام چوائڻ.“ ڀڳوان بہ چيو تہ هنکي تہ سڌاري راهہ تي آڻڻو آهي. سو وري بہ هو سنت جو روپ ڌاري ٻئي ڏينهن دڪان تي آيو ۽ اچي سيٺ کي چيائين، ”سيٺ جي، رام-رام بولو.“ سيٺ غصي ۾ اچي ويو ۽ چيائينس، ”ڪلهہ ڳالهہ سمجهہ ۾ ڪانہ آيئہ؟ هليو وڃ هتان. وري ٽئين ڏينهن بہ ڀڳوان سنت جي روپ ۾ آيو ۽ سيٺ کي چيائين تہ ”سيٺ جي، رام-رام بولو.“ سيٺ هاڻي ڏاڍي ڪروڌ ۾ اچي ويو، سو نوڪرن کان ڌڪا ڏياري ٻاهر ڪڍيائينس.

ڀڳوان کي تہ ڪيس سڌي رستي تي آڻڻو هو. سوچي پيو تہ هنجي اکين تي اَگيانَ جو پڙدو چڙهي ويو آهي، اهو تہ ڪيئن بہ ڪري هٽائڻو آهي. ڀڳوان کي خبر هئي تہ سيٺ روز صبح جو نديءَ تي سنان ڪرڻ ويندو آهي. جيئن ئي هڪ ڏينهن سيٺ نديءَ تي سنان ڪرڻ ويو ۽ ڪپڙا لاهي ڪناري تي رکي نديءَ ۾ گهڙيو تہ ڀڳوان هن جا ڪپڙا پائي سيٺ جي شڪل بڻائي سڌو دڪان تي آيو، اچي نوڪرن کي چيائين، ”مونکي خبر پئي آهي تہ هڪ مون جهڙو ماڻهو پئدا ٿيو آهي مان اجا هاڻي اِها ڳالهہ ٻڌي آيو آهيان، جيڪڏهن هتي دڪان تي اهو اچي تہ اچڻ نہ ڏجوس ۽ ڌڪا ڏئي ڀڄائي ڪڍجوس.“ نوڪرن چيو تہ ”چڱو ٿيو جو توهان اسان کي آگاهہ ڪيو، هتي ايندو تہ خبر وٺنداسونس.“

ان کان پوءِ ڀڳوان سيٺ جي گهر ويو ۽ سندس پتني کي بہ اِها ساڳي ڳالهہ ٻڌايائين، ”مون جهڙو هڪ ماڻهو پئدا ٿيو آهي، مان هاڻي ٻڌي آيو آهيان، جي

ن نارد گڏجي ويس، جنهن کي چيائين، ”ڀڳوان سان دوستي رکڻ ۾ ته کو
و ڪونه آهي، مونکي ڀڳوان جي دوستي ڪونه کپي، مونکي اها دوستي ٽوڙائي
.“ نارد اندر ۾ اهڙن سوارٿي، بيسمجهه ۽ لالچي ماڻهن تي کلي پيو ۽ چيائين،
وان کي دوستي ٽوڙڻ لاءِ چوندس.“ نارد وشنو ڀڳوان وٽ ويو، چيائين، ”سوامي
سيٺ ته توهان سان دوستي ٽوڙڻ ٿو چاهي، چوي ٿو ته ڀڳوان سان دوستي رکڻ
کو فائدو ڪونه ٿيو.“ ڀڳوان به مشڪي چيس، ”اسان هڪ وار جنهن سان
تي رکندا آهيون ته پوءِ اها دوستي مور نه ٽٽندي آهي. پر جي تنهنجو سيٺ
يرو ضد ٿو ڪري ته اسان جو هڪ شرط آهي، پوءِ مان دوستي ٽوڙيندس. شرط
آهي ته اهو سيٺ سيڌو، ڪڻڪ، چانور، اٽو، گيهه، کنڊ ۽ دالين جي ڳوڻ
ي مٿي پهاڙيءَ تي هڪ ٻڍيءَ کي ڏيئي اچي ته پوءِ مان دوستي ٽوڙيندس.“
جڏهن سيٺ کي اهو نياپو مليو ته هن اهو شرط قبول ڪيو ۽ سيڌي جي ڳوڻ
ي مٿي پهاڙيءَ تي ويو، ڏٺائين ته هڪ جهوُر ٻڍي پنهنجيءَ ڌيءُ سان جهوني
ٽيءَ جهوپڙيءَ ۾ ڇنل، ڇتيون لڳل گودڙيءَ تي ويني آهي. سيٺ چيس، ”امڙ
ي سامان وشنو ڀڳوان توهان کي موڪليو آهي، سامان لاهي ڳوڻ خالي ڪري
و.“ ٻڍيءَ پڇيو، ”ڪهڙو سامان آهي.“ سيٺ چيس، ”ڪڻڪ، چانور، اٽو،
ليون، گيهه ۽ کنڊ آهي.“ تنهن تي ٻڍيءَ چيو، ”ڀڳوان اڄ ته ڪڏهن ايترو
مان اڳوات ڪونه موڪليو آهي، هو هاڻ ڪيئن ايترو سامان موڪليندو.“ ڌيءُ
ي چيائين، ”ڏس ته رات لاءِ ڪاڌو آهي؟“ ڌيءُ ڏسي ٻڌايو ته، ”رات لاءِ ته آهي
ي سڀاڻي صبوح لاءِ به ٿورو آهي.“ ٻڍيءَ سيٺ کي چيو، ”اسان کي اهو سامان
ين کپي، اڄ لاءِ ڪاڌو آهي، سڀاڻي به ڀڳوان پاڻيهي ڏيندو.“ سيٺ گهڻو ئي
زاري ڪري ڳوڻ خالي ڪرڻ لاءِ چيس، ”به ٽي مهنا سيڌو هلندو.“ مائي ڪاوڙجي
يو، ”ٻن ٽن مهنن جو سيڌو وٺي رکون؟ جڏهن ڀڳوان اسان کي روز روٽي پهچائي
و ته پوءِ لالچ جي وس ٿي وٺي ڪين رکنداسين. تون ته ڪو بيشڪرو آهين. هاڻي
ٽي وڃ پنهنجي سيڌي واري ڳوڻ واپس.“ سيٺ پيو عجب کائي ته هھڙي
ريب مائي، سيڌو نه ٿي وٺي رکي. ڪيڏو نه ڀڳوان ۾ وشواس اٿس، ته ڀڳوان روز
وٽي پهچائيندو ۽ هڪ مان آهيان جو هيتري ڌن دؤلت هوندي به شڪايتن جا ڍير
ٽي ويٺو آهيان. هاڻي سيٺ جي من ۾ ڦيرو آيو ۽ سائينءَ جي ڏني ته راضي
هي، سنتوش ۾ رهڻ لڳو.

❑ ❑

پڳوان سان دوستي

هڪ سيٺ هوندو هو، سائينءَ جو ڏنو سڀڪي هوس، ڏنڌو ڏاڙي به سٺو هوندو هوس. پوءِ به سنتوش ڪونہ هئس. سوچيائين تہ وشنو ڀڳوان سان دوستي رکان، جيئن وڏيڪ ڌن ڪٺو ڪري سگهان. ائين هڪ دفعو رستي ۾ نارد ڳڏجي ويس، تنهن کي چيائين، ”منهنجو هڪ ڪم ڪر، وشنو ڀڳوان سان منهنجي دوستي ڳنڍائي ڏي. ڀڳوان کان پڇي ٻڌاءِ تہ منهنجو دوست ٿيندو؟ منهنجي دوستي قبول ڪندو؟“ نارد عجب ۾ پيو ڪائي تہ سنساري ماڻهو سوال ڪهڙا ٿا پڇن؟ تہ بہ نارد خاطري ڏنس تہ هو اهو ڪم ضرور ڪندو.

نارد بہ ويٺا هٿ ۾ ڪٺي نارايڻ، نارايڻ چوندو وشنو ڀڳوان جي دربار ۾ پهچي ويو. ڀڳوان تہ ڄاڻي ڄاڻهار آهي. نارد جو آءُ آدر ڪندي چيائين، ”اچو نارد جي، وهو، ٻڌايو تہ ڪهڙا حال احوال آهن؟“ نارد جواب ڏنو، ”حال احوال تہ جام آهن، پر پهرين هڪ سيٺ جو احوال تو ٻڌايانوَ، جيئن وسري نہ وڃي. سيٺ چوي ٿو تہ مٺن مائٽن، يارن دوستن ڏاڍا دوکا ڏنا آهن، ان ڪري مونکي وشنو ڀڳوان سان دوستي ڳنڍائي ڏي.“ وشنو ڀڳوان ترت جواب ڏنو، ”سيٺ کي وڃي چئو تہ اڄ کان دوستي پڪي.“ رومال ڪٺي ڳنڊ ڏيئي نارد کي چيائين تہ ”هي رومال وڃي سيٺ کي ڏي ۽ چئيس تہ مون تنهنجي دوستي قبول ڪئي. رومال کي دوستيءَ جي ڳنڊ اهڙي تہ پڪي ٻڌي اٿم جو چنڊ سان بہ ڪين ڪُلندي.“

نارد پوءِ سيٺ کي ڳڏيو ۽ چيائين، ”تنهنجي دوستي ڀڳوان سان پڪي ڪري آيو آهيان، هان هي وٺ رومال، جنهن ۾ دوستيءَ جي پڪي ڳنڊ ڏنل آهي، جا ڪنهن بہ حالت ۾ ڪلندي ڪانہ.“ سيٺ پڪي دوستيءَ جو رومال ولي ڦوليو نہ ٿي سمايو. سمجهڻ لڳو، هاڻي تہ مالا مال ٿي ويندس. پر حال تہ اهو ئي ساڳيو هئس. اِنسان جو سڀاءُ آهي وڏيڪ مايا ميڙڻ جي لالچ تہ رهي ٿي. سوچيائين، ”مٽ مائٽ، رشتيدار، يار دوست تہ مونکي نقصان ۾ بہ ٿا وجهن ۽ دوکا فريب ٿا ڏين، تہ پوءِ ڀڳوان سان دوستي رکڻ ۾ فائدو تہ ڪونہ ٿيو، تنهن کان تہ مان اڳي چڱو هئس. هاڻي ڪونہ کپي مونکي ڀڳوان جي دوستي. نارد ڳڏجي تہ چوانس تہ هاڻي مونکي ڀڳوان سان دوستي ٽوڙائي ڏي. سو پيو نارد جو سمرن ڪندو هو. نيٺ هڪ

رو اهڙو هجي جو پنڊن کان مڪتي ڏياري

هڪ پنڊت ڏاڍي سٺي ڪٿا ڪندو هو. ڪافي ماڻهو ايندا هئا ڪٿا ٻڌڻ لاءِ، راڄ
محل ۾ به راڻيءَ جي ڪن تي اها ڳالهه پئي ته پنڊت ڏاڍي سٺي ڪٿا ٿو ٻڌائي
، هن جي به دل ٿي ستسنگ ۾ وڃڻ لاءِ. راڻي وٽ هڪڙو طوطو هو، جنهن ۾ هن
جو ڏاڍو موهه هو، طوطي کان پل به پري ڪانه ٿيندي هئي. داسيءَ کي چيائين ته
راڻي مان به ستسنگ ۾ ويندس، تون به مون سان گڏ هلندي ڪج. راڻيءَ جو
طوطي سان پيار هو، سو طوطي وارو پڃرو راڻي پاڻ سان کڻي هلندي هئي.

پنڊت ڪٿا ٻڌائڻ کان اڳ ۾ سنگت کي چوندو هو ته 'رام-رام بولو ته بنڌن
ڇوٽي'، ته جهٽ طوطو چوندو هو، 'يون مت کهوڙي پنڊت جوٽي.' پنڊت کي
ڏاڍو غصو لڳندو هو، موڊ خراب ٿي ويندو هوس. پر وري به پاڻ تي ضابطو رکي
سٺي ۽ پريم سان ڪٿا ٻڌائيندو هو. راڻي به ڏاڍي خوش ٿيندي هئي ڪٿا ٻڌي
هن جي من کي شانتي ايندي هئي انهيءَ ڪري روز ستسنگ ۾ ايندي هئي، پر
پاڻ سان طوطو به کڻي ايندي هئي. پنڊت چوي ته 'رام - رام بولو تو بنڌن
ڇوٽي.' طوطو چوي، 'يون مت کهو ڙي پنڊت جوٽي.' ويچارو پنڊت من ئي من
۾ ڏاڍو دکي ٿيندو هو. موڊ کي ٺيڪ ڪرڻ لاءِ ڪجهه ڏينهن هردئار هليو ويو،
جڏهن واپس آيو ته دوست پنڊت پڇيس ته 'ڳالهه ڇا آهي؟ تون ڏاڍو دکي ٿو
لڳين، اڳي ته تنهنجي مُک تي سدائين مشڪ هوندي هئي، پر هاڻي ائين ڪونهي
ڇو؟'' پنڊت سڄي ڳالهه ڪري ٻڌايس طوطي جي باري ۾ ته طوطو ئي منهنجي
دک جو ڪارڻ آهي. رواجي ماڻهوءَ جو طوطو هجي ها ته اڏائي ڇڏيانس ها، پر
هيءُ ته راڻيءَ جو طوطو آهي. دوست پنڊت پڇيس ته 'راڻي ته ڪجهه نه چوندي
آهي نه؟' پنڊت چيو ته راڻي کي ته ڏاڍي شرڌا آهي تڏهن ته روز ستسنگ ۾
ايندي آهي. پر هيءُ طوطو مونکي پريءَ سڀا ۾ بدنام ٿو ڪري.

تنهن تي دوست پنڊت چيس ته 'تون ڪنهن به طرح اهو طوطو مونکي ٿن ڇڻن
ڪلاڪن لاءِ ولي ڏي ته مان طوطي کي سيکاريندس ۽ تنهنجو دک دور ڪندس.'
پنڊت ڏاڍو خوش ٿيو ۽ چيائين، 'منهنجو دک دور ٿيندو نه؟' دوست پنڊت خاطري

ٽي پتليون

راجا ڀوڄ کي ڪو ماڻهو ٽي سونيون پتليون ڏئي ويو. ويندي وقت راجا کي چيائين
مان ٿورن ڏينهن کانپوءِ ايندس، توهين مونکي ٻڌائجو تہ ٽن پتلين ۾ فرق ڪهڙو آهي
راجا ڀوڄ پتلين کي جاچي ڏٺو تہ سڀ هڪ جهڙيون هيون، شڪل شبيهہ ۾ بہ ساڳيون پيو
لڳن. راجا کي تہ ڪو فرق نظر نہ آيو، چيائين هي ماڻهو ڇڱو منهنجي لاءِ سوال ڇڏي ويو آهي
راجا وزيرن سان صلاح ڪئي. جن چيو تہ جيئن تہ پتليون سون جون ٺهيل آهن، تنهن ڪري
شايد سونارو فرق ٻڌائي سگهندو. سوناري کي گهرايو ويو، جنهن پتلي اُٿلائي پٿلائي ڏٺيون
چيائين تہ ٽيئي پتليون سونيون آهن، پتلين جو وزن بہ ساڳيو آهي ۽ ڏسڻ ۾ بہ ساڳيون آهن
۽ سون جي ڪوالٽي بہ ٽنهي پتلين جي ساڳي آهي، ڪو فرق نظر ڪونہ آيس.

جواهريءَ کي گهرايو ويو تنهن بہ پتلين کي جاچي ڏسڻ کان پوءِ مجبوري ڏيکاري
فرق نہ ٻڌائي سگهيو. راجا ڏاڍو منجهي پيو، چيائين هي ماڻهو تہ مونکي اُلجهن ۾ وجهي
ويو آهي، سمجهہ ۾ نہ پيو اچيس تہ ڇا ڪجي؟ تنهن تي وزيرن چيو، ”هاڻي سنتن جو
سهارو وٺڻ گهرجي.“ هڪ سنت آيو، پتلين کي هٿ ۾ کڻي ڏٺائين، راجا کي چيائين تہ
هڪ تار گهرايو. راجا سوچڻ لڳو تہ ڇا جي لاءِ کپيس؟ تار تي پتلي جو ناچ ڪرائي
ڏيکاريندو ڇا؟ خير، تار گهرائي ويئي. سنت تار هڪ پتليءَ جي ڪن ۾ وڌي، جيڪا ٻئي
ڪن کان نڪري آئي. سنت دل ۾ چيو تہ هيءَ پتلي جيڪو ٻڌندي، سو جهٽ ٻئي ڪن
کان ڪڍي ڇڏيندي، وري ٻيءَ پتليءَ جي ڪن ۾ تار وڌائين تہ اُها منهن مان نڪري
آئي، مطلب تہ جيڪو ٻڌندي سو ٻين کي ٻڌائيندي، وري ٽين پتليءَ جي ڪن ۾ تار
وڌائين تہ اها پيٽ ۾ هلي ويئي. مطلب تہ پيٽ ۾ سمائجي ويئي.

تنهن تي سنت راجا کي سمجهائي چيو تہ دنيا ۾ ٽن نمونن جا ماڻهو ٿيندا آهن.
هڪڙا اُهي جيڪي ستسنگ ۾ ٻڌن، اهو اوڏي مهل ئي ڇنڊي اُٿندا آهن يعني هڪ ڪن
کان ٻڌي، ٻئي ڪن کان ڪڍي ڇڏيندا آهن. ٻيا ماڻهو اُهي آهن جيڪي ستسنگ جون
ٻڌل ڳالهيون گهر اچي گهر جي ڀاتين کي ٻڌائيندا آهن. ٽيان ماڻهو جيڪي ستسنگ ۾
وچن ٻڌن، ان کي پاڻ ۾ سمائي ڇڏيندا آهن، مطلب تہ انهن تي عمل ڪندا آهن،
هنئين سان هنڊائيندا آهن ۽ انهن وچنن جو منن ڪندا آهن. ڪاش اسين بہ ٽينءَ
پتليءَ وانگر بڻجون ۽ گروءَ جا وچن هنئين سان هنڊائي، انهن تي عمل ڪيون تہ جيڪر
سولائيءَ سان ڀوَ ساگر مان تري پار پئون.

❑ ❑

نيم انوسار راڻي داسيءَ سان گڏ ستسنگ لاءِ نڪتي، پنڊت بہ بي‌فڪر ۽ بنا
تا جي دربار ۾ آيو، پريان ڏٺائين تہ داسي ۽ راڻي اچي رهيون آهن. ڇتائي
ئين تہ داسيءَ جا ٻئي هٿ خالي آهن، مطلب تہ اڄ طوطي وارو پڃرو ڪونہ
ي، وري سوچي پيو تہ خبر نہ آهي طوطي جو ڇا ٿيو؟ وري ڇيائين تہ مان ڇو
و اجائي چنتا ڪريان. سنگت لهي ويئي تہ هميشه موجب پنڊت چيو، ’رام-
ر بولو تو بنڌن ڇوٽي.‘ طوطي جو آواز آيو، ’يون مت ڪهو ڙي پنڊت جوئي.‘
ڊت جي حيرت جي حد نہ رهي، جان ڪٽي مٿي نهاري تہ ڏسي تہ اڱڻ جي ڇت
ي طوطو ويٺو آهي. طوطي کي ڏسي پنڊت آگ‌ببولا ٿي ويو. خفي ٿي پڇيائين تہ
وطاجي، ڦر هم ڪيا ڪهين؟‘ طوطي جواب ڏنو، ’يون ڪهو ڪہ گرو ائسا ملي جو
ڏن ڇوٽي.‘ طوطي اڳہ ائين ڪين ٿي چيو جو طوطو پڃري ۾ بند هو. پڃري
ي بنڌن کان آزاد ٿيڻ لاءِ ڪوبہ رستو ڪونہ هئس. گروءَ ئي هن کي پڃري مان
ڪت ٿيڻ جي راهہ ڏيکاري. اسين بہ دنيوي بنڌن ۽ سنساري موهہ ممتا ۾ ڦاٿا پيا
هيون. ڪاش! ڪو ڪامل سڄان گرو ملي وڃي جو اسان کي هن ڪوڙي دنيا جي بنڌنن
ن آزاد ڪرائي تڏهن تہ طوطي چيو تہ ’گرو ائسا ملي جو بنڌن ڇوٽي.‘

❑ ❑

”ڏينهڙا ساوڻ جا“

برسات جو سهانو سمو آهي. رم‌جهم-رم جهم بادل برسن، باغن ۾ گل
ڦل خوب ٽڙن، هي ساوا سندر وڻ، هي سهڻا سهڻا باغ، ڏسي من ٿئي
پرسن، ميگهہ ديوتا جي مهر سان چوڌاري هريالي لڳي پئي آهي. جيڏانهن
نهار تہ ساوڪ، جڻ باغن ۾ بهار آئي هئي. ساوڻ جي مهني لاءِ ڇا چئجي!
هن مهني جي ڳالهہ ئي نرالي ۽ نياري آهي. ڪيئن نہ مرلي منوهر هن
مهني ۾ مرلي وڄائي گوپين جا چت چورائيندو هو ۽ گوپيون پڻ سُڌ‌ٻُڌ
ڀلجي بنسيءَ جي تان تي ڊوڙي اچي مرلي منوهر سان راس ليلا ڪنديون
هيون. ڇا تہ نظارو هوندو برج جوا هنڙي سهاوني ۽ رمڻيڪ سمي ڀلا ڪڪ
نَورني پنهنجي پريتم کان ڌار رهي، برهہ جي پيڙا سهندي، ڪيئن نہ
پنهنجي ساجن کي پڪاريندي؟

- ڪانتا ايس. ايسراڻي

ڏنس. پنڊپ ويو راڻيءَ جي محل ۾، راڻي پنڊت کي ڏسي ڏاڍو خوش ٿي، پنڊت کي اندر گهرائي هن جو آڌرڀاءُ ڪيائين ۽ پوڇڻ بہ ڪارايائينس. پنڊت چيو، 'راڻي صاحبان، منهنجو هڪ عرض آهي تہ مهرباني ڪري پنهنجو طوطو مونکي ٿن ڇئن ڪلاڪن لاءِ ڏيو، پوءِ مان توهان کي واپس ڏيئي ويندس. راڻي پهرين تہ ٿورو منجهي پيئي جو طوطي کان پري ڪانہ ٿيندي هئي، پر ستسنگ ٻڌو هئائين، سوچيائين ٿن ڇئن ڪلاڪن ۾ ڪهڙو ٿو فرق پوي، طوطو پنڊت کي ڏيڻ قبوليائين.

طوطو کڻي پنڊت ويو سڌو دوست پنڊت وٽ. جنهن چيس تہ هاڻي تون وڃ، ٿن ڇئن ڪلاڪن ڪانپوءِ اچي طوطو کڻي وڃج. پنڊت واپس ايندي من ۾ پيو سوچي تہ طوطي کي ڪيئن سيکاريندو، جيئن منهنجو دکہ دور ٿئي. وري پاڻ کي آٿت ڏنائين تہ مان اجايو ڇو پيو سوچيان؟ جڏهن دوست پنڊت دکہ دور ڪرڻ جي خاطري ڏني آهي. ٿن ڇئن ڪلاڪن ۾ دوست پنڊت طوطي کي رام-رام چوايو. وري دوست پنڊت طوطي ڏانهن نهاري چپ چپ رهيو، طوطو بہ چپ رهيو، پنڊت سواس بند ڪيا، طوطي بہ پنهنجا سواس بند ڪيا. پنڊت وري ٿورا هٿ هلائي سمهي پيو، طوطو بہ کنڀ ڦرڦرائي سمهي پيو، پنڊت کڻي اکيون بند ڪيون تہ طوطي بہ اکيون بند ڪيون. پنڊت آيو طوطو کڻڻ، دوست پنڊت چيس تہ طوطي کي مون سيکاريو آهي، سو بہ ٽي ڏينهن تہ ضرور ياد رهندس، تون هاڻي نشچنت ٿيءُ.

طوطي وارو پڃرو راڻيءَ وٽ کڻي ويندي پنڊت طوطي ڏانهن نهاري من ۾ چيو، هاڻي ڏسان، سياڻي مونکي تون ڪيئن ٿو چيڙائين. طوطي بہ پنڊت ڏانهن نهاري من ۾ چيو، 'چپ رهو ڙي پنڊت جوئي.' راڻيءَ وٽ طوطو پهچائي پنڊپ گهر ويو. ٻئي ڏينهن پنڊت ڏاڍو خوش هو، ساڳئي اڳئين مشڪ منهن تي موٽي آئي هئس.

راڻي طوطو ڏسي ڏاڍو خوش ٿي. طوطي کان رام-رام چوايائين. رام-رام چئي طوطو چپ رهيو، پوءِ پنهنجا سواس روڪي کنڀ ڦرڦرائي سمهي پيو، پوءِ اکيون کڻي بند ڪيائين. راڻيءَ سمجهيو تہ طوطو مري ويو آهي، حيران ٿي چيائين تہ هي ڇا ايتري ۾ طوطي کي ڇا ٿي ويو. سو جيئن پڃري جو دروازو کوليائين تہ طوطو ڦرڦر ڪري اُڏامي ويو. راڻيءَ کي ڏاڍو ڏکہ ٿيو، پر ستسنگ ۾ ٻڌو هئائين تہ موهہ ممتا نہ رکجي، جو اڄ پنهنجو آهي، سو سياڻي ٻئي جو ٿيندو وغيرہ سو پاڻ ئي پاڻ کي سنتوش ڏنائين.

نجا منتر اثر كندا. اگر كنهن كوڙي ماڻهوءَ لوهہ تي هٿ ڦيريو تہ منهنجن
رن جي كري ان ماڻهوءَ جا هٿ سڙي ويندا. هيءَ ڳالهہ ٻڌي كير بہ اڳيان
نہ وڌيو لوهہ تي هٿ ڦيرڻ لاءِ. راجا بہ سوچڻ لڳو تہ ڇو كونہ ڦو كوئي اچي؟
سڀ چور آهن؟
راجا جڏهين جي ٺيكيدارن ڏانهن اشارو كري چيو، توهان هيڏا سنا سندر ءُ
ٺا مكان ناهيو ٿا، كهڙيءَ نہ ايمانداريءَ سان كم كريو ٿا، اچو اچي لوهہ
هٿ لايو. ٺيكيدار من ۾ سوچڻ لڳا تہ اها تہ اسان كي خبر آهي تہ اسين
يتري قدر ايماندار آهيون، اسين مال ۾ كيتري ملاوت كندا آهيون، اهو رڳو
ين ٿا ڄاڻون. نہ بابا، اسين لوهہ كي هٿ نہ لائينداسين.
جڏهن ٺيكيدارن مان كير نہ آيو، تہ راجا زميندار كي اشارو كيو اچڻ لاءِ.
جا چيو، توهان كيڏي نہ اِنسان ذات جي شيوا ٿا كريو، جيكڏهن توهان
مانداريءَ سان كم نہ كريو تہ انسان ان كانسواءِ بيحال ٿي وڃن جيكر اچو،
هين اچي هٿ لڳايو. زميندار دل ۾ چوڻ لڳا تہ اسان پنهنجيءَ ايمانداريءَ جي
ري ۾ ڇا ءِ كيئن چئون؟ اسان كي خبر آهي تہ اسين غريب كسانن كي كيئن
ريندا آهيون. ويچارن اڻپڙهيل ءِ جاهل كسانن سان اسين هيئن حساب كندا
هيون پنج بارهو اَسي پنج ڇڏيانءَ ٿو، پنجاسي، بيا بہ پندرهان رپيا ڇڏيامانءَ،
ل ٿيا توڏانهن سو رپيا. اسانكي پنهنجا هٿ ساڙڻا كونہ آهن. زميندارن مان بہ
كير نہ آيو، تہ چور چوڻ لڳو، راجا جلدي كريو دير ٿي رهي آهي. پوءِ كجهہ
وچي چيائين، راجا، توهين اچي لوهہ كي هٿ لڳايو. راجا ڇرڪ پريو ءِ سندس
ن ماضيءَ ڏانهن ڊوڙڻ لڳو ءِ پنهنجي ذهن تي زور آڻڻ لڳو تہ كٿي مون بہ تہ كا
نڍي وڏي چوري كانہ كئي آهي. ائين كيس ياد آيو تہ ننڍي هوندي هن كي
نائي ڏاڍي وڻندي هئي. جيستائين ماڻس سيني ٻارن كي مٺائي ورهائي ڏئي،
ن كان اڳ هو لكي ڇپي مٺائي چوري كري كائيندو هو. اهو سوچي راجا من
ي من ۾ كلڻ لڳو. چيائين هي چور تہ ڇڱو سياڻو نكتو. راجا ننهي چورن كي
ڇڏي ڏنو. مطلب تہ سڀ چور آهن، كير ننڍو چور تہ كير وڏو چور. ☐ ☐

● تنهنجو ''كٿائون ءِ كٿائون'' مليو اَٿم. گهڻو پڙهيو اَٿم. باقي بہ پڙهي
پورو كندس. ڳالهيون ڏٺل، ٻڌل ءِ پڙهيل آهن پر تنهنجي قلمي قوت ءِ
ٻوليءَ جي ٻل سبب نئون رت حاصل كري نئون جنم وٺي آيون آهن.
_ ڊاكٽر ارجن سكايل

مذاقيہ

سڀ چور آهن، ڪير ننڍو چور، ڪير وڏو چور

راجا اعلان ڪيو تہ اڄ کانپوءِ جيڪو چوري ڪندو، پوءِ چاهي اها وڏي هجي يا ننڍي، ڦاسيءَ تي چاڙهيو ويندو. پل اهو وڏو چور هجي يا ننڍو چور، سڀني کي ڦاسيءَ تي لٽڪڻو پوندو. پنهنجي محل جا، دربار جا ۽ خزاني جا دروازا کولي رکيائين ۽ رعيت کي بہ پنهنجن گهرن جا تالا لاهي رکڻ لاءِ چيائين. اهو ٻڌي رعيت ڏاڍو خوش ٿي، ڇو تہ هاڻي هي بنا ڊپ ڊاوَ جي ڪيڏانهن بہ اچي وڃي ٿي سگهيا. ائين بہ ٽي سال سک شانتيءَ ۽ خوشيءَ ۾ گذريا. رعيت بہ خوش هئي تہ راجا بہ خوش هو.

پر ٽن سالن کانپوءِ وزير اچي راجا کي ٻڌايو تہ رات خزاني مان چوري ٿي ويئي آهي. راجا کي ڏاڍو عجب لڳو تہ اها ڳالهہ ڪيئن ٿي؟ حڪم ڪيائين تہ چورن کي جلد پڪڙيو وڃي. سپاهي ٽي چور پڪڙي آيا. راجا چورن کان سوال ڪيو، ’اهو ڄاڻندي بہ چوريءَ جي سزا ڦاسي آهي تہ بہ توهان چوري ڪئي؟ ڇا توهان کي پنهنجي جان جي پرواهہ نہ آهي؟‘ چورن جواب ڏنو، ’اسان جي ڪرمن ۾ چوري ڪرڻ لکيل آهي تہ پوءِ اسان ڇا ٿا ڪري سگهون؟‘ راجا چيو تہ پوءِ هاڻي تيار ٿيو ڦاسيءَ جي تختي تي لٽڪڻ لاءِ.‘

ڦاسيءَ جو ٻڌي ٻن چورن جو تہ اندر ئي ڪاڇي ويو پر ٽيون چور هوشيار ۽ چالاڪ هو. تنهن راجا کي چيو تہ مونکي مرڻ جو ڊپ ڪونہ آهي، پر مان هڪ هنر ڄاڻان، جيڪو منهنجي مرڻ کان پوءِ مون سان گڏ هلندو. راجا جي من ۾ اُتڪنٺا پئدا ٿي اهو هنر ڄاڻڻ لاءِ. سو چور کان پڇيائين، اهو ڪهڙو هنر آهي؟ چور جواب ڏنو مان لوهي کي سون بڻائي سگهندو آهيان. راجا ڏاڍو خوش ٿيو. حڪم ڪيائين تہ راڄ ۾ جيڪو لوهہ هجي سو سڀ هت آندو وڃي. رعيت کي بہ چيو ويو تہ گهر ۾ جيڪو لوهہ هجيوَ ڪليون ڪوڪا سڀ ڪڍي اچو، بدلي ۾ سونا ٿي ملندوَ. سڀ لوهہ دربار ٻاهران ڪٺو ٿي ويو.

چور کي سڏايو ويو پنهنجو هنر آزمائڻ لاءِ. چور راجا کي چيو، ”سائين، اهو ماڻهو لوهہ تي هٿ ڦيري جنهن ڪابہ ننڍي وڏي چوري نہ ڪئي هجي، تڏهن

ربل ۽ سندس ماءُ

هڪ ڏينهن بيربل کي خيال آيو تہ امان اسي (٨٠) سالن جي اچي ٿي آهي تہ
مون ڪيس تيرٿ نہ ڪرايا آهن. روز پئي امان چوي تہ تون هيڏو وڏو وزير ٿيو
ن، سو بہ اڪبر بادشاهہ جو، پر اڃا تائين مونکي تيرٿ ڪونہ ڪرايا اٿئي.
دا آهن تہ جنهن تيرٿ نہ ڪيا تنهنجو جيون سڦلو نہ آهي. سو هڪ ڏينهن ماءُ
چيائين، ''امان مان توکي تيرٿن تي وٺي هلندس.'' ماٽس ڏاڍو خوش ٿي،
ائين، ''ڏاڍو سٺو. نيٺ خيال آيئہ تہ ماءُ کي تيرٿ ڪرائڻ جو...''
بيربل ماءُ کي وٺي تيرٿن لاءِ نڪتو. سڀ تيرٿ ڪرايائينس. دان پنج ماءُ کي
رايائين. ساڌن-سنتن کي بہ پيٽا ڏنائون، اناٿ آشرمن ۾ بہ دان ڏنائون ۽
ڀبن کي بہ پوڄن ڪرايائون. پوءِ حساب ڪيائين تہ ڪل سوا لک خرچ اچي ويو
ي.
ماءُ وراڻيو، ''شاباس اٿئي پٽ.'' رکي رکي پيو بيربل ماءُ کي ياد ڏياريندو هو
امان دان، ڌرم، ڳاڏيءَ جو ڀاڙو، ساڌن سنتن جي ڏکڻا، تيرٿن وغيره تي سوا
، خرچ اچي ويو آهي. ماءُ چيو، ''پٽ، سٺو ڪيئہ، شاباس اٿئي.'' جڏهن تيرٿ
ري واپس آيا تہ وري بہ ماءُ کي پيو چوي تہ ''امان، تيرٿن تي سوا لک خرچ
ي ويو آهي.'' ماٽس من ۾ پيئي سوچي تہ چا ٿي ويو آهي بيربل کي؟ هيڏو
لمند، ڏاهو ۽ سياڻو وزير ٿي ڪري، ڳالهيون ڪهڙيون ٿو ڪري؟ هيڏي وڏي
وان پٽ کي مان چا چوان؟
هڪ ڏينهن بيربل روئي ڪائي رهيو هو، ماءُ بہ پرسان ويٺي هئس. بيربل ماءُ
ي چيو، امان هاڻي تہ خوش آهين نہ؟ سوا لک خرچي توکي تيرٿ ڪرائي آيس.
اٽس پئي سوچيو تہ روز روز سوا لک جي رٽ لڳائي ويٺو آهي، اڄ مان ٿي ڪيس
وا لک جي فلم ڏيکاريان.
سو هڪ ڏينهن بيربل کي چيائين تہ پٽ، اڄ مان توکي تنهنجي ننڍي هوندي
ان اَڄُ تائين جي فلم ڏيکاريندس. بيربل عجب ۾ پئجي ويو. ماءُ کي چيائين،
، مان لکي پڙهي هيڏو وڏو هاڪارو وزير ٿيس، هاڻي تازو سوال لک روپيہ خرچ
ڪري توکي تيرٿ ڪرائي آيو آهيان. هيڏو وقت گذري ويو آهي، تو تہ مونکي اڳ

مذاقيہ

آئي وئي لاءِ

هڪڙا هوندا هئا ماءُ پٽ. ويچارا پورا پنا هئا. اؤکو سؤکو پيا گذر ڪندا هئا. مائي ڪجھ شان مان واري هئي. پاڻ پلي سادي نموني گذر ڪندا هئا، پر آئي وئي لاءِ سڀ ڪجھ وني رکندي هئي جيئن پٽ رهجي اچي. چانھ لاءِ سٺا پيالا، سٺا ٽوال ۽ سٺيون چادرون بہ گھر ۾ هونديون هيون. پر پاڻ جهوني پراڻي شين مان ئي ڪم هلائيندا هئا. ڇوڪرو چوندو هو تہ ''امان، پيالي کي چير ٿي ويا آهن، نوان پيالا ڇو نہ ڪڍين؟ اسان کي گھر ۾ پيا بہ آهن.'' تہ مائي پيار سان جواب ڏيندي هئس، ''پٽ اهي آئي وئي لاءِ پيا هجن.'' پٽ چوندو هو ''امان ٽوال پراڻو ٿي ويو آهي، هاڻي تہ بيو ڪڍي ڏي.'' تہ بہ مائي ورندي ڏيندي هئي تہ ''پٽ، ٽوال اجا هلندو.'' پٽ چوندو هو تہ ''اما ساڳي چادر ڌوئي، وري ٿي وڇائين. هاڻي تہ ڏياري بہ ويجهي آهي، نئين ڇو ڪين ٿي وڇائين؟'' ماءُ پيار سان چوندي هئي تہ ''ڏياريءَ تي تہ مان نئين چادر وڇائيندس، پر هيءَ بہ اجا اهڙي خراب ڪانہ ٿي لڳي.''

پٽ هاڻي انهن ڳالهين تي هري ويو هو، سمجهو ۽ سياڻو ٿي ويو هو، سمجهي ويو تہ نيون شيون آئي وئي لاءِ آهن ۽ اسان کي سادي سودي يا جهونين شين مان ڪم هلائڻو آهي. ڇوڪر اڄ ننڍو سياڻي وڏو ٿيو، پڙهيو ۽ نوڪريءَ تي لڳو ۽ شادي بہ ڪيائين. شاديءَ رات جيئن روم ۾ ويو، ڏٺائين تہ ڪنوار تہ ڏاڍي سهڻي ۽ سندر آهي، سو روم مان ٻاهر اچي، ماءُ کي چيائين تہ ''امان، ڪنوار تہ ڏاڍي سندر آهي، اها آئي وئي لاءِ رک، منهنجي لاءِ ڪا سادي سودي آڻي ڏي.''

□ □

● ڪتاب سٺو ۽ سهڻو لکيو اُٿيئي، جنهن ۾ اوچي خيالن جو خزانو ڀريل اهي، جيڪو پڙهندڙن کي سليءَ راھ تي آڻيندو. مونکي ڏاڍو وڻيو.

– گوپال ڪرشن چندناڻي

..ا جو قل

..هڪ پيرسن پنهنجي سڪي ڪٽنب ۾ پنهنجي اؤلاد سان گهاريندو هو. ڏنڊو
..روبار بہ تمام سٺو هلندو هون. اؤلاد بہ سپاتر ۽ ڌارمڪ خيال وارو، البت ٻڍو
..ي ۾ ايترو مشغول هو جو هردئار جي ويجهو هوندي بہ ڪڏهن تيرٿ ڪرڻ جي
..ي ڪين ويو. ٻار چونس، "بابا! جوانيءَ ۾ نہ تہ هن عمر ۾ ئي هردئار وڃي گنگا ماتا
..درشن تہ ڪري اَچو. اسين پاڻيهي ڌنڌو سنڀاليندا سين، توهين ان جي چنتا نہ
..جو." تڏهن بہ هو چوين تہ "اڄ نہ، ڪڏهن بہ هردئار جو تيرٿ ڪري ايندس،
..عڙ ڪهڙي آهي." ائين وڃڻ کان پيو ٽارائيندو هو......
..چهن انن مهنن کانپوءِ سندس اؤلاد وري کيس اها ڳالهہ ياد ڏياري ۽ چيو،
..بابا هيڏي وڏي عمر تي وئي اَٿوَ، اڃا ڪڏهن هردئار جي درشن ڪندا؟"
"پٽ! مونکي پنهنجي عمر جي خبر آهي، توهين چو ٿا اُها ياد ڏياريو. ڪڏهن
..ڪڏهن وڃي هردئار مان ٿي ايندس، ڌنڌي مان فرصت بہ تہ مليم؟"
..ٻار سوچين تہ ماڻهو ڪٿان ڪٿان هردئار جو درشن ڪرڻ اَچن، پر بابا تہ اسان
..ي ٻڌي ئي ڪين ٿو، ٻار تہ ائين بہ سمجهائيندا هئس تہ جڏهن سائينءَ هيترو
..جهہ ڏنو آهي تہ چو ڪونہ ٿا وڃي ڪجهہ دان پن بہ ڪري اَچو، پر هو ٻڌو اڻٻڌو ڪري
..ڏيندو هو ۽ آخر ۾ هڪ ڏينهن دل جو دؤرو پوڻ ڪري هو راهہ رباني ٿي ويو.
..ٻار ڏاڍا دکي ٿيا جو سندن پتا هردئار جو درشن ڪرڻ بنا ئي ديو لوڪ پڌاريو.
..وچيائون تہ هو جي جيئري نہ ويو تہ سندس مرتڪ شرير کي هردئار ۾ پرواهہ
..ڪجي، تہ ممڪن آهي کيس مڪتي ملي. پاڻ ۾ صلاح مصلحت ڪري ڇهہ اٺ
..ٽا پيءَ جو مرتڪ شرير کڻي هردئار لاءِ اُسهيا. رات پوندي ڪٿي آرام ڪرڻ جو
..وچيائون جيئن وري صبوح جو اڳتي وڌن. هلندي هلندي ڪنهن کنڊهر جڳهہ
..ي نظر پين، مرتڪ شرير اندر ڪنهن جڳهہ تي رکي، پاڻ ٻاهر کليل ايوان ۾
..سمهي پيا ۽ پاڻ ۾ اُهي ئي ڳالهيون ڪندا رهيا تہ ڪيترو نہ پتا کي تيرٿ ڪرڻ
..لاءِ چيوسين، سمجهايوسين، پر شايد تيرٿ ڪرڻ سندس نصيب ۾ ئي ڪين هئو،
..جو تہ هردئار جو اشنان جنم جنم جا پاپ ناس ڪري جيوَ کي مڪتي ڏيندو آهي.

ڪجهه ڪونه ٻڌايو آهي، سو هاڻي مونکي منهنجي ڪهڙي فلم ڏيکاريندين؟
ماڻس چيو، ’پٽ مونکي ٻار نه پئي ٿيو، سڪي سڪي ساڻن ڪان، پني-پني پيٽ ۾ ٿئين ته مان ڏاڍو خوش ٿيس. چاهيم پئي ته شل پٽڙو ڄمي، اڳي ته مشينون ڪونه هونديون هيون، هاڻي ته مشينون آهن، جهٽ خبر پئجي وڃي ته ڌيءَ ڄمندي يا پٽ. سو ڀڳوان کي پيئي ٻاڏائيندي هئس ته هي ڀڳوان مونکي پٽڙو ڏجانءِ، تنهنجي ڄمڻ کان ڪجهه ڏينهن اڳ هڪ جوتشي اسان جي گهر آيو. مان وينتي ڪري پڇيومانس ته مهرباني ڪري مونکي ٻڌايو ته مونکي ڇا ڄمندو؟ جوتشي ڏسي ٻڌايو ته پٽ ڄمندو، پر هڪ ڳالهه آهي، مون پڇيو ته ڳالهه ڪهڙي آهي؟ جوتشيءَ ٻڌايو ته ٻار جيڪڏهن پهرئين پهر ۾ ڄمندو ته فقير ٿيندو، ٻئين پهر ۾ ڄمندو ته امير ٿيندو، ٽئين پهر ۾ ڄمندو ته وزير ٿيندو ۽ چوٿين پهر ۾ ڄمندو ته راجا ٿيندو. مان ڏاڍو خوش ٿيس ته آخر پٽ ته ڄمندو پوءِ ڀلي ڪهڙو به پهري ۾ ڄمي.
پهرئين پهر ۾ جڏهن مونکي تڪليف ٿي ته دائيءَ کي چيم ته ترس، تڪڙ نه ڪر، هي پهريون پهر گذرڻ ڏي، آخر غريبي ڪنهن کي ٿي وڻي؟ شل ڀڳوان ڪنهن کي به غريبيءَ ۾ نه گذارائي. پهريون پهر سک جو گذاريو. وري به دائيءَ کي ترسڻ لاءِ چيم، چاهين ته پٽ وزير ٿئي، ٻيو پهر به سک سان گذريو. وري چاهيم ته پٽ راجا بڻجي، پر پٽ تڪليف سهي نه سگهيس، سو دائيءَ کي چيم ته هاڻي تڪليف سهي نٿي سگهان، سو ڀلي هاڻي ٻار ڄمي، سو پٽ تون ٽئين پهر ۾ ڄائي انڪري ئي اڪبر بادشاهه جو سياڻو ۽ عقلمند وزير آهين، سڄي هندستان ۾ تنهنجي سياڻپ جي هاڪ آهي، هئڙي عقلمندي ۽ سياڻي وزير بڻائڻ لاءِ مون جا توسان ننڍي هوندي کان وٺي محنت ڪئي آهي سان مونکي خبر آهي. مون توکي ڪڏهن ڪين ورجايو. ان لاءِ ته جيئن تنهنجي پالڻ پوشڻ، پرورش ۾ ڪا ڪمي نه رهجي وڃي، پر تون آهين جو ڳالهه ڳالهه ۾ پيو چئين، ’توکي تيرت ڪرائڻ تي سوا لک خرچ اچي ويو آهي.‘ هي سڀ ٻڌي بيربل جو ڪنڌ شرم کان جهڪي ويو. اکين ۾ ڳوڙها آڻي ماءُ کان معافي گهرڻ لڳو. ماءُ جهڙو دنيا ۾ ڪير نه هوندو آهي. ماءُ جي ممتا ۽ مهما نياري آهي. جنهن ماءُ کي خوش ڪيو ته هن ڀڳوان کي خوش ڪيو. جو ماءُ جي پيرن هيٺان بهشت آهي.
□ □

آيو.

جيسين هو واپس موٽي تيسين هڪ ڪاٺير ڪاٺيون ڪرڻ لاءِ ان جهنگ ۾ آيو
ي ان وڻ تي ڪهاڙو هڻي ڪاٺيون ميڙڻ لڳو، جنهن ڪري وڻ تي ٽنگيل ڏهو
ٺ ڪري پيو. ڪاٺير جو ڌيان ئي ڏهي طرف ڏيان ويو تہ هن اهو کڻي وٺي
و ڪيو تہ کيس چانديءَ جو رپيو، پنج رتن ۽ سوني منڊي مليا. هن بخمل جي
ڙي ۾ سڀ شيون ٻڌي کنيون ۽ ايندي ايندي گهر لاءِ راشن وٺي ڪپڙو درزيءَ
دڪان تي کڻي ويو جنهن اُن مان سهڻي صدري سُبي ڏنس.

ٻئي ڏينهن ڪاٺير اُها سهڻي صدري پائي، ٻهارو هٿ ۾ کڻي ٻڍي جي گهر ۾
ري پائڻ لڳو تہ زالن جي نظر سندس صدريءَ تي پيئي ۽ پوءِ هنن پنهنجي
جي مردن کي گهرائي هن کان سچي ڪرائي، مڃاڻ هن اُها چوري نہ ڪئي
ي. ڪاٺير نماڻائيءَ سان اُتر ڏنو، ”هيترن سالن کان توهين مونکي سڃاڻو ٿا،
ن توهان جي ڪڏهن بہ چوري ڪئي بہ آهي ڇا؟“

”تہ پوءِ صدري تو ڪٿان آندي؟“

جنهن تي ڪاٺير کين ٻڌايو تہ ”اُها تہ مونکي قدرتي ملي آهي، نہ رڳو هن
دريءَ جو ڪپڙو، پر سوني منڊي، چانديءَ جو رپيو ۽ پنج رتن بہ پراپت ٿيا اَٿم
ڪي هڪ هڏين جي ڍير ۾ پيا هئا، هڪ وڻ جي هيٺان. مان ڪوڙ ٻنهہ ڪين ٿو
هايان.“

پڻ پوءِ ان برهمڻ کي گهرايو، جنهن چيو، ”مان ٻڍو سرير اڪيلي سر ڇا ٿو
ري سگهان. توهين جڏهن مرتيو سرير کي کڻي ويا، تڏهن بہ توهان پيءُ واپس
دو، اتي ان پيٽ ۾ مان تہ نبل ۽ ڪمزور آهيان.“

پڻ هاڻ سوچيو تہ جنهن کي جيئري هردئار جي تيرٿ ڪرڻ نصيب نہ هو تہ
ي کان پوءِ بہ اهو نصيب نہ ٿيس. اِنسان جيڪو جيئري چاهي ٿو، سندس مرتيو
ن پوءِ بہ اهو ئي ٿو ٿئي.

❑ ❑

● ”ڪٿائون ۽ ڪٿائون“ ڪتاب ۾ ڏنل ڪهاڻيون ڏاڍيون وڻيون. اَڄ جي اِنسان جي دکي مَنَ لاءِ ٿڌو ٺار آهن. هينئن سان هنڊائڻ جهڙيون آهن. اَڄ جي اِنسان لاءِ اَهڙي ساهت جي وڏيڪ ضرورت آهي، جيڪو گهٽ ڇپجي ٿو. هيءُ ڪتاب امرت ڌارا جو ڪم ڪندو.

ـ ڪيمن يوُ. مولاڻي

ڇو نه ته ڪو هڪ ٻڍڙو به ان ڪنڊهر جڳهه ۾ سمهيو پيو هو جنهن ٻئي سندن ڳالهيون ٻڌيون. ٻڍڙي جي به دل ٿي ته هردئار جو تيرٿ ڪيان ۽ ائين مڪتي حاصل ڪريان، پوءِ مرتڪ سرير کي ڪاٺيءَ مان ڪولي هڪ الڳ جڳهه تي رکي پاڻ ان ڪاٺيءَ تي سمهي پيو ۽ اٽڪل سان پاڻ کي نوڙين سان به ٻڌائين.

پرهه ڦٽي پٽ اُٿيا ۽ مرتڪ ديهه ڪڻي وڃي گنگا ۾ پرواهه ڪيائون ٿي ته ور ور ڪاٺيءَ مان 'هر هر گنگي'، 'جئه گنگا مئيا' جا آواز اچڻ لڳا. پٽ وائڙا ٿي ويا ته اسين هن زنده ٻڍي کي ڪيئن ڪڻي آيا آهيون. ان تي ٻڍي پنهنجي وارتا بيان ڪئي. جنهن ڪارڻ پٽن کي ڏاڍي ڪاوڙ آئي. پوءِ جڏهن ان ٻڍي ۾ ڪين پنهنجي پيءُ جو روپ ڏسڻ آيو ته غصو پي ويا ۽ واپس اچي ان ڪنڊهر جڳهه تي پهتا ته ڏٺائون ته مرتڪ شرير ته اُتي ئي پيو هو، سوچيائون جنهن کي جيئري هردئار جو تيرٿ نصيب نه ٿيو، ان کي مئي پڄاڻان به نصيب نه ٿيو، ان ڪري سوچيائون ته پنهنجي ڳوٺ ۾ هلي ٿا بابا جو اگني سنسڪار ڪريون.

ٻن گهوڙن جو بندوبست ڪيائون. هڪ گهوڙي تي پنهنجي پيُ جي مرتيو ديهه کي ٻڌائون ۽ ٻئي گهوڙي تي ٻه پٽ چڙهيا. باقي ٻيا گهوڙن جي پٺيان آيا. ٻنهي گهوڙن کي هڪ ئي رسيءَ سان سوگهو ڪيائون. ٻئي گهوڙا گڏوگڏ هلڻ لڳا. هڪ گهوڙي کي چڪن ڏيڻ جي ڏاڍي عادت هئي، سو جيئن چڪون آيس ته رسي ٽٽي پيئي ۽ گهوڙو اڪيلو ڊوڙڻ لڳو. جنهن ڪارڻ گهوڙي تي ٻڌل مرتڪ شرير رستي ۾ ڪري پيو ۽ پوءِ جيئن ئي ڳوٺ جي ماڻهن جي ان تي نظر پيئي ته سڃاتائون ۽ سندس ڪٽنبين کي وڃي ٻڌايائون ته سندن پيءُ جو لاش گهٽيءَ ۾ ڪري پيو آهي. ڳوٺ جا معزز ۽ پئنچ گڏ ٿيا ۽ لاش جو وڌيءَ انوسار اگني سنسڪار ڪيائون.

هيترو وقت هلندي ۽ هڻ پٽ ڪندي پٽ به ڏاڍو ٿڪجي پيا هئا، جنهن ڪري فيصلو ڪيائون ته گر برهمڻ معرفت ئي هائيون هردئار ۾ موڪلي پرواهه ڪرائبيون. برهمڻ اهو ڪم ڪرڻ خوشيءَ سان قبول ڪيو. گهر وارن هائين جي دٻي ۾ چانديءَ جو رپيو، پنج رتن ۽ سوني منڊي وڌي ۽ دٻي کي هڪ ڳاڙهي بخمل جي ڪپڙي سان سبي، دٻو برهمڻ کي ڏنو ويو. ٻين مٽن مائٽن به برهمڻ کي يوگيه دڪشڻا ڏني.

برهمڻ دٻو کڻي هليو. رات پوندي آرام ڪرڻ جو سوچيائين، پر وري ويچار آيس ته پاڻ سان ايترو ناڻو اٿم اهو ڪو رستي تي ڪي لڳهه ڦري نه وڃن ڇو ڪين اُهي گهر رکي اَچان. اهو ويچار ايندي ئي هائين وارو دٻو هڪ وڻ تي ٽنگي هو

تي ليتيءَ جي برخلاف ڀاشڻ ڏيندا هئا، سچ ته انهن ئي ڏيتي ليتي وڌائي ي. ٻين کي ايترو ملندو ڏسي، غريب ڇوڪري جي ماءُ به ايتري اُميد ٿي رکي. هنجو درجو ڪانه ٿي ڏسي. رشتا ناتا ته هڪ جهڙن سان يعني ته ساڳيءَ ليول وارن ن ٿيندا آهن. سڀ ماڻهو ته ساڳيا ڪونه آهن. هرڪو ماڻهو پنهنجي حيثيت ۽ درجي ر ڏيندو نه؟ پوءِ وچولي درجي وارا ماڻهو اها ڳالهه ڇو نه ٿا سمجهن؟ ڇو ٿا ريس ڪن؟

هڪ دفعو ڇوڪري وارن مائٽي لاءِ ها ڪن ته پنهنجيءَ سرنديءَ وارا ڇوڪريءَ ي مائٽن جو ڏيڻ به چالو ڪن. هو ايترو ته گهڻو ڏيندا آهن جو ڳالهه نه پڇو. رهڪ ننڍي وڏي موقعي تي ناليءَ کي، سيٽن کي، وڏيون قيمتي سوکڙيون يندا آهن. شاديءَ جا پنج ڇهه فنڪشن ضرور هوندا آهن. ڪيڏا نه ڪاڏا رکندا هن ۽ ڪيترا نه خرچ ٿيندا هوندا؟ رسيپشن واريءَ رات لاءِ ته ڳالهه ئي نه پڇو. يتري انداز ۾ ڪاڏا ۽ سڀ ڪاڏي جون وئرائٽيون ڏسي الائي ڇا ٿيندو آهي. ائين ڻندو آهي ته سڄو هال ئي جڻ طرح طرح جي ڪاڏن سان ڀرجي ويو آهي. ماڻهو يترو ڪاڌو ڪائي سگهندو؟ اڄ ڪالهه هرڪنهن کي صحت جي ڪري حساب سان ائڻو پوندو آهي. مان سمجهان ٿي ته ان هڪ رسيپشن واري رات جي خرچ مان جيڪر غريب ڪٽنب جي ٻن ٽن ڇوڪرين جي شادي ٿي سگهي. ڏيکاءُ ڏاڍو وڌي يو آهي. ته پوءِ هرڪو ماڻهو ڇوي مان ڇو پٽتي پوان؟ ايتري ڪاڌي جي بدران، ڳ واري زماني وانگر جيڪر سادو ڪاڌو رکجي ته ماڻهو جيڪر آنند ۽ پريم سان ڪاڌو ڪائين. منهنجي خيال ۾ ڪاڌي ۾ ٻه ڀاڄيون، دال، پڪوڙا-ٽڪي، ڏهيءَ جو ائتم، مٺي شيءِ ۽ چانور چپاتي هئڻ گهرجي. شاديءَ ۾ ڪولڊ ڊرنڪ، آئيسڪريم ته هوندا آهن. ڇا اهو ساڳيو زمانو ايندو؟

منهنجو اهڙين ڇوڪرين کي، جن کي ڏيتي ليتيءَ جي ڪري ستايو ٿو وڃي ۽ بيعزت ڪيو ٿو وڃي ۽ ويچاريون سماج ۽ مائٽن جي پريشانيءَ ڪري آپگهات جهڙو گهاتڪ قدم ٿيون کڻن، صلاح آهي ته ٻڏي ته ٻڏي نه ته دال روٽي گهٽي. همت ڏاريو، ذرا حوصلو رکو، مايوس نه ٿيو. شروع ۾ ٿوري مشڪلات سمجهه ۾ ايندي. پر پوءِ جڏهن پنهنجن پيرن تي بيهنديون ته ڪنهن به ڳالهه جو ڊپ نه آهي. اهڙيءَ حالت جو نه رڳو پنهنجن سڳن مائٽن کي، پر ٻيا به جن کي دردمند دل آهي، اُهي به اهڙين ستايلن ڇوڪرين کي هر طرح جي مدد ڪن جيستائين هو پنهنجو پاڻ کي سنڀالي سگهن. اڄ ڪلهه ڇوڪريون به ڇوڪرن کان گهٽ پڙهيل ڪونه آهن، اُهي هيڪاري ڪن حالتن ۾ ڇوڪرن کان وڌيڪ تعليم يافت آهن ۽ پگهارون به ڇوڪرن کان وڌيڪ اٿن. ته پوءِ ڇو ساهرن جا ظلم سهن؟ ذرا همت ۽ حوصلي جي

اَڀياس

ڇا ڏيتي ليتي وٺڻ جائز آهي؟ (١)

ڏيتي ليتي ڏيڻ وٺڻ جو تہ هر قوم ۾ رواج آهي. غريب ۾ غريب ماڻهو بہ پنهنجيءَ حثيت آهر ڏيئرن، ڀينرن کي ڏيندا آهن. سنڌ ۾ تہ سوَن ۾ ڏيتي ليتي هوندي هئي. پوءِ بہ پئنچن جي بنڌي نهيل هوندي هئي، تڏهن بہ ڪي ماڻهو خوشيءَ سان لڪي ڇپي ٿورو وڌيڪ ڏيندا وٺندا هئا. اڄ ڪالهہ جي وقت ۾ تہ ڳالهہ ئي ٻي آهي، لکن ۾ نہ پر ڪروڙن ۾ لين دين ٿي ٿئي. پنهنجي مرضيءَ ۽ خوشيءَ سان ڏيتي ليتي ڏيڻ جائز آهي، پر گُهرَ ڪرڻ ۽ ٻولي ڪرڻ جائز هرگز نہ آهي. گهر واهپي جون وڏيون ۽ قيمتي شين جون ڇوڪريءَ جي مائٽن مان اُميد رکڻ بلڪل غلط آهي ۽ انهيءَ ڪري ڇوڪرين کي دکي ڪرڻ، مار ڪٽ ڪرڻ ۽ پوءِ ڪيس جلائي ڇڏڻ، انهيءَ جهڙو دنيا ۾ ٻيو پاپ ڪونہ آهي. ڇوڪرن جي مائٽن کي بہ سوچڻ گهرجي تہ جيستائين اسان پٽ کي پرڻايو نہ آهي تہ اسين پاڻ ڪونہ ٿا ڪيون؟ پنهنجي حثيت آهر گهر هلائي رهيا آهيون ۽ ٻين خرچن کي بہ پنهنجيءَ شڪتي آهر منهن ڏيون ويٺا؟ تہ پوءِ پٽ جي مڱڻيءَ کان وٺي اسان جا من ڇو ٿا ڦري وڃن؟ اسان جا من لالچي ڇو ٿا بڻجي وڃن ۽ ڇو ٿا هرهڪ شيءِ لاءِ سيٽن-(ڇوڪريءَ جي مائٽن) ڏانهن نهاريون؟ ڇا انهيءَ ۾ ڇوڪري وارن جو شان آهي؟ ڇوڪريءَ جا مائٽ پنهنجي نياڻيءَ جي موهہ ۾ ۽ سندس زندگي خوشحال رهي، ڇوڪري وارن جون ڪنهن حد تائين گهرجون پوريون بہ ڪن ٿا، پر اُهو بہ ڪيستائين؟

اڳ ۾ تہ ايتري ڏيتي ليتي ڪانہ هئي، پر هاڻي تہ جيئن ٿڌ تيئن وڌ. ڇيهہ پنجٽيهہ سال ڏيتي ليتيءَ جي برخلاف ماڻهو ڏاڍا ليڪچر ڏيندا هئا، پوءِ هاڻي ايتري ڏيتي ليتي ڇو وڌائي اٿن؟ انهيءَ ڳالهہ جو وڏو نہ آهي تہ اڄ ڪالهہ ماڻهن وٽ پئسو جام آهي ۽ سکہ سهنج، آرام سان زندگي گذارڻ جا وسيلا ۽ عيش عيشرت ڪرڻ لاءِ ساڌن جام آهن. پرديس ۾ ماڻهن جا ڏنڌا ڇميل آهن. چوندا آهن تہ پئسو پئسي کي وڌائيندو آهي. جن کي اڻميو پئسو آهي، اُهي ضرور اؤلاد کي ڏيندا پوءِ اُهو پٽ هجي يا ڌيءُ. پر جن کي اؤلاد ڪونہ هوندو آهي، اُهو بہ ٻين کي ڏئي ويندو آهي، يا دان ڪري ويندو آهي. جيڪي ماڻهو اسٽيج تي ڀهي

خبر پوندي آهي ڇا ته ننهن کيئن هلندي؟ پر جيڪڏهن کنهن کي هٿ
به هجن ته ڪير غيرتمند ۽ عزتدار ماڻهو پئسو چاهيندو؟ جنهن ماڻهوءَ لاءِ
جي دل ۾ پيار نه هوندو آهي،. انهن طرفان ڪا شيءِ وغيره اسين قبول ڪنداسين.
ز نه. جڏهن ڇوڪريون ڏيتي ليتي ڪونه ڏيون آئين ته به ساهرن کي ڏُکي ٿيون
، پوءِ جي ڏيتي ليتي گهربي ته ننهر کهڙو حال ڪنديون، اها سوچڻ جهڙي ڳالهه
. ڏيتي ليتي ونڻ جي اهڙي سبب ۾ ته ڪو دم ئي ڪانهي.

ٽائيم پاس

اڳئين زماني ۾ شاديون وچ وارن جي معرفت ٿينديون هيون. ڇوڪرا، ڇوڪريون
ڪ ٻئي کي ڪونه ڏسندا هئا ۽ نه وري ڪو ٿيڻ وارا سيڻ ئي هڪ ٻئي کي ڏسندا
. ائين هڪ ڇوڪريءَ جي شادي ٿي جا ڪاٺي هئي. شادي ته ٿي گذري.
جهه ڏينهن ڪانپوءِ ڇوڪريءَ جي ماءُ کي ڏاڍو خيال ٿي پيو ته اسان پنهنجي
ڪريءَ جي باري ۾ ڇوڪري وارن سان ته ڳالهه ڪانه ڪئي هئي. خبر نه آهي
اسان جي ڇوڪريءَ سان ساهرا کهڙو وهنوار ڪندا هوندا. سو ڏاڍو ڏُکي ٿي گ
ٽ کي چيائين ته، ”ٻڌو ٿا، مونکي ته ڏاڍي چنتا ٿي پيئي آهي، اسان ته
ڪريءَ جي باري ۾ اڳيئر ڪجهه نه ٻڌايو هوسون.“ ڇوڪريءَ جي پيءُ کي به
نتا ٿيڻ لڳي، زال کي چيائين، ته ”تون دلجاءِ ڪر، اهڙو ڪجهه نه هوندو.
نئن ٿا ڪريون، انبن جي مند آهي ۽ اسان اڇا سيٽن کي ڏڻ ڪونه موڪليو
ي، سو تون ڪجهه ڇوتا ۽ سٽپرا به تري وٽ جو انبن سان گڏ پٽ هٿ موڪليون
انهيءَ بهاني ڏڻ به ويندو ۽ پوءِ پٽ اچي حال احوال ڏيندو.“
ڇوڪرو ڏڻ کڻي ويو. ڀيڻ جي ساهرن ڏاڍو آدر ڪيو نونهن جي ڀاءُ جو، ڇو ته
ٺهو سنا هئا. ڇوڪرو به ٻه ٽي ڏينهن مزي سان رهيو. پڇاڙيءَ جو موڪلائڻ وقت
ڻ کان پڇيائين، ”ادي، تون خوش ته آهين نه؟ امان کي ڏاڍو اُلڪو ٿي پيو
ي. گرهه نڙيءَ مان هيٺ نه ٿو لهيس، اسان تنهنجي باري ۾ هنن کي ڪجهه
ٻڌايو هو نه، ان ڪري امان چنتا ڪندي آهي مان امان کي ڇا چوان؟“
ڇوڪريءَ جواب ڏنو،

سُس به ڪاٺي، سهرو به ڪاٺو، ڪاٺي نران سڀي،
ڪانڌ به ڪاٺو، ڏاند به ڪاٺو، ڪاٺي گهرجي ڏڀي،
امڙ کي وڃي چئج ته آءٌ به گهڻن گڏي.

□ □

ضرورت آهي ۽ مائٽن جي سهڪار جي. هاڻي رهيو اهو سوال تہ ڏيتي ليتي وٺڻ جائز آهي؟ ڏيتي ليتي بند تہ ڪانہ ٿيندي. سرڪار ڏيتي ليتيءَ تي قانون پاس ڪيو هو، ان تي عمل ٿيو؟ پر اسان کي سمجهڻ گهرجي، ساڃاهڻ گهرجي، گُهرَ ڪنهن بہ حالت ۾ نہ ڪرڻ گهرجي. گُهرَ ڪرڻ شانائتو نہ آهي. نہ وري پراين ڇاين کي تڪليف ڏيڻ گهرجي.

ڇا ڏيتي ليتي وٺڻ جائز آهي؟ (٢)

ڏيتي ليتي وٺڻ جائز آهي يا نہ ان باري ۾ ٢ سيپٽمبر جي ٢٠٠٤ واري اخبار ۾ پائي راڌاڪشن واسواڻي جا خيال پڙهيم. هن ڪن ٻڍين ٻڍن جا مثال ڏنا آهن جيڪي ننهن طرفان ستايل هئڻ جي ڪري ٻڍا آشرم ۾ داخل آهن. واسواڻي صحيح بہ آهي جو هن ٻڍا آشرم جو دؤرو ڪري، ٻڍن جو حال معلوم ڪيو آهي، ضرور پٽ ننهن جي تڪليفن ۽ ڏکن جي ڪارڻ ئي ٻڍا آشرم جو سهارو ورتو هوندو. پر ٻڍا آشرم کان ٻاهر ٻي دنيا بہ آهي. سڀ نہ ويا سنسار مان، اڃا سٺا ماڻهو آهن، جنهن ڪري دنيا هلي رهي آهي.

ڪن جي گهرن ۾ ڏاڍو پريم ۽ آنند جو ماحول رهندو آهي. ننهن بہ سياڻي هوندي آهي ۽ هر وقت ساهرن جو خيال رکندي آهي ۽ کين مان سنمان ڏيندي آهي. ساهرا بہ اهڙي ننهن پائي مٿس اول گهول ويندا آهن ۽ ڌيءَ کان بہ وڌيڪ پيار ڪندا آهن. ننڍڙن ٻارن کي ڏسي پنهنجو اکيون ٺاريندا آهن ۽ موهہ ممتا وس ٿي گهر کي سرڳ سمان سمجهندا آهن. پر بہ ڪرمن جو حساب ڪتاب بہ تہ آهي. هي رشتا ناتا هڪ ٻئي سان جڙن ٿا حساب چڪتو ڪرڻ لاءِ پوءِ انهن ڪرمن جي حساب ڪاتر ڪڏهن ننهن کي ستايو وڃي ٿو تہ ڪڏهن ساهرن جي پلئہ ۾ ڏک ۽ تڪليفون اچن ٿا. هرڪنهن کي پنهنجي ڪرمن موجب ڏک سک پوڳڻو پوي ٿو. ان جو ڪو علاج ڪونہ آهي. جيڪي ڇوڪريون ڏيتي ليتي ڪونہ ٿيون آڻين، سي بہ پنهنجا سپنا ساڪار ڪري سس سهري کي ڏکي ڪري الڳہ گهر ٺاهين ٿيون. بزرگ بہ اکين ۾ پاڻي آڻي چون ٿا، ”ڇوڪرين مان اڄ جي وقت ۾ سک جي اُميد رکڻ اجائي آهي، پوءِ ڀرين ڏيتي ليتي جو کين وٺون؟“ اهو ئي سبب آهي جو ڇوڪري وارن جو دماغ ۾ ڏيتي ليتي وٺڻ جي چاهنا رهي ٿي، البت اهي دليل تہ بلڪل غلط آهن ۽ بي شانائتا پڻ.

مائٽ اؤلاد کي شادي ڪرائيندا آهن. شادي معنيٰ خوشي. نُنهن جي اچڻ کان

وي. تہ ٻڍن ٻڍين لاءِ نعمت آهي، جو گھر ويٺي ستسنگ ۽ سنتن جا درشن
ٿا، پڇن ٻڌڻ لاءِ ملن ٿا ۽ تيرٿن جو بہ درشن ٿئي ٿو. جتي هن عمر ۾ ٻاهر
رڻ سان خرچ الڳ ۽ تڪليفون مسافريءَ جو الڳ ٿين ٿيون. هن عمر ۾ پير
مڱائين، هٿ پيا ڏکن، اکين جي جوت بہ گھٽجي ٿي وڃي. ٻيون بہ گھٽيئي
ماريون اچي ٿيون گھيرو ڪن. تہ اهڙن ٻرڊ اوسٿا وارن لاءِ گھر ۾ وندر هجي تہ
و. پر ڪنهن کي پرواهہ آهي انهن ڳالهين جي؟
ڳالهيون ڪندي مان پڇي وينس تہ رات جي ماني ناهي رکي اَٿوَ؟ ننهن
واب ڏنو تہ اسان پنهنجي لاءِ چڪن ناهيو آهي، امان بابا ويشنو آهن، ڪين پاپڙ
ي پچائي ڏينديس (ڦلڪي سان کائڻ لاءِ) منهنجا تہ تاڪ لڳي ويا. هن عمر ۾
ند بہ سالم ڪونہ هوندا آهن. ويچارا ٻڍا رس واريءَ ڀاڄيءَ ۾ گرهہ ٻوڙي ۽ ڀوري
ئيندا آهن، سي ويچارا پاپڙ سان ماني ڪائيندا؟ اڄڪلهہ ڊاڪٽر بہ خبر نہ آهي
ھڙي صابڻ سان هٿ ڌوئي تيل ۽ گيهہ واپرائڻ جي پنيان اچي پيا آهن، چون
تيل ۽ گيهہ صحت لاءِ گھٽو هاڃيڪار آهي. هونئن تہ ٻڍڙن کي چڱو تيل گيهہ
ائي نرم ڦلڪو پچائي ڏبو آهي. بنا تيل گيهہ جي ڦلڪو تہ پاپڙ وانگر پچندو، سو
ڇارا! ٻڍا پاپڙ سان پاپڙ ڪيئن کائي سگھندا؟
سو اهو آهي ننڍن جو حال. خبر نہ آهي ڪين ڪهڙن ڪرمن جي سزا ملي رهي
هي. ڇا اؤلاد کي پالي نپائي وڏو ڪرڻ جي؟ پاڻ نہ کائي اؤلاد کي کارائڻ جي؟
ڪين هن پدويءَ تي پهچائڻ جي؟ ٻار پاڻ پارٽيءَ تان يا هوٽل مان کائي پوءِ
ھر اچن. خبر نہ آهي گھٽن ڏينهن جو فرج ۾ رکيل کاڌو، اهو اچي مائٽن کي
ين. خبر نہ آهي ڪڏهن هنن ننڍن کي سمجھہ، سمت ۽ ساڃهہ ايندي جو
نهنجي ماءُ پيءُ، جن هيتريون تڪليفون سهي ڪين پالي، پوشي لائق بڻايو آهي،
ن کي آدر عزت ڏيئي، سندن شيوا ڪري آسيس جا حقدار بڻجندا. مائٽن جي
دعائن، آسيس سان تہ ٻار وڌندا ويجھندا ۽ وسندا آهن. مان وري بہ چوان ٿي تہ
سڀ نہ ويا سنسار مان، اڃا بہ ڪي آگياڪاري ٻار آهن جي هر وقت وڏن جو خيال
رکي ڪين پيار ۽ عزت ڏين ٿا.
ڪوي بيوس چيو آهي،
غريبن جي شيوا کان نہ پايان، بندگي بهتر.
پر هاٺي ائين چئجي تہ،
ٻڍڙن جي شيوا کان تہ پايان بندگي بهتر.

”واهه ڙي اِنسان تنهنجي اِنسانيت“

برابر ڪلجڳ آهي، هاڻي سڀني کي پوري آزادي آهي، هرڪو خودمختيار آهي. اڄڪلهه جي ننڍن جي ته ڳالهه ئي نه پڇو. پاڻ کي الائي ڇا ڇا سمجهن؟ اهڙي وقت ۾ ويچارن ٻڍن جي حالت ڏاڍي دکدايڪ آهي. هو پنهنجن گهرن ۾ ئي هيڏو دکه ۽ پيڙا ڀوڳي رهيا آهن. اؤلاد کين عزت به ڪونه ٿو ڏئي، نڪي هو سندن جي آڳيا جو آدر ڪن ٿا نه وري هنن جي ڀاونائن جو قدر. ٻار اچن وڃن پنهنجي مرضيءَ سان. مجال آهي جو پڇي سگهجي ڪيڏانهن ٿا وڃو ۽ يا ڪيڏانهن ويا؟ ٻار منهن ڦيري ڇڏيندا ۽ اکيون پيا ڏيکاريندا.

اڄڪلهه جا ننڍا ماءُ پيءُ کي گڏ رهائڻ لاءِ تيار ڪونه آهن، جو هنن جي آزاديءَ ۾ رخنو پوندو، نوڪر، مايون ۽ آيائون وٺن، پر وڏا مائٽ نه. نوڪرن ۽ ماين جا نخرا سهڻ لاءِ تيار آهن، هر وقت کين خوش رکڻ جي ڪوشش ڪندا، پر وڏن جو لحاظ بلڪل نه ڪندا. ڪڏهن وڏن کي ڪرسي ريڙهي بالڪنيءَ ۾ ڪونه رکي ڏيندا وهڻ لاءِ، پر ڪتن ٻلين کي موٽرن ۾ پيا گهمائيندا. ڪتو به وڏي شان مان سان سيٽ تي وهندو آهي، جڏهن ڪتو منهن دريءَ کان ٻاهر ڪڍي، زبان ٻاهر ڪري هيڏانهن هوڏانهن پيو نهاريندو آهي، ته دل مان نڪرندو آهي،

واهه! ڪتا ڪيڏو نه آهي تنهنجو مان

اڄو بدن ۽ ناسي نشان

واهه، واهه، ڪتڙا تنهنجو شان.

هڪ دفعي ڪنهن جي گهر وڃڻ ٿيو، ان گهر ۾ سندن ماءُ پيءُ به گڏ رهندا هئا. منهنجي عادت آهي ته ٻڍي ٻڍيءَ سان به هري اوم ڀائو ۽ هري اوم ڀايي ڪري ڳالهائيندي آهيان، ائين ته مان به هاڻي وڏي سڏي آهيان (پر پاڻ کي وڏو ڪانه سمجهندي آهيان) ڏٺم ته ٻڍو ٻڍي هڪ ننڍي ڪمري ۾ جتي پلنگ تي پراڻي ۽ ڦاٽل چادر پئي هئي، ڪنڌ هيٺ ڪري ويٺا هئا، ڄڻ ته ڪو ڏوهه ڪيو اٿن. کين هال ۾ اچي وهڻ جي اجازت ڪانه هئي جو هال ۾ جيڪا ٽي.وي. رکيل آهي، اها نُنهن کي مائٽن وٽان ملي هئي. ويچارا ان وندر کان به محروم هئا،

ڪاڏي ويڙو يار، اهو ڪاڏي ويڙو يار
مونکي جنهن ڪنيون تي
جنهن ڪنيون تي بار،
ڪاڏي ويڙو يار......

١. مون تي جاتو پير هلن ٿا
اوڪا سوڪا گهاٽ ٽپن ٿا
هاڻي سمجهيم ٻيو ڪو آهي
پير هلائڻ هار،
ڪاڏي ويڙو يار......

٢. مون تي جاتو اکيون ڏسن ٿيون
طرحين طرحين جا روپ پسن ٿيون
هاڻي سمجهيم ٻيو ڪو آهي
روپ نهارڻ هار،
ڪاڏي ويڙو يار......

٣. مون تي جاتو بار اُٿن تي
ڪنيون گهمن ٿا روز پٽن تي
هاڻي سمجهيم ٻيو ڪو آهي
بار اُٺائڻ هار،
ڪاڏي ويڙو يار......

٤. انگن جو آڪار ٻي ساڳيو
ديهيءَ جو ديدار ٻي ساڳيو
سهني انگن کي جوري پوري
قدرت جو ڪرتار،
ڪاڏي ويڙو يار......

٥. ڪهي ٿيئون ڪيئن تنهن کي پايان
جنهن لاءِ مان ديوانو آهيان
جڳ سڄي هيءَ سونهين جنهن سان
سرشٽيءَ جو سينگار.
ڪاڏي ويڙو يار......

□ □

”سوامي شانتي پرڪاش جي مڪاروند مان“

اٽڪل پنجويهه سال اڳ جي ڳالهه آهي، سوامي شانتي پرڪاش مهراج منهنجي ڀاءُ هرڪشن چنديراماڻي جي گهر ۾ پڌاريا هئا. اسان جو پڦڙ جيڪو سوامي شانتي پرڪاش جو شش هو، سواميجن جو درشن ۽ پروچن ٻڌڻ لاءِ بمبئي آيل هو ۽ سواميجين جو پروگرام ڀاءُ جي گهر رکيائين. سڀاويڪ جيڪي مت مائٽ هئا، سي سڀ ڀاءُ وٽ پهچي ويا. ڪيرتن لاءِ سوامي جن هڪ درشٽانت ٻڌايو ۽ تنهن سان نهڪندڙ هڪ پڄن پڻ ڳائي ٻڌايو، جو پنجويهه سالن جي عرصي بعد به مون کان ڪونه وسريو آهي.

هڪ واپاري ڏنڌي جي خيال کان اُن تي چڙهي پاسي وري ڳوٺ ۾ مال خريد ڪرڻ وڃي رهيو هو. ڪجهه وقت ڪانپوءِ منجهند جو ٽائيم ٿيو، چيائين مان به ٿڪجي پيو آهيان، اُٺ به ٿڪو هوندو، سو نديءَ جي ڪناري ڪنهن وڻڪار واري هنڌ پنهنجي مسافري روڪيائين، پاڻ به کاڌو کاڌائين ۽ اُٺ کي به چارو وغيره ڏنائين. پاڻ پاڻي پيتائين، اُٺ به نديءَ تان پاڻي پيتو. ائين ٻه ٽي ڪلاڪ اُتي آرام ڪيائون.

ٻن ٽن ڪلاڪن جي آرام ڪانپوءِ پاڻ اُٿيو، اُٺ کي به هڪل ڪيائين اُٿڻ لاءِ، پر اُٺ اٿي ئي نه جنهن ڪري اُن کي اڳيان پنيان لڪڙي پيو هڻي ته به اُٺ نه اُٿيو. سوچيائين ته مون کاڌو، اُٺ به کاڌو، ٻنهي پاڻي پيتو، آرام به ڪيوسين، مان اُٿيو آهيان، هي ڇو ڪونه ٿو اُٿي.

اوڏي مهل هڪ ستپرش اُتان لانگهائو ٿيو، جنهن هي سڀ ڏسي ورتو، ويجهو آيو، واپاريءَ چيس ته اُٺ اُٿي ئي نٿو، ست پرش به ڪوشش ڪئي اُٺ کي اُٿارڻ جي پر اُٺ هجي ته اُٿي؟ واپاريءَ کي چيائين ته اُٺ اٿئي ڪونه. واپاريءَ ٻڌايس ته اسان ٻنهي کاڌو، پاڻي پيتو ۽ آرام به ڪيوسين. مان اُٿيو آهيان پر اُٺ اُٿي ڪونه ٿو. ست پرش وراڻيو ته هن ۾ اها شيءِ نه آهي جا کيس اُٿاري. تنهن تي سوامي شانتي پرڪاش هينيون ڀڄن پنهنجي مڪاروند مان ڳائي ٻڌايو.



چا گھران؟

چا گھران پڇوان، مان توکان چا گھران؟
تنھنجي دعا گھران، تنھنجي ديا گھران، تنھنجي ڪرپا گھران،
چا گھران......
تنھنجي مھر گھران، تنھنجي ٻاجھہ گھران، تنھنجو رحم گھران،
چا گھران......
توکان شڪتي گھران، توکان ڀڳتي گھران، توکان مڪتي گھران،
چا گھران......
نام جو رنگ گھران، تنھنجو سنگ گھران، ستسنگ گھران،
چا گھران......
تنھنجو حيلو گھران، وسيلو گھران، تنھنجو ميلو گھران،
چا گھران......
توکان چرن گھران، تنھنجي شرن گھران، توکان مرم گھران،
چا گھران......
مان رحم گھران، اپڪار گھران، اُڌار گھران،
چا گھران......
مان دان گھران، مان مانُ گھران، مان شان گھران،
چا گھران......
مان توکي گھران، مان توکي گھران، مان توکي گھران،
ھيو ڪجھہ نہ گھران، مان توکي چاھيان، جيئن توکي وڻان.

سائينءَ جي اوٽ

اوٽ وٺي ٿم سائين تنهنجي،
آچي سار تون لهجانءِ منهنجي.

(١) ڪيڏا ڏينهن سنڀاريو ٿم،
درشن جي لاءِ در پيٽيو ٿم،
ياد ۾ روئي دلڙي منهنجي،
آچي سار تون لهجانءِ منهنجي.

(٢) ٻلهار وڃان تنهنجي درشن تان،
وڃان گھورجي گڻ وچنن تان،
صدقي تو تان ديهه آ منهنجي،
آچي سار تون لهجانءِ منهنجي.

(٣) نياري نياري صورت تنهنجي،
ٻڳتن تي رکہ درشٽي پنهنجي،
درشن پياسي هر هڪ پل جي،
اوٽ وٺي ٿم سائين تنهنجي.

(۴) شرن چرن ۾ 'آننت' داسي،
تو بن پل پل آهہ اُداسي،
سائين ڪر سويڪار وينتي،
اوٽ وٺي ٿم سائين تنهنجي.

ڪيون اسين بہ تياري هاڻي

١- گهڻو ئي گاڏوسين ۽ پيتوسين،
گهڻو ئي چوڙيوسين ۽ ماڻيوسين،
هاڻي ڪيون تياري.

٢- هيءَ دنيا آهن درنگي ڪيڏي رنگبرنگي،
ڪوئي نہ هتي سائي، ڪوبہ ٿيندو سنگي،
مون ڪا آس نہ ڏاري.

٣- دنيا هيءَ نياري- تڏهن بہ آهي پياري،
ڪر بندا تون تياري، پير ڏري وهنواري،
اڳتي وڏي سواري.

٤- منزل آهي اوڪي - آهي پري ڪنارو،
سائينءَ جو آ سهارو، پري اهو پندارو،
ٻي ڪا آس نہ ڏاري.

٥- در جي آهيان داسي- آهيان 'اَننت' پياسي،
مالڪ ڪج نہ اُداسي، رکجانءِ من اُلهاسي،
سڦلي ٿئي پچاڙي- هاڻي ڪيون تياري.

● جيون ۾ اَهڙو بہ موڙ اَچي ٿو، جڏهن من سنساري سکن ۽ دنيوي پدارٿن کي پاسيرو ڪري ست مارگ تي وڪہ وڌائڻ ۽ سنت ساهت ۾ رُچي رکڻ لڳي ٿو. اوهان جو پستڪ آتمڪ آنند ۽ روحاني راحت، چت جو چئن، من کي موت ڏيڻ لاءِ سٺي مواد سان سهٽيءَ چپائيءَ جي هڪ سوکڙي آهي.

_ گوورڌن شرما 'گهايل'

گيت

تنهنجي آهيان - تنهنجي آهيان

جهڙي آهيان - تهڙي آهيان
جيڪا آهيان - تنهنجي آهيان.

- سياڻي يا ڪ اَياڻي آهيان،
پليل پنڪيل اُلجهيل آهيان.

- ڪي ٻہ ڪين ڪُجهي سگهان ٿي
من ۾ ڏاڍي منجهيل آهيان.

- چُپ رهان گنڀير ٿا سمجهن،
ڳالهين ڪي هو گوڙ ٿا سمجهن.

- گهر مان نڪران پنڪيل سمجهن،
پنيان منهنجي بڙبڙ پيا ڪن.

- پيٽ ڀري کائڻ تي مُهڻا،
وڪڙ بک جا پيٽ ۾ سهڻا.

- خرچ ڪريان ٿي باهہ لڳين،
بچت ڪيان ڪنجوس چون.

- ها ۾ ها بہ ملايان ڪنهن سان،
ڪنهن سان سور سليان هي دل جا.

- ڪيئن ڪريان ساراهہ ٻڌايو،
ڪهڙي واهہ وٺان سمجهايو.

- ’آننت‘ پڇن ٿا آهيان ڪير؟
ڪيئن ڀريان هڪ جهڙو پير.

منهنجي اَمڙ

دائم جيڪي دل ۾ آهن- تن جي ياد نہ مٽجي ويندي،
چنڊ ستارن وانگر چمڪن، لاٽ انهن جي قائم رهندي.

هيءَ ويل هئي ڪين تنهنجي وڃڻ جي،
اڪيلي ڇڏي پاڻ اُڏامي وڃڻ جي.

- خبر ناهہ ڪهڙو تو سپنو لڌو هو،
خوابي دنيا ۾ رکيہ پير ڇو؟

- زمان حال، ماضي نہ پوئيشيہ ڏٺيہ،
اڪيلو ڇڏي وڪہ اڳتي کڻيہ.

- لنبو عرصو ٻنَ ٻر ۾ گهاريو اٿم،
تڏهن پڻ نہ ڪنهن کي ٻڌايو اٿم.

- لُڪي تو اَندرُ، مرڪ چپن تي بہ پو،
جو ڏيکو ٿيو هاڻ سوچيان بہ ڇو؟

- دنيا جا لنگهي لَڪ صبر سان وڏان،
پاٺو ڏٺيءَ جو ٿي سمجهي سگهان.

- ٿئي جو بہ تو ڪنهن جي وس ۾ نہ آ،
اِنسان هميشهہ ٿي بيوس تہ آ.

- پارت ڪيئہ منهنجي چاچين کي جيئن،
ولي خاطري اڪہ ڪيئہ بند تيئن.

- دک آهي دل ۾ پر نہ ڪا شڪايت،
ڪِپي اَمڙ تنهنجي مهر ۽ عنايت.

- هجين تون جتي شاد آباد رهہ،
وسرين نہ دل مان سدا ياد رهہ.

- گذري گهڙي ڪجهہ بہ ورڻو ئي ناهي،
ليکو جو ڪرم ۾ سو ٿيڻو ئي آهي.

- ڪيان ڪيئن شڪايت جا سائينءَ جي فطرت،
قادر جي ڪرپا جي ساري آ قدرت.

- 'آننت' جي اندر ۾ سدا تنهنجو ڏيرو،
اُنهيءَ جي بہ جيون ۾ ايندو هيءُ ڦيرو.

- ڪندو مهر مالڪ ڏٺي پاڄهہ وارو،
سندس اوٽ ورتم، اَجهو ۽ سهارو.

گيت

سائين سدا سنگ

کيو آهي دنيا مونکي ڏاڍو تنگ
مان نربل ناري کيان کيئن جنگ
صرف سانت چت سان ڏسان سارو رنگ.

(١)

دنيا جي گردش آ ڏاڍو ستايو
جاکوڙ هوندي به نه ٿيو ڪجهه سجايو
پنهنجا هٿن پيا جڏهن زهري ڏنگ.

(٣)

دنيا مان بڻيو آهه من هيءُ ويڳاڻو
ڇڏي چا هڏايان اوهين خود ٿا ڄاڻو
جيئرو رهڻ جو نه ڪوئي اُمنگ.

(۴)

سائين ڪڏهن کين ڪنهن کي وساري
ڀَوَ ساگر هو تو سيڻي کي تاري
نڀاهيندو پنهنجو اَچي پاڻ ننگ.

(۵)

توهان پاڻ سوچيو توهان پاڻ سمجهو
ڪوڙن مترن لاءِ اَجايو نه نڳجو
عزت سزا سڀ آ ڀڳو پاڻ پنگ.

(٦)

دنيا جون رمزون ۽ رسمون نه ڄاڻان
آڏيون ڦڏيون کين راهون سڃاڻان
مونکي تون هڏائج صحيح ڪوئي ڍنگ.

(٧)

اُداسيءَ ۾ 'آننت' سائين سهائي
من جا منجهارا ڪڍي تو سدائين
سدائي آ حيات هرڪنهن سان سنگ.

شهر توهان جو نئو وسري

(۱) رمجهم رمجهم بادل برسن،
گل ڦل گلشن اندر ٽڙن،
سهڻي شهر جي ساوڪ سوڀي،
شهر توهان جو نئو وسري.

(۲) هري رام هرڪشن مندر،
سهڻيون سندر صورتون اندر،
ڏسندي من کي موج اچي،
شهر توهان جو نئو وسري.

(۳) اوچيون اوچيون اَڏيل عمارتون،
جڻ ڪ گگن سان ڳالهيون ڪن ٿيون،
سهڻا سهڻا سئنيما گهر،
شهر توهان جو نئو وسري.

(۴) آهي وڪ وڪ تي هوٽل،
مال مليدن ساڻ ڀريل،
ڪائي پيٽ ڀري ڪو پل،
شهر توهان جو نئو وسري.

(۵) ماتا وئشنو ديوي مندر،
سائين بابا دعا جو در،
هر هر تن جي ياد اَچي،
شهر توهان جو نئو وسري.

(٦) ’آننت‘ نہ بيهجان دل لاهي،
سائين سڀ جو راکو آهي،
بَنَ مان باغَ جڏي بڻائي،
شهر توهان جو نئو وسري.

(احمدآباد شهر کان متاثر ٿيندي)

پڪوڙا پيسوءِ وارا

(۱)

سڳنڌ پڪوڙن جي هرڪائي
ڪائڻ لاءِ دل ٿي سرڪائي
تڏهن تہ ڪان ٿي اُهي لڪائي
پڪوڙا پيسوءِ وارا.

(۲)

پاسي ۾ ترجن ٿا پڪوڙا
دل ٿي سُرڪي سوَ سوَ ڦيرا
وڃان ٿي يڪدم مان ڀرڪائي
پڪوڙا پيسوءِ وارا.

(۳)

آلو ۽ مصالح وارا
ميٿي بصر واڱڻ وارا
گوبيءِ جا پڻ لڳن پيارا
پڪوڙا پيسوءِ وارا.

(۴)

جاڻ پيئي جي ٻارن کي
ڏيندس ناهي پيارن کي
گهر جا نهيل نرم نيارا
پڪوڙا پيسوءِ وارا.

● سچ پڇ تہ تنهنجي لکٽي ڏاڍي وڻي ۽ لڳي پيو جيئن ننڍپڻ ۾ ناني ۽ ڏاڏي ٻارن کي سٺيون سٺيون ڪهاڻيون ٻڌائي سندس چريتر ناهڻ جي ڪوشش ڪنديون هيون ان طرح هن ڪتاب ۾ سندر ۽ سنسڪاري ڪهاڻيون آهن.

– سيرومل تلسياڻي (دهلي)

صاحب جي رک سار

صاحب جي رک سار - سکي تون - باقي سڀ وسار،
سائين سڀ جو آ، اُڌار - پل ۾ ٻيڙا ڪري تو پار،
صاحب جي رک سار.

١- ڪٽنب قبيلا ڪم ايندا - پنهنجا پڻ ڏاڍا ڏک ڏيندا،
پنهنجو پاڻ سنڀار - سکي تون - صاحب جي رک سار.

٢- هن ٻه ڪيو ڇا، هُن ٻه ڪيو ڇا؟ ڪنهن کي ان مان خاص مليو ڇا؟
ڪوڙي سڀ اُپنار - سکي تون - صاحب جي رک سار.

٣- جڳ جي ڇڏ پڇار اجائي - جيون ۾ پر تون سرهائي،
پنهنجو جنم سڌار - سکي تون - صاحب جي رک سار.

٤- آندو ڇا ۽ ڇا تون نيندين - خالي آئي خالي ويندين،
سمر نام هر وار - سکي تون - صاحب جي رک سار.

٥- جوڙين ڇو تو جوٺا ناتا - بند ڪري ڇڏ کوٽا ڪاتا،
مطلب جو وهنوار - سکي تون - صاحب جي رک سار.

٦- ڪوڙن سان من ڪين لڳايو - سائين سان هر وار نڀايو،
رام نام اُڌار - سکي تون - صاحب جي رک سار.

٧- مالڪ پُڻ پُڻ ۾ سمجهائي - جو نہ ٻڌين مورک ڪن لائي،
هن جي پريم پڪار - سکي تون - صاحب جي رک سار.

٨- ڪرڻ ڪرائڻ وارو آهي - جيئن چاهي تو پيو هلائي،
هن جي سڀ اختيار - سکي تون - صاحب جي رک سار.

٩- مال خزانا ڪم نہ ايندءِ - ماڙيون محل سنگ نہ هلندءِ،
پوءِ ڇا جو اهنڪار - سکي تون -صاحب جي رک سار.

١٠- ’آننت‘ جو آ عرض اِهو ئي - سمجهي مڃ تون فرض اهو ئي،
سائين پالڻ هار- سکي تون - صاحب جي رک سار.

خط جو انتظار

(۱)

در ۾ ڪيڏيون اکيون کُپايان
راهه نهاريءَ جي واجهايان
ايڏي خط ۾ دير وڌائين
ڪنهن کي پنهنجا سُور ٻڌايان
تـہ بہ اُميدن جو آ سعايو
اڃا نہ هن جو خط ڪو آيو.

(۲)

مجبوريءَ ۾ قاتل هوندو
يا ڪنهن ڪم ۾ رُڌل هوندو
روح سندس آ رمتو جوڳي
مشغولين ۾ موڙهيل هوندو
اوسيڙي ۾ وقت وڃايو
اڃا نہ هن جو خط ڪو آيو.

(۳)

ڪيڏو پاڻ کي ٿي سمجهايان
جو چنتا ۾ وقت وڃايان
خط ناهي پڪ هوندو سرهو
ڳڻتي ڳارو نور پڇايان
''آننت'' من کي ٿي سمجهايان
اڃا نہ هن جو خط ڪو آيو.

سائين بابا

ٽيو ڀاڳ سيڻي جو آهي ڀلارو،
سائين اسان جي آڱڻ ۾ آ پڌاريو.

(۱)

نچان ۽ ٽپان، جهمريون پايان،
بابل اڳيان پنهنجو سر ٽي جهڪايان،
بابل سيڻي جو آهي سهارو،
آڱڻ اسان جو آهہ پڌاريو.

(۲)

اَچو تہ ڀينر گڏجي ڳايون،
سائينءَ جو سنمان وڌايون،
جيڪي هر ڪنهن لاءِ باجهارو،
آڱڻ اسان جي آهہ پڌاريو.

(۳)

ڪشٽ ڪٽيندو سکڙا ڏيندو،
دائم پاڻ ديالو ٿيندو،
جو تہ سيڻي کان آهہ نيارو،
آڱڻ اسان جي آهہ پڌاريو.

(۴)

خوش آهيان جو ڀاڳہ وريا ٿم،
جن لاءِ هيءُ سڀ راڳہ اُچاريم،
بخشيندو داتا دل وارو،
آڱڻ اسان جي آهہ پڌاريو.

پڄڻ

سائين منهنجو آهہ ستار

هرروز وندن کريان هزار،
دين دکين جو تون داتار

(١) کهڙي تنهنجي مهما ڳايان،
مکہ سان ڪيئن چئي ٻڌايان،
تون تہ گڻن جو اکٽ ڀنڊار،
تون ئي صاحب ست ڪرتار.

(٢) جهومو ڳايو موج مچايو،
جڳهہ جڳهہ تي ديپ جلايو،
روشن ٻڌجي گروءَ دئار،
هر ڪنهن کي تنهنجو آڌار.

(٣) سدگڻن جا ڳهڻا پائي،
ڀڃائي نفرت دور ڀڄائي،
ونڊي سڀ سان پورو پيار،
تون سنيهہ جو ئي سردار.

(٤) واجهہ وجهي تو لاءِ واجهايان،
چاهيان ور ور درشن پايان،
اُميد اَٿم ٿيندو ديدار،
نيٽ تہ کلندو تنهنجو دئار.

(٥) ڪنهن کي پنهنجو حال ٻڌايان،
پاڻ ٻڌائي پاڻ لڪايان،
تون ئي سڀ ڪجهہ جاڻڻهار،
تون ئي آهين بخشڻهار.

(٦) مون ۾ اوگڻ آهن ڪيئي،
معاف ڪندين تون اُهي سڀئي،
مان موڙکہ ۽ لاچار،
منهنجا مالڪ مونکي تار.

(٧) 'اَننت' تہ آهہ اُداس سدائين،
تون ئي من جي مونجهہ مٽائين،
مان ڄاڻان تون بخشڻهار،
ور ور وندن کريان هزار.

اوم شري گڻيشايہ نمهہ

وگهن ونائڪ لعل - گهڙي اچ گهر ۾،
گهڙي اَچُ گهر ۾- اکيون منهنجون در ۾،
پاروتيءَ جا لعل - گهڙي اَچ گهر ۾.

(۱)

نانءُ تنهنجي سان جڳت هلي ٿو،
ان بنان ڪجهہ ڪين بڻي ٿو،
ننگ رکين ننگ پال - گهڙي اَچ گهر ۾.

(۲)

پريم سان تنهنجو جاپ ڪري هو،
پوءِ ساگر مان پار تري ٿو،
درشني سندءِ وشال - گهڙي اَچ گهر ۾.

(۳)

تو بن هرڪو ڪاريہ اَڌورو،
ديا ڪندين سو ٿيندو پورو،
آهين عجيب مثال - گهڙي اَچ گهر ۾.

(۴)

نانءُ وٺڻ سان راحت ٿئي ٿي،
خوش ٿي ساري سنگت نچي ٿي،
تنهنجو اِهو ڪمال - گهڙي اَچ گهر ۾.

(۵)

گلن ڦلن جي ڀيٽ چڙهايان،
جوتيون هاريان گيت ڳنجايان،
هر ڪنهن جا سُڻُ سوال- گهڙي اَچ گهر ۾.

....

وگهن ونائڪ لال، گهڙي اَچ گهر ۾،
پاروتيءَ جا لال - گهڙي اَچ گهر ۾.

ماتا منهنجي جهولي

جهولي منهنجي جيجل جهولي،
منهنجي اَمبي ماتا جهولي،
منهنجي درڳي ماتا جهولي.

(۱)

در تنهنجي تي جيڪي آيا،
لايا تن جا ڀاڳ سجايا،
تو لاءِ ساري سنگت جهولي. جهولي.....

(۲)

ڏک سک ۾ ڀا توکي ڏيائون،
ٻَدي ٽلائي - نيڪي پايون،
دل نہ ڪڏهن ڀي ڊولي. جهولي.....

(۳)

تون ئي درگا، تون ئي لڪشمي،
تون ئي اَمبي مات ڀواني،
من منهنجو ائين ٻولي. جهولي.....

(۴)

’آننت‘ تنهنجي در جي داسي،
تنهنجي درشن جي اڀلاشي،
ڪين ڇڏيم تون رولي. جهولي......

آزاد نظم

دلدار

١. دکہ درد دل ۾ سانديي،
دنيا کي کلي ڏيکاربو آهي،
ائين نہ ڪندين تہ،
چوندا رکو روح آهي.

٢. ڪنهن کي نہ آ پرواهہ،
تنهنجي دل رکڻ لاءِ،
وينو پوءِ پنهنجيءَ مت سان،
نهاريندي نفرت سان،
تہ چوندا منحوس آهي.

٣. ڪنهن سان بہ کلي نہ ڪيڪاريندين،
پيو اندر ۾ الجهندين،
هر ڪنهن ڏانهن شوڪي نهاريندين،
تہ چوندا هو سو ہٹُ آهي.

٤. هجن پل دکن جا انبار،
تہ بہ مک تي هجي 'آننت' پيار،
وٽندڙ هجي هرکو وهنوار،
دنيا چوي تہ ''دلدارو آهي''.

پڄڻ

سائين رام

(١) صدقي مان صدقي اَڄ سائين آيو،
اَڄ سائين آيو- واڌايون ورايو.
صدقي مان صدقي.

(٢) ڦيريون چو نہ پايان- لاڏا چو نہ ڳايان،
پنهنجي بابل کي آءُ گهر ۾ گهرايان،
صدقي مان صدقي.

(٣) مليو مانش جنم آهہ- ڇڏيو نہ وڃائي،
هڪ ئي سان هلندي، هلون پيار جاڳائي،
صدقي مان صدقي.

(۴) گڏجي سڀئي اَڄ خوشيون منايو،
ساريءَ ساڌ سنگت جو ٿيندو لايو سڄايو،
صدقي مان صدقي.

پڄڻ

اَنمبي ماتا

ڪري مئيا منهنجي رکوالي - منهنجي ماتا ڀولي ڀالي.

(١) اَمبا کي من اندر وسايو، پريم ڀاوَ سان سيس جهڪايو،
دک درد مٽائڻ واري،
ڪري مئيا منهنجي رکوالي.

(٢) ڪري شير تي ماتا سواري - اَچي اسان جي اَگهڻ چوڌاري،
آهي ماتا شيرا والي،
ڪري مئيا منهنجي رکوالي.

(٣) اَچو تہ پينر گڏجي ڳايون- ماتا جي دلڙي بهلايون،
پريم جي جوت جڳائڻ واري،
ڪري مئيا منهنجي رکوالي.

(۴) پياري سنگت خوشي منايو - گلن جي برکا وسايو،
ٿئي نہ جهولي ڪنهن جي خالي،
ڪري مئيا منهنجي رکوالي.

MAN OF THREE CENTURIES

9th May 2003 will allways be a red letter day. The patriarch of the Chandiramani family, Dr. Kauromal M. Chandiramani, turned 105 makin him probably the oldest living physician (GP) in Ind

- Verus Ferri

Born on 9th 1899, Kauromal Menghraj Chandiramani was born in the 19th century, village known as Sadhuja Taluka Moro, district Nawabshah Sind, Pakistan, As a child, Kauron parents strived hard to give him a good education, even going to the extent of sending him to neigbouring village, 8 hours away to stay as a boarder in order to master the English langua Crossing the distance on camel, Kauromal would return every weekend to be with his pare Known for his calm and cool temperament, his classmates lovingly addressed his as "Kauro saint."

After completing 6 years of scholastic term, he decided to change the course of his li Seeing the miscry, poor health standards and epidemics of Plague and Cholera causing hi mortality in his village, he decided to become a doctor which was considerd to be the most no and honourable profession in those days.

In 1915, he married Purlbai at the tender age of 16. They were blessed with four daught and a son, namely Radha, Alim, Ishwari, Mira and Indra.

Pursuing the medical profession, he passed his L.C.P.S. examination from the College Pysicians and Surgeons of Bombay and became a qualified doctor in 1923. At the age of 24 joined government service as a Medical Officer in Sind in 1924. During his time there, he w nessed loot, arson and killings in Pakistan in the afrermath of the partition and even had a clo shave with death. He was appointed as a Medical Officer in Bombay. Medical Services, while Sind. Even today he still continues to receive a voting paper from the Maharashtra Medic Council as the registered Doctor With the medical council since 22.9.1923 when he passed th L.C.P.S. examination.

But tragedy struck in 1944 when he lost his wife. He soon moved over to India with hi family after the partition and came as a refugee doctor in January 1948.

Prior to his migration to India, he was sent by the Government of Sind-British to Aaen t attend to anti malaria duties where he was deputed for a period of three months.

He rejoined government service as a Medical Officer for the Maharashtra Government an retired form Wai in 1957, after which he returned to Baroda and then to mumbai and started hi own general practice from 1957.

Dr. Kouromal was pro-Gandhian in his thinking and phillosophy, but couldn't take part in the liberation movement of Indin from the slavery of British Raj, due to his commitment to his medical profession for which he came to be known as the white dressed, khadi clad doctor. His ambition in life was to serve the humanity through the knowledge of his medicien for he strongly believed that *"The Servive of man is worship of God."*

Says he slowly, but confidently "I used to treat patients with the latest medicines available. We never used ayurvedic in our time. There was no antibiotics, no TB, and no cancer drugs. Cancer was never diagnosed. We never had diagnosis done. If a patient died, we believed that it was the will of God. We only used X-rays." To date he has performed catatcat operations, abscess

دوھا

(۱) جڀي زبان سان رام، پر چت ۾ رهي نہ جاءِ،
ڪين ملي ڀڳوان ڀلي تون ڪنن ۾ ڪنڊل پاءِ.

(۲) منهنجي من ۾ پيدا ٿي ويو آهي مونجهارو،
بيدرد زماني ۾، آخر ڏيندو ڪير سهارو.

(۳) نيڪي ٿيندءِ هر ڪنهن جي ڀلو پيو ڪندين،
توکي هرڪو ياد ڪندءِ ۽ دلين ۾ رهندين.

(۴) انسان بڻي انسانن سان پنهنجو شان وڌايو،
سنگدل ٿي نہ ڪنهن سان ڪوڙو ڪڏهن ڳالهايو.

(۵) مک تہ رام هجي، پر جي چت ۾ رهہ نہ ياد،
ڪين ملي ڀڳوان انهيءَ مان مڙئي ٿئي برباد.

(٦) ڪول نہ اوڳڻ تون ڪنهن جا، ڳڻ ڳراهي ٿيءُ،
سائين ڪندءِ مرادون پوريون سُکي ٿيندءِ جيءُ.

(۷) جهولي جَهلڻ ۽ هٿ وڌائڻ، آهي لوڀي ريت،
ان عادت کان پاسو ڪر ۽ پاءِ پريوءَ سان پريت.

(۸) ڪانئر بزدل سست ٿيڻ سان ملندءِ ڪي ڪين،
محنت ۽ جاکوڙ ڪرڻ سان ملي ٿو ڦل يقينن.

(۹) اُلا اکين ۾ دل ۾ دونهون، ايڏو غصو نہ ڪر،
وقت اَچڻ تي نيڪ ٿي ويندو، ٿورو ڌيرج ڌر.

(۱۰) گنهگار کي پاڻهي پنهنجي سزا ڏئي ٿو سائين،
'اَننت' ڪير تون، جو ٿو پنهنجي ائين ٽنگ اڙائين.

incisions, removed bullets from the injured and performed other minor surgeries although he was a practicing General Practitioner and not a surgeon.

Belonging to the Sahity Sindh, he is a prolines writer and has contrbuted several articles in Hindvasi paper. He has translated two books from English to Sindi and published them under the titles of "Shandar Zindagi" translated from "Steps towards Nobler Life." and "Saphalta Jo Marg." translated from "Chart your way to Success."

On his 100th birthday he was felicitated by late Mr. Oliver Andrade who was the architest of Bandra's most famous landmark. Joggers Park and by the then Mayor of Mumbai, Shri Hareshwar Patil. Besides this grandson Dr. Vijay and grand daughter Dr. Manju Navani came down from the U.K. especially for the occasion. Many Sindhi organisations in Mumbai, also organised special functions in his honour.

A meeting with Dr. Kouromal and you'll feel his soft and slow diction all around. His voice and fair complexion is reminiscent of a perfect Britisher. His wrinkled face, speaks of his age. His memory it still razor sharp, for he even, remembers the names of a few patients, not forgetting the road on which his dispensary still exists. "Even though I retired in 1957, I still continned my private practice from 1958- 1999. It was only after my son Dr. Alim forced me to stop at the age of 99, did I give him the keys to my dispensiry. Even today my regular patients ask my childern, where is baba?"

The canturios has had no major health problems during his long life except for a cataract operation at 90. He can read and write perfectly well. Though his hearing has grown weak, he still doesn't have a major problems. What's more, he can even move about without a walking stick. Obviously his bone structure has not aged very much. He also practices Yogasana, Pranayama and meditation. He has been a staunch vegetarian all his life and has no vices. He keeps his body fit by observing daily phsical exercises.

Dr. Kouromal is looked after by his daughter-in-law Dr. Devi and his son Dr. Alim. Says Dr. Alim "Recently we took my father for an X-ray and when the ream of doctors saw it, they estimated the patient's age to be between 60-65."

Dr. Kouromal is a very religious person and wants nothig more from life. "I think I have lived life to the fullest. I had never thought I would live a 100 years. If one wants to lead a long life the secret is to begin when one is a child and lead a clean life, minus alcohol, smoking and chewing paan. Every morning when I get up I thank God for giving me a good night's rest and before I sleep at night. I thank him for the day that he has given me. I helieve that it is no use for a person to go to a temple, church or mosque to pray. You can talk to God anywhere." This is true, for Dr. Kouromal has a book by his bedside table in which he daily writes 'Mera Shiv Baba' which means 'My God' on one whole page.

His children have taken a cue from his profession and have continued in his footsteps. His son, Dr. Alim K. Chandiramani is a renowned surgeon of Bombay and an ex-senior surgeon of Hinduja Hospital while his wife Dr. (Mrs.) Devi A. Chandiramani is a lady gynaecologist. Dr. Kouromal has 11 grand children of which 4 went on to become doctors. Dr. Vinod Chandiramani is attached to Hinduja Hospital as a consultant General Surgeon with specialisation in Laparoscopy and Breast Cancer. His youngest grandson Dr. Vijay Chandiramani has achieved an outstanding distinction having passed F.R.C.S. in General Surgery and F.R.C.S. in Urology and has been selected as consultant in the superspeciality of Urology in Manchester U.K. while Dr. Manoj is a Radiologist and Sonologist. His London based grand daughter Dr. Manju Navani is a Gynaecologist having passed M.R.C.O.G. (London).

Dr. Kauromal has 21 great grand children and 1 great great grandchild. Truly a man of 3 centuries and 5 generation

By: Verus Ferreira

From : My Doctor - Nov-2003 (Special Produce)



(ڊاڪٽر عالم ۽ ڊاڪٽر ديوي چنديراماڻي (دادا جو پٽ ۽ ننهن)



دلدار دادا ڊاڪٽر ڪوڙومل چنديراماڻي پنهنجي ڪٽنب پريوار سان